


# رني ڪوٽ جو خزانو

(ڪهاڻيون)

امر جليل

ايڊيشن

2007

نيو فيلڊس پبليڪيشن ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد

# فهرست



| موضوع | صفحو نمبر |
|---|---|
| مهاڳ | 3 |
| گهاءُ | 8 |
| محرم علي | 22 |
| هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جا ڳولا | 33 |
| آدم جي ماءُ | 46 |
| ساڻو ساڻو ساهه | 58 |
| مان ديواس نه آهيان | 72 |
| ڇتي ڪتي جو موت | 82 |
| ڪپيل ٻانهن جو وارث | 92 |
| هڪ دور جو ماتم | 107 |
| سنڌي گدڙ ان اسلام آباد | 120 |
| رني ڪوٽ جو خزانو | 130 |

## مهاڳ

# خاموشيءَ جو آواز

تون ايتريقدر سان مون ڏانهن ڇو ڏسي رهيو آهين!
مان ڪارونجهر آهيان. مان موهن جو دڙو آهيان. هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويو آهيان. منهنجي وجود ۾ ڪو بہ آواز نہ آهي. منهنجي وجود ۾ زندگيءَ جو ڪو بہ آثار نہ آهي. مان تاريخ جو بيزبان شاهد آهيان. ماڻ جي بيابانن ۾ گم ٿي ويو آهيان. سانت جي سمنڊ ۾ لڙهي ويو آهيان.
پر، تون ايتريقدر غور سان مون ڏانهن ڇو ڏسي رهيو آهين! اهو ڄاڻندي بہ، تہ مان هينئر هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويو آهيان، تون ضد ٻڌي بيٺو آهين تہ مان ڳالهايان. ڪجھ چوان! تعجب آهي. سوچيو هيم، تون تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾ مون کي ڳالهائڻ نہ ڏيندين- مون کي چپ چورڻ نہ ڏيندين. شايد، مون کي ڪڏهن بہ ڳالهائڻ لاءِ نہ چوندين! سچ پڇين تہ مون پنهنجيءَ دل مان ڳالهائڻ جي تمنا کي تڙي ڪڍي ڇڏيو آهي ڇا رکيو آهي ڳالهائڻ ۾ يَ ڪجھ چوڻ ۾! ائين برابر آهي تہ شروعات ۾ مون کي پنهنجي ماڻ کان وحشت ٿيندي هئي. خاموشي ازل جي عذاب وانگر محسوس ٿيندي هئي. پر پوءِ، تاريخ جي هڪ دور کان ٻئي دور تائين آواز کان محروم زندگي گذارڻ کانپوءِ ،منهنجي وجود مان خاموشيءَ جي احساس جو ڊپ نڪري ويو آهي. ڪوبہ خوف جو واسينگ دامنگير نہ آهي. مون ماڻ جو زهر پي ڇڏيو آهي. مان هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويو آهيان.
پر، مون کي خاموش ڏسي تنهنجي چپن تي مڪروهہ مُرڪ ڇو تري آئي آهي! متان اهو سمجهين تہ مون ڪو خاموشين سان ناهہ ڪري ورتو آهي! نہ. هرگز نہ. اهو امڪان کان ٻاهر آهي. خاموش ٿيڻ جو مطلب خاموشين سان ناهہ نہ آهي. ها، ائين ضرور آهي، جو لاڳيتو خاموش رهندي،آواز کان محروم زندگي گذاريندي. مان هينئر خاموشيءَ جي علامت ٿي پيو آهيان. مان ڪنهن سنگتراش جو اڻپورو بت آهيان. تڪميل جي آس ۾ مون ڇيڻيءَ جي آواز لاءِ واجهائڻ ڇڏي ڏنو آهي.

تون منهنجو سنگتراش نہ آهين. مان تنهنجي تخليق نہ آهيان. تنهنجي هٿ ۾ ڏاڍ ۽ ڏهڪاو جو ٺيڪو ڏسي مان هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويو آهيان. تاريخ جو وهڪرو خاموشين جي رڻ ۾ جذب ٿي ويو آهي. منهنجي تاريخ لکڻ واري مورخ پنهنجي قلم سان پنهنجيون اکيون ڪڍي ڇڏيون آهن. پر، صدين تائين مون ڪي خاموش ڏسڻ جي باوجود توکي ڪيئن خيال آيو تہ مان هينئر ڳالهايان، ڪجھ چوان! تنهنجا لک ٿورا، جو مون ڪي ڳالهائڻ لاءِ چيو اٿئي. مان تنهنجو احسان وساري نہ سگهندس.

سمجهان ٿو، تنهنجا ڪن منهنجو آواز ٻڌڻ لاءِ منتظر آهن. ڏسان پيو تہ منهنجي خاموشي توکي بيچين ڪري رهي آهي. پر، ڇا ڪريان جو تنهنجي حڪم جي پيروي منهنجي لاءِ ممڪن نہ آهي. مان ڳالهائي نہ سگهندس. منهنجي مسلسل ماٺ کي پنهنجي حڪم جي خلاف ورزي نہ سمجهجانءِ! مان تنهنجو ڪوبہ حڪم ٽاري نہ سگهندس. تنهنجو هر حڪم منهنجي لاءِ هٿ ٺوڪيو قانون آهي. پر، ڳالهائڻ منهنجي وس ۾ نہ آهي. مان ڳالهائي نہ سگهندس. اکر اُڪلي نہ سگهندس. تو مون کي ايتريقدر خاموش رهڻ تي مجبور ڪيو آهي، جو تنهنجو هاٺوڪو حڪم اوپرو ٿو لڳي. مان ڪجھ بہ چئي نہ سگهندس. خاموشين جي آواز مان موٽي نہ ايندس. ڪنهن سيتا جو سڏ نہ ٻڌندس.

ڄاڻان ٿو، تون منهنجي واتان ڪجھ ٻڌڻ چاهين ٿو، منهنجي هٻڪ ۾ پنهنجي ڏهڪاءُ جو عڪس ڏسڻ چاهين ٿو. پر، ڳالهائڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. متان سمجهين تہ مان ڳالهائڻ نہ ٿو چاهيان! نہ نہ. ائين نہ آهي. مون کي سمجهڻ ۾ متان ڪا غلطي ڪئي اٿئي. تون اجايو شڪ جو شڪار ٿي رهيو آهين. هن دور ۾ چاهيندي بہ مان ڳالهائي نہ سگهندس. ها، تاريخ ۾ اهڙا انيڪ دور آيا ۽ گذري ويا، جڏهن مون ڳالهائڻ لاءِ ضرورت محسوس ڪئي هئي. مون گهڻو ڪجھ چوڻ ۽ توکي ٻڌائڻ چاهيو هو. اهو دور گذري ويو. مون صدين کان ڳالهائڻ لاءِ ڪابہ ضرورت محسوس نہ ڪئي آهي. بيڪار سمجهان ٿو ڳالهائڻ کي! هينئر مان هر دور ۾ خاموش رهندس. چاهڻ جي باوجود ڳالهائي نہ سگهندس. ٻدمت جو اسٽوپا ٿي جيئندس.

خاموش ٿي وڃڻ ڪانپوءِ انسان ڏاڍا عجيب خواب ڏسندو آهي. هو اهڙا خواب ڏسندو آهي، جن جي تعبير هو پنهنجين اکين سان ڏسي نہ سگهندو آهي. مان بہ خواب ڏسندو آهيان. چاهڻ جي باوجود مان پنهنجن خوابن جو ذڪر توسان ڪري نہ سگهندس. تون خوابن جو دشمن آهين. توکي ڪجهہ ٻڌائي نہ سگهندس. مون کي اِن ڳالهہ جي بہ پڪ آهي تہ خاموش ٿي وڃڻ ڪانپوءِ جيڪي خواب مان ڏسندو آهيان، انهن خوابن جي تعبير مان پاڻ ڏسي نہ سگهندس. منهنجي بدران، منهنجن خوابن جي تعيبر ٻيو ڪو نسل ڏسندو ۽ منهنجي خاموشيءَ جو ذڪر نوحن ۾ ڪندو. خاموش رهڻ وارن جو هڪ نسل، باهہ جو مچ ٻاري، اونده ۾ الاءُ ڪري گذري ويل خاموش نسل جو ذڪر ڪندو آهي. ڪين ڳيچن ۽ ڪهاڻين ۾ ياد ڪندو آهي. اهڙي گذري ويل نسل جو ذڪر تاريخ ۾ ورلي ايندو آهي. اهڙو نسل ادب جي ميراث ٿيندو آهي.

تون اجا تائين حيران آهين، تہ مون وات مان اکر نہ اکليو آهي! مون ڳالهايو چو نہ آهي! سمجهان ٿو، منهنجي خاموشيءَ کان وحشت ٿيڻ لڳي اٿئي. تعجب آهي! تو چاهيو هو تہ مان خاموش ٿي وڃان. تو چاهيو هو تہ مان چپ سبي ڇڏيان. تو چاهيو هو تہ مان پنهنجي خيالن کي اظهار لاءِ آواز کان محروم ڪري ڇڏيان. مون ائين ئي ڪيو آهي، جيئن تو چاهيو آهي. ورهين کان مان خاموش ٿي ويو آهيان. هينئر تنهنجي حڪم جي باوجود مان ڳالهائڻ جهڙو نہ آهيان. ڪوشش اجائي آهي. مان ڳالهائي نہ سگهندس. منهنجي خاموشي تنهنجي مقدر ۾ اضطراب جو سبب ٿي ويئي آهي. منهنجي ماٺ تنهنجي دشمن ٿي پيئي آهي.

جابر، تاريخ جي هر دور ۾، مظلوم جي احتجاج تي حملہ آور ٿيندو آهي. هو لکيل ۽ اُچاريل هر لفظ تي اُلر ڪندو آهي. هو هيٺي جي آهن ۽ زاريءَ تي اعتراض ڪندو آهي. هو قاعدن ۽ قانون جا ڪوٽ ڪڙا ڪري وننڌو آهي. پر هو هيٺي جي خاموشيءَ سان جنگ جوٽي نہ سگهندو آهي. هو ماٺ سان وڙهي نہ سگهندو آهي. منهنجي توسان جنگ نہ آهي. بس، مان خاموش ٿي ويو آهيان. خاموشي موت آهي. خاموشي پڄاڻيءَ جي علامت آهي. منهنجي خاموشيءَ ۾

شايد تون پنهنجو موت ۽ پڇاڙي ڏسي رهيو آهين. ان ۾ منهنجو ڏوهه نه آهي. اِن لاءِ تون پاڻ ذميوار آهين. تون ،منهنجي ماٺ ۽ خاموشيءَ سان پڄي نه سگهندين. مونکي ياد ڪونهي، ته تاريخ جي ڪهڙي دور ۾ تو مون سان، ۽ مون توسان آخري دفعي ڳالهايو هو. مان تاريخ جو اُهو گمشده باب ڳولڻ ۾ ناڪام رهيو آهيان، جنهن ۾ تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ٿيل اختتامي گفتگوءَ جو ذڪر آهي. مون کي ان گفتگو جو هڪ لفظ به ياد نه آهي. مون کي ڪجهه به ياد نه آهي. مون کي فقط ايترو ياد آهي ته، تو چاهيو هو ته مان خاموش رهان. مان خاموش رهيس. مان خاموش ٿي ويس. هميشه لاءِ. مان خاموشيءَ جي اسرار کان آگاهه نه هوس. تو مون کي آگاهي ڏني آهي. مان تنهنجو احسانمند آهيان. سچ تي ڳايل ڳيچ کي قتل ڪري سگهجي ٿو. رت ۾ ٻڏل آڱر سان لکيل تحرير کي قتل ڪرڻ امڪان کان ٻاهر آهي. خاموشيءَ سان وڙهڻ ممڪن ئي نه آهي. تون مون سان وڙهي سگهندين، منهنجي خاموشيءَ سان وڙهي نه سگهندين. تون يقين ڪر، منهنجي تون سان جنگ نه آهي. بس، مان خاموش ٿي ويوآهيان. ماٺ ٿي ويو آهيان. مان چاهڻ جي باوجود توسان ڳالهائي نه سگهندس. مان خاموشيءَ جي حد ۾ بيٺو آهيان. تنهنجو ڪو به قاعدو ۽ قانون مون کي ڳالهائڻ تي مجبور ڪري نه سگهندو. دنيا جا سمورا قانون خاموش ڪرائي ته سگهندا آهن، پر، خاموشي ٽوڙائي نه سگهندا آهن! توکي ڏاڍي چڙ آهي نه خاموشيءَ تي! پر چا ٿو ڪري سگهجي، جو خاموشيءَ جي رمز کان تون مون کي آگاهه ڪيو آهي. منهنجي مسلسل ماٺ آڏو تون بيوس آهين.

تون اجا تائين ڪاوڙ وچان مون ڏانهن ڏسي رهيو آهين! يار، مان ڳالهائي نه سگهندس. اکر اُڪلي نه سگهندس. مان خاموش ٿي ويو آهيان. هميشه لاءِ توسان ڳالهائڻ کان بهتر آهي ته مان تهذيبي، تمدني ۽ ثقافتي خودڪشي ڪري ڇڏيان.

ڪٿي ائين ته ناهي، ته تون منهنجي مسلسل ماٺ ۽ خاموشيءَ کي پنهنجي لاءِ موت جو پروانو، يا ايندڙ ڪنهن طوفان جي علامت ۽ پيش خيمو سمجهي رهيو آهين! ها، ائين برابر آهي، ته جڏهن به ڪنهن قوم لاءِ تاريخ جي هڪ دور ۾

تعزيراتن ۾ وقتي ضرورتن مطابق ناهيل ۽ نافذ ڪيل قانونن جا ڪوٽ ڪڙا ڪري، ڪيس آواز کان محروم ڪري، خاموش ڪيو ويندو آهي، سا قوم تاريخ جي ٻئي ڪنهن دور ۾ پنهنجي چچريل، چيٿاڙيل ۽ گم ٿيل آواز جي ڳولا ۾ نڪري پوندي آهي. اهڙن دورن جي وچ ۾ ڪڏهن صدين جي، ته ڪڏهن ڏهاڪو سالن جي، مهينن، ڏينهن ۽ ساعتن جي وڇوٽي هوندي آهي.

مان تنهنجي چال ۽ چالاڪي سمجهي ويو آهيان. ڪنهن به قيمت تي مان توسان ڳالهائڻ لاءِ تيار نه آهيان. مان پنهنجي گم ٿيل آواز جي ڳولا ۾ نڪري پيو آهيان. پر، مان اڪيلو نه آهيان. منهنجي آڏو، منهنجي اڳيان پنهنجي آواز جا انت کان ٻاهر وارث آهن. منهنجي پوئتان، منهنجي پنيان پنهنجي آواز جا وارث آهن. آوازن جي وارثن جو قافلو تنهنجي تعزيرات جي رڻ مان گذري رهيو آهي.

تنهنجي چوڻ تي، سائين منهنجا، مان نه ڳالهائيندس. اسان جي توسان ڪا به گفتگو نه ٿيندي، مهربان!

| | |
|---|---|
| شعبو، ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي، علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد. | امر جليل<br>پهرين آگسٽ 1988 |

# گهاءُ

اسلام آباد ۾ ڏٽي بخش سان ڏاڍي عجيب ۽ حيران ڪندڙ واردات ٿي آهي. ڇڻ ڏند ڪتا آهي. مشين گن جي هڪ گولي سندس دل مان آرپار ٿي ويئي آهي. گهائل دل مان رت جو هڪ ڦڙو نه نڪتو اٿس. سندس رت هڪ گمنام پريس جي مشين ۾ مسُ وانگر استعمال ٿي رهيو آهي، جتي هڪ گمنام مورخ جي گمنام تاريخ جو سنڌ بابت گمنام باب ڇپجي رهيو آهي. واردات ڪي ڪي ورهيه وهامي ويا آهن. پر، ائين لڳي ٿو ڄڻ ڪالهوڪي ڳالهه آهي. ڄڻ اڄوڪي ڳالهه آهي. ڪي پل صديون ٿي پوندا آهن ۽ ڪي صديون پل ۾ گذري وينديون آهن.

واردات جي شروعات تمام رواجي نموني ٿي هئي. ڏٽي بخش ۽ مان آبپاره جي يوٽيلٽي اسٽور تان ذري گهٽ آڌ پگهار جيتري شاپنگ ڪري نڪتا هئاسين. خوش هئاسين. ڪپڙن ۾ نه پئي ماپياسين. ڪسٽم طرفان ضبط ڪيل شيون وٺي نڪتا هئاسين. ڪجهه ڏينهن کان اخبارن ۾ لاڳيتو اشتهار پئي آيو ته، وارو ڪريو. ولايتي شيون باڙا بازارين بدران يوٽيلٽي اسٽورن تان خريد ڪريو ۽ پنهنجي حُب الوطنيءَ جو ثبوت ڏيو. نيڪ ڪم ۾ دير نه ڪريو! لاڳيتا اشتهار پڙهي، اسان جهڙا، مت جا موڙها، پهرين تاريخ پگهار کيسي ۾ وجهي ڪنهن يوٽيلٽي اسٽور تي وڃي واڪو ڪندا آهيون. اڌ پگهار حق بحقدار رسيد ڪندا آهيون. موٽ ۾ ردي سدي ولايتي مال وٺي ٻاهر نڪرندا آهيون ۽ ڪڇيون هڻندا آهيون. اسان ڪي خبر آهي ته سنو سمگل ڪيل سامان فقط باڙا بازارين مان ملندو آهي. سُئي ڌاڳي کان وٺي، ويندي پائخانن جي سامان ۽ بارود بم گولن تائين، سڀ ڪجهه باڙا بازارين مان ملي سگهندو آهي . پر، اسين ۽ اسان جهڙا ڪنگلا، ولايتي سامان فقط يوٽيلٽي اسٽورن تان خريد ڪندا آهيون ۽ محب وطن هئڻ جو ثبوت ڏيندا آهيون. اعليٰ عملدارن جون بيگمات به محب وطن هونديون آهن. بلڪ ضرورت کان وڌيڪ محب وطن هونديون آهن پر، ولايتي سامان يوٽيلٽي اسٽورن بدران باڙا بازارين مان وٺنديون آهن.

ڏٽي بخش ۽ مان اعليٰ عملدار نہ آهيون نہ ئي بيگمات قسم جي عورتن جا مڙس آهيون. اسين ٻئي ڄڻا روزگار جي تلاش ۾ اسلام آباد کان اچي نڪتا آهيون. انگ اکر ڳڻ ڪرڻ واري هڪ کاتي ۾ ڪم ڪندا آهيون ۽ انگ اکر ڳڻ ڪري حيران گهڻ ۽ پريشان وڌيڪ ٿيندا آهيون. جيڪا حالت انگن اکرن جي آهي ساڳئي حالت اسان ٻنهي جي آهي!.

ڏهاڪو کن سال ٿي ويا آهن ڏٽي بخش ۽ مون کي نوڪري ڪندي. اسلام آباد ۾ مون کي تہ ڪا بيگم وغيره نہ آهي البت، ڏٽي بخش کي هڪ عدد بيگم آهي، جنهن جو نالو الهو سائي آهي ۽ هو ڪيس ڳوٺ ۾ ڇڏي آيو آهي. ميڊم الهو سائي، هڪ شجري مطابق، مارئيءَ جي مائٽياڻي آهي ۽ ڳوٺ ۾ ڏٽي بخش جي چئن پٽن ۽ ٻن ڌيئرن جي پرورش ڪري رهي آهي. ڏٽي بخش جو هڪ پٽ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾، ٻيو مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾، ٽيون سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ۽ چوٿون پٽ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ پڙهندو آهي. سندس ٻئي ڌيئر نوابشاهہ ميڊيڪل ڪاليج پڙهنديون آهن. اوهين ڏٽي بخش سان ملندا تہ يقين نہ ڪندا تہ هو ڪو ڇهن جوان ٻارن جو پيءُ آهي، قداور، طاقتور، ٺاهوڪو ڪسرتي! شڪل شبيهہ مان ٽيهن- پنجٽيهن جو مس لڳندو آهي. پر اصل ۾ مڙس پنجاهہ جي لڳ ڀڳ آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو اسرار گندو آهي. خاص ڪري، دل ۾ گولي لڳڻ واري پر اسرار واردات ڪانپوءِ ۽ ويٺي ويٺي ڄڻ ڪيڏانهن هليو ويندو آهي ڄڻ اُڏامي ويو آهي. پرهن جا پهرن جا پهر آسمان ڏانهن ڏسندو رهندو آهي ڪنهن ڪنهن مهل هو ڳالهائڻ ڇڏي ڏيندو آهي ۽ دل تي هٿ رکي فقط مُرڪندو رهندو آهي.

جنهن ڏينهن جو هيءُ واقعو آهي، تنهن ڏينهن ڏٽي بخش ۽ مان يوٽيلٽي اسٽور تان ولايتي سامان وٺي ٻاهر نڪتاسين. سياري جي شروعات هئي. آبپاره وٽ مئل انگريزن جا گرم ڪپڙا ۽ سوئيٽر وڪامي رهيا هئا. اسان بہ وجي ڳاهٽ ٿياسين. ڪجھہ ڊپٽي سيڪريٽري قسم جا ڪامورا اسان کي ڏسي، اک بچائي هجوم مان نڪري ويا. اسلام آباد ۾ ڊپٽي سيڪريٽرين جو ڪال ڪونهي. پٽر

ڪٿي پنهنجي ساءِ هيڏانهن هوڏانهن اُڇلائيندو، تہ سڌو وڃي ڪنهن ڊپٽي سيڪريٽريءَ جي نوڙهہ تي لڳندو.

ڏٽي بخش ۽ مان ڪجهہ سوئيٽر ۽ ڪجهہ گرم ڪپڙا خريد ڪري، انگريزن جي آل اولاد ۽ راڻي وڪٽوريا ۽ گنجي بادشاهہ کي دعائون ڏيندي هجوم مان ٻاهر نڪتاسين. وک ڪن مس هليا هونداسين، جو ڏٽي بخش چوتاڪ ٿي فٽ پاٿ تي ڪري پيو. يوٽيلٽي اسٽور تان خريد ڪيل سامان ۽ مٿل انگريزن جا سوئيٽر ڪامران ريسٽورنٽ آڏو پکڙجي ويا. ڏٽي بخش جي ڪرڻ تي مون کي کِل آئي، سوچيم، پڪ ڪنهن ڊپٽي سيڪريٽريءَ جي بددعا لڳي اٿس، تنهنڪري ڪيلي جي کل تان ترڪي ڪريو آهي. پر پوءِ جڏهن منهن ورائي ڏٽي بخش ڏانهن ڏٺم، تڏهن تعجب ۾ پئجي ويس. ڏٽي بخش سُڌ ٻُڌ ڪانسواءِ فٽ پاٿ تي پيو هو. اکيون کليل، اُپ ۾ اٽڪيل! سندس ساهہ زور زور سان هلي رهيو هو. هو ڇڻ آسمان ڏانهن ڏسي رهيو هو. ڇڻ آسمان تي لکيل ڪا تحرير پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هن جو اهڙي نموني آسمان ڏانهن ڏسڻ مون کي ڏاڍو عجيب لڳو. زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙو وقت بہ ايندو آهي. جڏهن آسمان ڏانهن ڏسبو آهي، پر اهڙي نموني نہ جو ماڻهو وائڙو وائڙو نظر اچي!

ماڻهو اچي مڙيا. ٻانهن ۾ هٿ وجهي مون ڏٽي بخش کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي. پر،ڏٽي بخش اهڙو ڇُري جهڙي ڇپ! سوچيم، مڙس قداور آهي- ڇگّي مٿاهينءَ تان ڪريو آهي. ڏک جهلي نہ سگهيو آهي. ضرور ڪيپراٽي وڃي فٽ پاٿ سان لڳي اٿس. مرڪز وانگر، اسلام آباد جون فٽ پاٿون بہ سخت ۽ مضبوط آهن. بس، ڪِرڻ جي دير آهي. مٿو ڇٽ!

ڪجهہ نوجوان ڪامران ريسٽورنٽ مان پاڻيءَ جو گلاس ڀري آيا. مون ڏٽي بخش کي ڀنن هينان هٿ ڏيئي مٿيرو ڪيو. آسمان مان اک نڪتس. پاڻيءَ جا ٻہ چار ڍڪ ڀري سامت ۾ آيو.

پڇيو مانس. "ڪيلي جي کل تان ترڪيو آهين ڇا؟"

انڪار ۾ ڪنڌ لوڏي ڇڏيائين.

"تہ پوءِ؟"

هو وري آسمان ڏانهن ڏسڻ لڳو.
”پير وچڙيو هُيئه؟“
وري به انڪار ۾ ڪنڌ لوڏي ڇڏيائين. پر، آسمان مان اک نه ڪييائين.
“تابڙيو آهين؟“
وري به جواب ۾ ڪجهه نه چيائين. انڪار ۾ فقط ڪنڌ لوڏي ڇڏيائين.
ڪيس ڪلهي تي هٿ رکيم. هن منهن ورائي مون ڏانهن ڏٺو. اکين ۾ ڏاڍي اُڻ تُڻ هئس. پڇيم، ”ڪِري ڪيئن پئين؟“
ٿڌو ساهه ڪڍي آسمان ڏانهن ڏٺائين. پوءِ، تمام جهيڻي آواز ۾ چيائين،”مون کي دل ۾ گولي لڳي آهي.“
چرچي لاءِ مهل موقعو نه هو. ڏٽي بخش جو جواب مون کي سمجهه ۾ نه آيو. سوچيم، ڏک سنڌائتو لڳو اٿس، تنهنڪري وڦلي پيو. ان وچ ۾ ڪجهه سياڻن پوڙهن رايو ڏيندي چيو ته، توهين ٻئي پرديسي بيوطن پيا ڏسجو. ٻولي به ٻي کا پيا ڳالهايو- ضرور ڪنهن گرم ملڪ جا آهيو- هن يار کي اسلام آباد جي سيءَ سٽي وڌو آهي. ڪيس گرم ڪپڙن ۾ ويڙهي اسپتال وٺي وڃو، ٺيڪ ٿي ويندو!
پر، ڏٽي بخش سيءَ هٿان سٽجڻ وارن منجهان نه هو. هو موسمن تي حاوي هو. مون سياڻن جي مشوري تي ڌيان نه ڏنو. يوٽيلٽي اسٽور تان خريد ڪيل سامان ۽ پراڻا سوئيٽر مون فٽ پاٿ تان ڪڍي پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ ۾ وڌا. ماڻهو گڏ ٿيندا ويا. مون ڏٽي بخش جي ڪنڌ، ڪلهن ۽ ڪيپراٽيءَ کي جاچي ڏٺو. نه سوڄ، نه رت!
ڏٽي بخش چيو، ”مون کي دل ۾ مشين گن جي گولي لڳي آهي. مان نه بچندس. مري ويندس. مون کي گهر وٺي هلُ.“
ڏٽي بخش جي لهجي تي مون کي تعجب ٿيو.
چيائين، ”دير نه ڪر.“
مون عجب وچان ڏٽي بخش ڏانهن ڏٺو.
مون کي يقين نه پئي آيو ته فٽ پاٿ تي ڪرڻ سان ماڻهو عقل وڃائي ويهندو آهي! دل ۾گولي لڳي ۽ سا به مشين گن جي ۽ ماڻهو جيئرو جاڳندو ۽

ڳالهائيندو هجي، امڪان کان ٻاهر آهي! سوچيم، ڏٽي بخش آهي ته جانئو، پر ڏک پنائي وڌو اٿس. وڌلي پيو.
”سوچين ڇا پيو، يار!“ ڏٽي بخش ٻڏندڙ آواز ۾ چيو، ”دير نه ڪر، مون کي گهر وٺي هل- مون کي ڳوٺ وٺي هل. هينئر جو هينئر، دير نه ڪر.“
ڏٽي بخش جون ڳالهيون ٻڌي مان وائڙو ٿي ويس. ماڻهو اچي ڳاهٽ ٿيا. هٿ ڏيئي ٽيڪسيءَ واري کي بيهاريم. ماڻهن جي مدد سان ڏٽي بخش کي ٽيڪسيءَ ۾ ويهاريم. هن مٿو سيٽ جي پنيءَ سان لڳائي اکيون بند ڪري ڇڏيون. مون ٽيڪسيءَ واري کي ڪراچيءَ ڪمپنيءَ ڏانهن هلڻ لاءِ چيو. ڪراچي ڪمپني اصل ۾ سوڙهن ۽ بدنما فليٽن جي سلسلي جو نالو آهي، جتي ڏٽي بخش ۽ مون جهڙا مولائي رهندا آهن.
واٽ تي اوچتو مونکي خيال آيو ته ڪٿي ڏٽي بخش کي دل جو دورو نه پيو هجي! مون سندس نبض ۾ هٿ وڌو. سندس نبض تمام تيز هلي رهي هئي. منهن ۽ ڪنڌ تي پگهر هوس. مون اٽڪاڻ لاءِ اهي ٻئي نشانيون دل جي دوري جون نشانيون هيون. مون ڏٽي بخش کي چيو، ”ڏنا، توکي اصل ۾ دل جو دورو پيو آهي. اسين اول پولي ڪلينڪ هلنداسين ۽ پوءِ گهر.“
”نه نه.“ هن جهيڻي آواز ۾ چيو، ”مون کي دل جو دورو نه پيو آهي. مون کي دل ۾ مشين گن جي گولي لڳي آهي.“
”جڏهن دل جو دورو پوندو آهي، تڏهن ائين ئي محسوس ٿيندو آهي.“ سندس منهن تان پگهر اُگهندي چيم، ”ياد اٿئي، پرُ سال مون کي جڏهن دل جو دورو پيو هو، تڏهن مون به دل ۾ خنجر لهندي محسوس ڪيو هو.“
”هيءُ دل جو دورو ناهي، چريا.“ ڏٽي بخش يقين سان، پر نبل آواز ۾ چيو، ”مون کي دل ۾ گولي لڳي آهي. مون گوليءَ کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو هو.“
ڏٽي بخش ڏاڍو بُردبار آهي، فهميدو آهي. چرچائي آهي، پر مون ڪيس مڪر ڪندي ڪڏهن نه ڏٺو آهي. مون کي پڪ ٿي ويئي ته ڏٽي بخش جي نه دل جائيتي آهي ۽ نه دماغ گهوماٽين ۾ آهي. مون ٽيڪسيءَ واري کي چيو. ”اسان کي پولي ڪلينڪ وٺي هل.“

”نه نه.“ ڏٽي بخش احتجاج ڪندي چيو، ”منهنجو وقت نه وڃاءِ. مون کي ڳوٺ پهچائڻ جو پلو ڪر.“

”ڳوٺ هلبو، ضرور هلبو.“ چيم، ”پر ڊاڪٽر سان صلاح ڪرڻ ۾ ڪو پولو ڪونهي.“

چيائين، ”الائي ڪهڙن چڪرن ۾ پئجي ويو آهين! اڙي پوڪ، منهنجو وقت پيو وڃائين.“

کيس دلاسو ڏيندي چيم. ”سمجهان ٿو، ڊاڪٽر فضل ڏاريجو ڊيوٽيءَ تي هوندو. منٽن ۾ توکي تپاسي وٺندو.“

”دير ٿي ويندي يار.“ ڏٽي بخش نيزاري ڪندي چيو، ”پٽ سٽ ڪري ڏوڪڙ هٿ ڪر. سکر تائين هوائي جهاز ۾ هلنداسين. اُتان ڳوٺ پري ڪونهي. تون منهنجي ڳالهه سمجهين پيو نه!“

”ها. سڀ ڪجهه سمجهان پيو.“

”ته پوءِ دير ڇو پيو ڪرين؟“

”ڏهن- پنڌرهن منٽن ۾ ڊاڪٽر توکي تپاسي وٺندو.“

”اجايو وقت ٿو وڃائين.“

”ضد نه ڪر ڏٽا.“

هڪدم ڦيرو ڪائي ڏٽي بخش منهنجي ٻانهن ۾ مُٺ وجهي ڇڏي. منهنجين اکين ۾ اکيون وجهندي چيائين، ”مان ڇئن جوان پٽن جو پيءُ آهيان. منهنجن پٽن جيڪڏهن مون کي ڪلهو نه ڏنو، ته پوءِ مان دل ۾ مشين گن جي گوليءَ جو گهاءُ کڻي قيامت تائين جيئرو رهندس. مري نه سگهندس.

مون پنهنجي وجود ۾ ڪنبڻي محسوس ڪئي. ڏٽي بخش سچ پچ مري رهيو آهي! يا منهنجو گمان آهي!

ٽيڪسيءَ واري پولي ڪلينڪ جي ايمرجنسي وارڊ وٽ ٽيڪسي بيهاري ڇڏي. ڏٽي بخش ٽيڪسيءَ مان لهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. چيائين، ”منهنجي ڳالهه ڇو نه پيو سمجهين،

کيس ايلاز ڪندي چيم، ”ڏهن منٽن جي ڳالهه آهي، ڏٽا.“

هڪدم هٿ وڌائي، ست ڏيئي مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتائين. تمام پختي ۽ يقين واري لهجي ۾ چيائين، ”مشين گن جي گولي منهنجي دل مان پار ٿي ويئي آهي.“
مون تعجب وچان سندس پگهر ۾ آلي ٽيل منهن ڏانهن ڏٺو. چيائين، ”مشين گن جي گولي منهنجن جوان پٽن جو پيڇو ڪري رهي آهي. مشين گن جي گوليءَ کان اڳ مون کي ڳوٺ پهچڻو آهي.“
ڏٽي بخش جي ذهني حالت آڏو مون پاڻ کي بيوس محسوس ڪيو. مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي، ۽ ڇا چوڻ گهرجي! مون پاٻوهه ۽ پيار مان کيس سمجهائيندي چيو، ”ڏس نه ڏٽي بخش. آگر کي ڇير ايندو آهي ته رت وهي نڪرندو آهي.“
”يار، تون پنهنجو فلسفو بند ڪر.“ ڏٽي بخش بيزار ٿيندي چيو، ”مون کي ڳوٺ پهچائڻ جو بندوبست ڪر. هڪدم دير نه ڪر. ان کان اڳ جو منهنجي دل مان پار ٿيل گولي منهنجن پٽن تائين پهچي، مون کي ڳوٺ پهچاءِ.“
”خدا جي واسطي منهنجي ڳالهه ٻڌ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪر.“ کيس سمجهائڻ واري نوع ۾ چيم، ”تنهنجي چوڻ مطابق، جيڪڏهن مشين گن جي گولي دل ۾ لڳي اٿئي. ته پوءِ تنهنجو رت ڇو نه وهيو آهي؟ توکي گولي نه لڳي آهي، ڏنا. توکي دل جو دورو پيو آهي.“
ڏٽي بخش چتائي مون ڏانهن ڏٺو. سندس گهور عام رواجي گهور نه هئي. هن چيو، ”زندگيءَ ۾ هڪ گولي اهڙي به لڳندي آهي، جنهن جو گهاءُ هڪ نسل کي ملندو آهي ۽ رت ٻئي نسل جي دل مان وهي نڪرندو آهي.“
ڏٽي بخش جي ضد آڏو مان بيوس ٿي پيس. کيس چيم، ”هيئن ٿا ڪريون ڏنا. تون ٽيڪسيءَ ۾ وينو رهه. مان هڪ منٽ ۾ ڊاڪٽر فضل ڏاريجي کي وٺي ٿو اچان. هو اتيئي توکي ٽپاسي وٺندو.“
اِن کان اڳ جو ڏٽي بخش ڪجهه چوي، مان ٽيڪسيءَ مان نڪري ويس. پولي ڪلينڪ جي ڪائونٽر تي وينل رسيپشنسٽ کان ڊاڪٽر فضل ڏاريجي بابت پڇا ڪيم. ٻڌايائين ته سنڌ ويل آهي. ڊيوٽيءَ تي هڪ نوجوان ڊاڪٽر موجود هو. مون

ڪيس سربستوو احوال ٻڌايو. ڊاڪٽر وائڙو ٿي ويو. مون کي چيائين، ”ڏاڍو ڪو لاپرواهه آهين. دل جي دوري واري شخص کي ٽيڪسيءَ ۾ هيڪلو ڇڏي آيو آهين!“

هو اتي ڪڙو ٿيو. اسٽريچر ڪٽائي ٻاهر آيو، پاڻ ٽيڪسيءَ جو در کوليائين.

مون ڏٽي بخش کي چيو، ”فضل سنڌ ويل آهي. هيءُ ڊاڪٽر توکي وٺڻ آيو آهي.“

ڏٽي بخش کي ڪاوڙ لڳي. هن انگريزيءَ ۾ ڊاڪٽر کي چيو، ”مون کي دل جو دورو نه پيو آهي، ڊاڪٽر. مون کي دل ۾ گولي لڳي آهي.“

نوجوان ڊاڪٽر وراڻيو، ”دل جي دوري ۾ ائين ئي محسوس ٿيندو آهي.“

”پر، مون کي دل جو دورو نه پيو آهي.“ ڏٽي بخش سخت احتجاج ڪندي انگريزيءَ ۾ چيو، ”منهنجيءَ ڳالهه تي يقين ڪريو. مون کي مشين گن جي گولي دل ۾ لڳي آهي ۽ اُها گولي منهنجيءَ دل مان پار ٿي ويئي آهي.“

”ٽيڪسيءَ مان نڪري، تون اسٽريچر تي ليٽي پئُ،“ ڊاڪٽر چيو، ”ٽيڪسيءَ ۾ توکي تپاسڻ ممڪن نه آهي.“

”مون کي ڪنهن به قسم جي طبي امداد جي ضرورت نه آهي.“ ڏٽي بخش ڪاوڙ واري نوع ۾ چيو، ”مون کي هڪدم ڳوٺ پهچائڻ جو بلو ڪريو.“

ڊاڪٽر مون کي انگريزيءَ ۾ چيو، ”تڪليف سبب هن جو دماغ جائيتو ڪونهي. هن کي زوريءَ ٽيڪسيءَ مان لاهڻو پوندو.“

ڏٽي بخش هٿ وڌائي ڊاڪٽر کي ڪنڌ کان جهلي ٽيڪسيءَ ۾ اندر ڇڪي ورتو. الاءِ ڪٿان ايڏي سگهه موٽي ملي هيس! ورنه، ٿورڙي دير اڳ تائين هو ڏاڍو نبل ۽ ڪمزور هو.

ڊاڪٽر جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيائين، ”مشين گن جي گولي منهنجي دل مان پار ٿي ويئي آهي ۽ منهنجن پٺن جو پيڇو ڪري رهي آهي.“

ڊاڪٽر نوجوان هو. سٽ ڏيئي، ڪنڌ ڇڏائي ٽيڪسيءَ مان نڪري آيو. ڪپڙا ٺيڪ ڪندي مون کي چيائين، ”وارڊ بوائز کي گهرائڻو پوندو.“

ڏٽي بخش ٽيڪسيءَ مان ٻئي ٻانهون ڪڍي ۽ هٿ جوڙيندي چيو، ”مشين گن جي گولي منهنجي جوان پٽن جي ڪڍ آهي. مان هڪ دفعو وري مشين گن جي

گوليءَ آڏو ايندس. هن دفعي گوليءَ کي دل مان پار ٿيڻ نه ڏيندس. مان مري ويندس پر پنهنجو نسل بچائي وٺندس،“
ڊاڪٽر غور سان ڏٽي بخش کي ڏٺو، پوءِ مون کي ٽيڪسيءَ کان پر پرو وٺي ويو. چيائين، ”دل جي دوري وارو مريض ممڪن آهي ته ائين ڳالهائي ۽ هٿ پير هلائي، تون هن کي ڊاڪٽر شاميءَ ڏانهن وٺي وڃ. هيءُ پنهنجي سُڌ بُڌ وڃائي ويٺو آهي. ذهني مريض آهي.“
ڊاڪٽر پولي ڪلينڪ ڏانهن موٽي ويو.
مان موٽي وجي ڏٽي بخش جي پرسان ٽيڪسيءَ ۾ ويٺس.
ڏٽي بخش چيو، ”مون کي پهچائڻ جو بلو ڪر.“
سڀ ڪجهه ايترو جلد ۽ ايتري تيزيءَ سان ٿي رهيو هو، جو منهنجي سمجهه، فهم ۽ فراست کان ٻاهر هو. نوجوان ڊاڪٽر جي ڳالهه مون کي دل سان نه لڳي. ڏٽي بخش ذهني طرح بلڪل ٺيڪ، ٺاڪ، چڱو ڀلو پئي لڳو. مون اوچتو محسوس ڪيو ته، جيڪي ڪجهه ٿي رهيو هو، سو سڀ غير معمولي هو. انسان في الحال فقط هڪ ڪائنات کي تسخير ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي. هڪ ڪائنات جي رمز کي سمجهڻ لاءِ سرگردان آهي. پر اهڙيون انيڪ ڪائناتون آهن، جيڪي انسان جي پهچ ۽ سمجهه کان ٻاهر آهن. الاءِ چو ۽ ڪيئن مون محسوس ڪيو ته، هر انسان پنهنجي ذات ۾ هڪ ڪائنات آهي. منجهس پنهنجو پنهنجو هڪ چنڊ ۽ هڪ سج آهي! پنهنجا سمنڊ ۽ اُپ سمنڊ آهن! پنهنجا رڻ ۽ پنهنجيون وستيون آهن! پنهنجا پهاڙ ۽ پنهنجا وڻ آهن! پنهنجا جبل، ۽ پنهنجا درياهه آهن! منجهس خوف جي طويل رات ۽ اميدن جو صبح آهي! هر انسان جي ڪائنات کي پنهنجو عروج ۽ پنهنجو زوال آهي! مان ڏٽي بخش جي الميي کي سمجهي نه سگهيس.
مون ٽيڪسيءَ واري کي ڪراچي ڪمپنيءَ ڏانهن هلڻ لاءِ چيو. سڄي واٽ ڏٽي بخش نه ڳالهايو. هو ماٺ ۾ غلطان رهيو. سوچيندو رهيو. پگهر سندس نِرڙ ۽ لوندڙين تان وهندو رهيو. هن جي چُپ مون کي ڪائڻ لڳي. هن جون اکيون ڪليل هيون ۽ هو دريءَ کان ٻاهر نهاري رهيو هو.

ڏس تي ٽيڪسيءَ وارو ڪراچي ڪمپني ۾ اسان جي فليٽ وٽ اچي بيٺو. ڏٽي بخش کي فليٽ تائين پهچائڻ ۾ ٽيڪسيءَ واري منهنجي مدد ڪئي.

فليٽ ۾ پهچڻ ڪانپوءِ ڏٽي بخش کٽ تي ليٽي پيو. هو ٽڪ ٻڌي ڇت ڏانهن ڏسڻ لڳو. ميز جي خانن ۾ ڪبٽ مان پاسيرا ڪري رکيل ڏوڪڙ مون ڪڍي ورتا. ڳڻي ڏٺم ته رقم ريل جي هڪ سيڪنڊ ڪلاس ٽڪيٽ جيتري به نه هئي. يوٽيلٽي اسٽور تان بچائي آندل رقم ڳڻيم. سيڪنڊ ڪلاس جي ٻن ٽڪيٽن جيترا پيسا ڳڻي، مٺ مضبوطيءَ سان بند ڪري ڇڏيم. ڏٽي بخش ڏانهن ڏٺم هو مسلسل ڇت ڏانهن ڏسي رهيو هو. سندس گهور پُراسرار هئي. مون اهڙي ڪيفيت ۾ ڏٽي بخش کي ڪڏهن به نه ڏٺو هو. هن جو چهرو پگهر ۾ آلو هو ۽ سينو ڌنوڻيءَ وانگر ڦوڪجي ۽ سُسي رهيو هو. ٻنهي هٿن جون منيون پيڪوڙيل، ۽ رڳون وٽيل واڻ وانگر سندس ٻانهن تي اُڀري آيون هيون. هُن تمام ٿڪل آواز ۾ چيو، ”فقط ڪجھ ڪلاڪ آهن، مون وٽ مان ريل جو سفر ڪري نه سگهندس. هوائي جهاز جي ٽڪيٽن جو بندوبست ڪر، يار.“

ڏانهس ڏٺم، هو ڇڻ ڇت کان پري ڪجھ ڏسي رهيو هو. ظاهري طرح سندس اکيون ڇت ۾ اٽڪيل هيون، پر لڳو پئي، هو آسمان تي لکيل ڪا تحرير پڙهي رهيو هو.

چيم، ”مان سنگت کان پٽ سٽ ڪري اچان ٿو. تون فليٽ کان ٻاهر نه نڪرجانءِ.“

”دير نه ڪجانءِ.“ ڏني چيو، ”منهنجيءَ دل مان پار ٿيل گولي، پٺن جو پيڇو ڪري رهي آهي. دير نه ڪجانءِ.“

مان فليٽ مان نڪري ويس. جيڪي ڪجھ ٿي رهيو هو، سو قطعي منهنجي سمجھ کان ٻاهر هو. ڏٽي بخش کي ڪهڙي قسم جي گوليءَ گهائي وڌو هو جو رت جو هڪ ڦڙو سندس جسم مان نه نڪتو هو ۽ هو مري رهيو هو! اڳ ڳالهايل سندس جملو منهنجي ذهن ۾ پڙاڏا ڪري رهيو هو ته ”زندگيءَ ۾ هڪ گولي اهڙي به لڳندي آهي، جنهن جو گهاءُ هڪ نسل کي ملندو آهي ۽ رت ٻئي نسل جي دل مان وهي نڪرندو آهي.“ مون اُن جملي ۾ مفهوم، يا معنيٰ ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مون کي ان جملي ۾ به ڪو مفهوم مليو ۽ نه ئي ڪا

معنيٰ سمجهه ۾ آئي. اِن ۾ ڏوهه ڏٽي بخش جو نه هو. سمورو ڏوهه منهنجو هو. هونءَ به ڏٽي بخش سموري سنگت ۾ سيني کان وڌيڪ ذهني، تيز فهم، حساس ۽ سچ ڏانهن ڏسڻ واري اک جو مالڪ آهي. هر انسان جي وجود ۾ هڪ جهٽيندڙ (Reciever) هوندو آهي. ڪن جو جهٽيندڙ طاقتور ۽ ڪن جو ڪمزور هوندو آهي. طاقتور جهٽيندڙ غيبي ٽرانسميٽر تان نشر ٿيل اطلاع، نياپا ۽ اشارا جهٽ جهٽي وٺندو آهي. ڪمزور جهٽيندڙ ان قسم جا اشارا ۽ اطلاع جهٽي نه سگهندو آهي. مون محسوس ڪيو ته منهنجي وجود جو جهٽيندڙ ڪمزور آهي. ڏٽي بخش جي وجود ۾ جهٽيندڙ جيڪي ڪجهه ٻڌو آهي، يا ڏٺو آهي، سو مان نه ٻڌي سگهيو آهيان ۽ نه ڏسي سگهيو آهيان. مان انهن انسانن جي انيوهه مان هڪ آهيان. جن کي اکيون ته هونديون آن پر هو ڏسي نه سگهندا آهن. ڪين ڪن ته هوندا آهن، پر ٻڌي نه سگهندا آهن ڪين وات ته هوندا آهن پر هو ڳالهائي نه سگهندا آهن. مون کي پنهنجي وجود کان نفرت ٿيڻ لڳي. مان ايڏو ڏڏ ڇو آهيان! ڪراچي ڪمپنيءَ جي ٻاهران مان فٽ پاٿ تي ويهي رهيس. ڪنڌ ورائي انيڪ فليٽن جي سلسلي ڏانهن ڏٺم. ڪيترائي دوست ۽ واقفڪار اتي رهيل آهن- پر، سڀيئي اسان جهڙا مولائي آهن. مون ايف- سيون (7) ۽ ايف- ايٽ (8) ۾ رهندڙ واقفڪارن متعلق سوچيو. ڪجهه ڇٽا دل تي تري آيا. هِتي هُتي ملندا، ته ڪلي ملندا آهن- ”ڪو ڪم ڪار! ايندا ڪريو! حڪم ڪريو!“ سوچيم، انهن سان ملندس. وڏي وس وارا آهن- پهچ وارا آهن- سنڌ لاءِ احساس محروميءَ جي خاتمي جي علامت سمجهيا ويندا آهن.

اهو ضروري نه آهي ته هڪ در بند ٿيڻ کان پوءِ انيڪ در کلي پون. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي، جو هڪ در بند ٿيڻ کانپوءِ سمورا در بند ٿي ويندا آهن. ان درن جو ڏوهه فقط ايترو هوندو آهي جو اُهي در هڪ ئي نوعيت جا هوندا آهن. مون کي ذري گهٽ سمورا در بند مليا. بند درن ۾ هڪ در کليل مليو. ماڻهو دلبر. کِلڻو مِلڻو. چرچائي. هر دور ۾ هر دلعزيز! مون کي ڏسي کٽي پاڪر ۾ ڀريائين. ”يار ڪيئن آيو آهين! پلجي ته نه پيو آهين! اصل وساري ڇڏيو اٿئي.“ ڳالهائي ته ڄڻ مصري!

”اصل ۾ ڪجھ پيسن جي ضرورت آهي.“
”هون! پيسن جي!“
”پيسن جي به نه. مون کي سکر تائين پي آئي اي جون ٻه ٽڪيٽون گهرجن.“
”هون! پي آئي اي جون ٻه ٽڪيٽون!“
” ڏٽي بخش بيمار ٿي پيو آهي. ڪيس ڳوٺ پهچائڻو آهي.“
” ڏٽي بخش ۽ بيمار! يار، تون به ڪمال ٿو ڪرين!“
”اسلام آباد ۾ ڪجھ ٽريول ايجنٽ اوهان جا واقفڪار آهن. مان موٽڻ شرط اوهان جو قرض لاهيندس.“
”پر، ڏني کي ٿيو ڇاهي؟“
”ڪا پُر اسرار ڳالھ آهي. مان ته سمجهي نه سگهيو آهيان.“
”ڊاڪٽر کي ڏيکاريو اٿئي؟“
”ها. ڊاڪٽر کي به خبر نه ٿي پوي.“
”ڊاڪٽر ڇا چيو؟“
”چيائين ته دماغ جائيتو ناهيس.“
”ماليخوليا ٿي پئي اٿس ڇا! پڪ ماليخوليا ٿي پئي هوندس. افعال ئي اهڙا هئس.“
”پر، مان نه ٿو سمجهان ته ڏني کي ڪا ماليخوليا آهي.“
”ته پوءِ تڪليف ڪهڙي اٿس؟“
”چوي ٿو، دل ۾ گولي لڳي اٿس.“
”دل ۾ گولي لڳي اٿس! ها ها ها! ۽ جيئرو آهي!“
”چوي ٿو، گولي دل مان پار ٿي ويئي اٿس.“
”وڏو ڪو چرچائي ٿي پيو آهي!“
”مان سمجهان ٿو، ڏٽي بخش مري ويندو.“
”مکر ٿو ڪريئي. اهو ڏنو اصل نه مرندءِ. اصل پڪ ڄاڻ.“
”پي آئي اي جون ٻه ٽڪيٽون.“

”يار، اوچتو ئي اوچتو، ايجنسين جا مينيجر ڪنهن اخلاس تي هليا ويا آهن. هونءَ به ٻن ڏينهن تائين پي آئي اي ۾ هڪ به ٽڪيٽ ملي نه سگهندي. هڪ ٻئي دوست لاءِ ٿورڙي دير اڳ فون ڪئي هيم.“

ڪي ڪليل در نظر جو فريب هوندا آهن. اهڙا ڪليل در، بند درن کان مختلف نه هوندا آهن.

مان ڊوڙندو ڪراچي ڪمپنيءَ وارن فليٽن تي پهتس. مولائي لڏي، ڪي سڏ ڪيم. جڻ پتنگ هئا. سَچَ تي مڙي آيا. يچ ڊڪ ڪئي سين. پَٽَ سَٽَ ڪئي سين. ڪنڌا ڪناسين. هٽي، ماري، وجي هنڌ ڪيوسين. ڦڙيءَ ڦڙيءَ مان تلاءُ ڪري وڌوسين. پر، اِن ڪم ۾ وقت هٿن مان نڪري ويو. پي آئي اي جي بڪنگ آفس پهتس ته خبر پئي اسلام آباد کان ملتان- ۽ سکر واري فلائيٽ ڪلاڪ کن اڳ رواني تي ويئي هئي. مون ٻئي ڏينهن لاءِ به ٽڪيٽون خريد ڪيون.

ڊوڙندو فليٽ تي پهتس.

ڏٽي بخش جون اکيون در تي ڪتل هيون. انتظار ڪندي ڪندي سندس پُتلين جو پاٽي سڪي ويو هو. اک چنيڻ بنا هو مون ڏانهن ڏسي رهيو هو.

”ڏنا.“ مون ڪٽ تي ويهندي چيو، ”يار، اڄوڪي فلائيٽ مِس ڪري وينا آهيون. سڀاڻي هلنداسين. مان هوائي جهاز جون ٽڪيٽون وٺي آيو آهيان.“

”تو اچڻ ۾ ڏادي دير ڪئي.“ ڏٽي بخش ٻڏل آواز ۾ چيو ”تو اچڻ ۾ ڏادي دير ڪئي.“

ان وچ ۾ سموري سنگت گڏ تي ويئي. ڏٽي بخش جي حالت ڏسي، تعجب وچان سڀئي ساڻي وائڙا تي ويا.

ڏٽي بخش چيو، ”ٽڪيٽون وجي موٽائي اچ.“

تعجب وچان پڇيم، ”چو يار؟“

”بس.“ هن جهيڻي آواز ۾ چيو، ”دير تي ويئي آهي. منهنجيءَ دل مان پار ٿيل گوليءَ ڪم پورو ڪري ڇڏيو آهي.“

وائڙو تي پڇيم، ”ڇا جو ڪم؟“

خشڪ پتلين تي پاڻيءَ جو تهه تري آيس. هو خاموش ٿي ويو. تڏهن ڪان ڏٺي بخش گهڻو ڪري خاموش رهندو آهي. سوچيندو رهندو آهي. آسمان تي لکيل ڪا تحرير پڙهي وٺندو آهي. ڪيس پڪ آهي ته مشين گن جي هڪ گولي سندس دل مان پار ٿي ويئي آهي ۽ اُن ٻِوليءَ جنهن جنهن ڪي گهايو ۽ ماريو آهي، سو سندس پٽ آهي.

# محرم علي

مان ڪجھ دير سان گھر پھتس، ٿڪل هوس. منهنجي زال مونکي در مان داخل ٿيڻ شرط چيو، ”هو بُڇيءَ ڏاڙهيءَ وارو پساري آهي نه- ڇا نالو اٿس؟“

” محرم علي.“ ڪيس پساريءَ جو نالو ياد ڏياريم.

”ها. مئو محرم علي.“ منهنجيءَ زال چيو، ”هن توکي سڏايو آهي. چوايو اٿائين، جيئن ئي ماستر صاحب گھر پهچي ڪيس هڪدم مون ڏانهن موڪلجو.“

”وري هوندس ڪا درخواست لکائڻي!“ بيزار ٿيندي چيم، ”مان ان پوڙهي سيهڙ مان اچي ڦاٿو آهيان.“

محرم علي اسان جي پاڙي ۾ رهندو هو. گھر جي مهڙ ۾ پسارڪو دڪان هوس، پر وڪڻندو ڪٿمنڙا ۽ پيڳل بسڪوٽن جي پور هو. پوڙهو، ٺوڙهو، منهن سڪل، جهڙو ڇوهارو! ڄاڙين تان وار غائب هئس. آٿ- ڏھ ڇبا ڏندا، گھنڊيدار وار ڪاڏيءَ تان لٽڪندا رهندا هئس. ان عجيب اوسر ڪي سڏيندو هو سونهاري! ماڻهو سادو هو، جهڙي موري. هرڪو هضم ڪري ڇڏيندو هوس. ٻڌو هئائين ته ماڻهو ٽي ويلا ماني ڪائيندا آهن. پر محرم علي ۽ سندس ڪٽنب ٻه ويلا ماني ڪائيندا هئا.

---

* مستقل عذاب ۾ ڇيچلائيندو رهندس. اڻ لکيل تاريخ جو باب ٿي پوندس.

* ڪند فهم

محرم علي منهنجو مٿو ٻه ڪائيندو هو. مان سندس پاڙيسري هوس. مون کان ذري گھٽ روزانو سرڪار ڪي هڪ درخواست لکائيندا هو. ڪراچيءَ کان ٽيھ- چاليھ ميل پري، پپري- ڌابيجيءَ وٽ اباڻي زمين هئس، جنهن جي ايراضيءَ جي ڪيس ڪا ٻه خبر نه هئي. ان زمين ۾ عرصي کان نانگ بلائون رهندا هئا. پر پوءِ، جڏهن ڪراچيءَ جو شهر آباديءَ سان ڇلڪڻ لڳو ۽ هر طرف کان فيڪٽرين ۽ ڪارخانن جي گھيري ۾ وڃي ويو، تڏهن ماڻهن محرم عليءَ جي اباڻيءَ زمين تان نانگ بلائڻ ڪي لوڏي ڪڍيو ۽ زمين تي قبضو ڪري ورتو. زمين جو ملھ وڃي آسمان سان لڳو. سرڪار سڳوريءَ اٽندي ئي اها زمين اتان جي غيرقانوني رهاڪن ۾ ورهائي ڇڏي. تڏهن وڃي محرم عليءَ ڪي ٻه هوش آيو. دستگير جي

ڳنڍ ٻڌي ويهي رهيو. چيائين، ”پنهنجي موروثي زمين اٿم. ضرور هٿ ڪندس. عوامي دور آيو آهي- ضرور عرض اگهبو.“
بس سائين، زمين محرم عليءَ جي، قلم منهنجو ۽ ٻولي انگريز جي! مهينن جا مهينا لنگهي ويا، پر محرم عليءَ جي درخواست تي نه ٿي قوت، نه ڪا ٻوٽ! هڪڙي ڏينهن محرم عليءَ کي سمجهائيندي چيو هوم، ”يار محرم علي نانگ بلائن کان زمين جو قبضو ڇڏائڻ سولو آهي، پر ماڻهن کان قبايل زمين جو قبضو موٽائي وٺڻ ناممڪن آهي.“ پر محرم علي نه مڙيو. مڙس اميد جي ٻير کي چنبڙي پيو هو، سو ٻيرن جي آس تان ساهه ڪٽيئي نه. اسان جي اک ۾ شرم، انڪار پڄيئي نه! نيٺ هڪڙي ڏينهن، جڏهن محرم عليءَ جي اميد ٽٽڻ لڳي، تڏهن سرڪار سڳوريءَ جي ڪنهن ڪاموري جو محرم عليءَ جي نالي خط آيو، جنهن ۾ لکيل هو ته، ”پيري داٻيجيءَ جي ڏاڪڻي طرف سروري نمبر فلاڻي مطابق جيڪا زمين آهي، سا برابر محرم عليءَ جي ملڪيت آهي، پر اها زمين سرڪار غريبن ۾ ورهائي ڇڏي آهي. تنهن ڪري محرم عليءَ کي زمين جي قبضي بدران ڪو مناسب معاوضو ڏنو ويندو.“
ان خط اچڻ کان پوءِ محرم عليءَ جي درخواستن جي نوعيت بدلجي ويئي. اڳ زمين جي قبضي بابت سرڪار کي درخواستون لکارائيندو هو، پوءِ معاوضي جي ترت وصوليءَ لاءِ سرڪار کي درخواستون لکائڻ لڳو.
جنهن ڏينهن جي ڳالهه مان اوهان کي ٻڌائي رهيو آهيان، تنهن ڏينهن مان درخواست وغيره لکڻ جي موڊ ۾ نه هوس. مون پنهنجي زال کي چيو، ”الهه بچائي، اڄ مان محرم عليءَ کي ڪابه درخواست لکي نه ڏيندس. اڄ مان بيحد ٿڪجي پيو آهيان.“
”چو!“ الهه بچائي، يعني منهنجيءَ زال پنهنجو هٿ منهنجي نرڙ تي رکيو، جنهن مان ٿوم جي ڏپ نڪري رهي هئي. پڇيائين، ”دشمنن جي طبيعت ته نيڪ آهي نه؟“
”خدا ڪري ته دشمنن جي طبيعت ڪڏهن به نيڪ نه هجي!“ کٽ تي ويهندي چيم، ”الله بخش، خدا بخش، قادر بخش ۽ مولا بخش لاءِ خيراتي اسپتال مان دوا

ونڻ ويو هوس. پيهه ايڏي چڱ خدا جو سمورو ملڪ بيمار هجي. پيهه جي ٿيلهن ۽ ڏڪ ڏڪان ۾ جهڄي پيو آهيان.“

الله بخش منهنجي وڏي پٽ جو نالو آهي ۽ خدا بخش ٻئي نمبر پٽ جو. منهنجي ٽئين نمبر پٽ جو نالو قادر بخش آهي ۽ چوٿين نمبر پٽ جو نالو آهي مولا بخش. ڪهاڻيءَ ۾ جيئن تہ منهنجن پٽن جو ذڪر آيو آهي، تنهنڪري مان پنهنجو ذڪر پڻ ضرور ڪندس. منهنجو نالو علي بخش آهي. مان پاڪستان جي سڀ کان وڏي شهر ڪراچيءَ جي سڀ کان وڏي علائقي، نيوڪراچيءَ جي سڀ کان ننڍي اسڪول ۾ ماستر آهيان. منهنجي چئني پٽن کي دائمي ڪنگهہ لڳل آهي. مان ڪنگهڻ کي عام رواجي بيماري نہ سمجهندو آهيان. جيڪو شخص زندگيءَ ۾ ڪنگهندو آهي، سو ڪڏهن بہ ترقي ڪري نہ سگهندو آهي ۽، جيڪو شخص زندگيءَ ۾ ڪنهن تي بہ نہ ڪنگهندو آهي، سو شخص ترقيءَ جون منزلون طي ڪري ڪاميابين جي مٿئين سطح تي وڃي پهچندو آهي. جيڪو شخص هر ڪنهن تي ڪنگهندو آهي ۽ هر ڪنهن کي ڪٽ ۾ آڻيندو آهي، سو شخص زندگيءَ جي پاتار ۾ لهي ويندو آهي. زندگيءَ۾ ڪنهن تي ڪنگهڻ ۽ ڪنهن تي نہ ڪنگهڻ جي عادت انسان کي ٻاراڻي وهيءَ ۾ پوندي آهي. مان نہ ٿو چاهيان تہ منهنجا چاريئي پٽ ڪنگهڻ جي مرض ۾ مبتلا ٿين ۽ پوءِ وڏي هوندي هر ڪنهن تي ڪنگهڻ جي مشق جاري رکن ۽ پوءِ هڪڙي ڏينهن زندگي جي پاتار ۾ لهي وڃن! مان تنهنڪري پنهنجي پٽن جي ڪنگهہ جو لاڳيتو علاج ڪرائيندو آهيان. پر، علاج جي باوجود نہ ڪنگهہ منهنجن ٻارن کي ڇڏيو آهي ۽ نہ ئي منهنجن ٻارن ڪنگهہ کي ڇڏيو آهي.

مون دوائن جون شيشيون ميز تي رکي ڇڏيون.

منهنجي زال چيو، ٻچي ڏاڙهيءَ واري پساريءَ جو ٽيون نمبر پٽ توکي ٽي دفعا سڏڻ آيو هو.“

ان وقت در کڙڪيو. الهه بچائيءَ وڃي در کوليو. محرم عليءَ جو چوٿون نمبر پٽ اندر آيو. هو شاهراهه پاڪستان جي چوواٽي تي سائيڪلن جا پنڪچر ڳنڍيندو هو، هن چيو، ”چاچا، توکي ني بابا سڏايو آهي.“

مون دل ۾ پاڻ کي، محرم عليءَ جي چوٿين نمبر پٽ کي ۽ محرم عليءَ کي پاراتا ڏنا. پوءِ، بيدليو محرم عليءَ جي گهر هليو ويس.
محرم عليءَ کي ڏسي، مون کان ڇرڪ نڪري ويو. هو وائڙو وائڙو پئي لڳو- جڻ ڪنهن سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا هيو. مون کي ڏسي اُٿي بيٺو. مئل ڏنيري جي اکين جهڙين اکين ۾ زندگي موٽي آيس. ڪنبندڙ آواز ۾ چيائين، ”ڪٿي آهين يار علي بخش! اصل ماري وڌو اٿئي.“
”خير ته آهي نه، محرم علي؟“ مون کانئس پڇيو.
”ها، هون ته مڙيئي خير آهي.“ هن پنهنجي چوٿين پٽ کي ڇڙٻ ڪنديء چيو، ”اڙي تون اجا تائين چو بيٺو آهي! هل هتان، هل.“
محرم عليءَ جو چوٿون نمبر پٽ هليو ويو. ڪوٺيءَ ۾ مان ۽ محرم علي اڪيلا رهجي وياسين.
محرم عليءَ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي، خبرداريءَ سان پنهنجي سٿڻ جي اُبداڻي مان هڪ ڪاغذ ڪڍي مون کي ڏنو. چيائين، ”هيءُ خط منهنجي وڏي پٽ ڏسي ورتو آهي. بدبخت انگريزيءَ جا ٻه چار اکر پڙهي ڄاڻي. چيائين ته معاوضي جي رقم بابت ڪا ڳالهه آهي.“
مون ڪاغذ پڙهي ڏنو. عقل چرخ ٿي ويو. محرم عليءَ کي کلهن کان وٺي ڏونڌاڙيندي چيم، ” محرم علي، تنهنجا ته وارا نيارا ٿي ويا آهن. سرڪار سڀوريءَ توکي چئن لکن رپين جي معاوضي جي آڇ ڪئي آهي.“
”آهستي!“ محرم عليءَ منهنجي وات تي پنهنجو هڏائون هٿ رکي ڇڏيو. چيائين، ”آهستي ڳالهاءِ علي بخش. منهنجي زال، پٽ ۽ ڌيئون پيسن جي ڳالهه نه ٻڌي وٺن.“
ڏسندي ئي ڏسندي محرم عليءَ کي ڪنبڻي وٺي ويئي. مون ڪيس پاڻيءَ جو گلاس پري، آڻي ڏنو. هو يڪ ساهي پاڻيءَ جو گلاس پي ويو. هو ڪجهه ڪجهه سامت ۾ آيو. چيائين، ”منهنجو وڏو پٽ چور آهي. هن هيءُ ڪاغذ ڏسي ورتو آهي.“

”تنهنجو وڏو پٽ ته ڏاڍو نيڪ آهي، محرم علي.“ چيم، ”هو ويچارو خالي دٻا ۽ بوتلون وڪڻي پنهنجو خرچ پکو ڪڍندو آهي- توتي بار ته نه آهي.“
”تو کي خبر ڪونهي علي بخش.“ محرم عليءَ چيو، ”دولت بڇڙي بلا آهي.“
محرم علي ٻئي هٿ مٿي تي رکي کٽ تي ويهي رهيو، ۽ سوچ ۾ گم ٿي ويو. ڪجهه دير ڪانپوءِ پڇيائين، ”پڪ اٿئي نه مون کي پيسا ملندا؟“
”ها محرم علي.“ چيم، ”تون عنقريب لکاپتي ٿي ويندين.“
محرم علي ڪنڌ مٿي ڪري پنهنجي گهر جي ڪچي ڇت ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ پتين ڏانهن ڏٺو. پڇيائين، ”هن ڪچي گهر مان چور ۽ ڌاڙيل منهنجا چار لک رپيا چورائي ته نه ويندا؟“
وراڻيم، ”چار لک رپيا وصول ڪرڻ ڪانپوءِ تون هن ڪچي گهر ۾ چو رهندين!“
پڇيائين، ”ته پوءِ ڪيڏانهن ويندس؟“
”ڪنهن سٺي، سهڻي ۽ ناهوڪي بنگلي ۾.“
”ته ڇا هيءُ اباڻو اجهو مونکي ڇڏڻو پوندو؟“
”ها محرم علي.“ چيم، ”دولت ملڻ ڪانپوءِ ماڻهو سمورا پراڻا رشتا ٽوڙي، نوان رشتا جوڙيندو آهي.“
ان وقت محرم عليءَ جو وڏو پٽ، جيڪو خالي دٻا ۽ بوتلون وڪڻندو هو، اندر آيو. مون کان پڇيائين، ”چاچا، ڪاغذ ۾ پيسن جي ڳالهه لکيل آهي نه؟“
”اڙي هل هتان.“ محرم عليءَ ڪيس ڇڙٻ ڪيندي چيو، ”تنهنجو ڪهڙو ڪم ته ڪاغذ ۾ ڇا لکيل آهي!“
هو ويچارو خالي دٻي جهڙو منهن ڪٽي هليو ويو. محرم علي کٽ تي ويٺو رهيو ۽ سوچيندو رهيو. پوءِ هٿن جون تريون مهٽيندي مون کان پڇيائين، ”يار علي بخش، چار لک رپيا مان ڪيڏانهن ڪندس؟“
”سوال اهو ناهي محرم علي ته چار لک رپيا تون ڪيڏانهن ڪندين.“ چيم، ”ڏسڻو اِهو آهي ته، اِهي چار لک رپيا توکي ڪيڏانهن ٿا ڪن.“
محرم علي وڏيڪ پريشان ٿي ويو. پڇيائين، “يار، مان ڪيڏانهن گم ٿي ويندس ڇا؟“

”ممڪن آهي.“ چيم، ”پر، في الحال ڪجھ چئي نہ ٿو سگھجي.“
محرم عليءَ کي جڏهن ڪجھ سمجھ ۾ نہ آيو، تڏهن پڇيائين، ”تون ئي ڪا صلاح ڏي. مان تہ آهيان ڪورو چٽ. مون کي سمجھاءِ تہ مان چئن لکن کي ڪيڏانهن ڪريان.“
”چار لک نہ.“ چيم، ”ٽن لکن جي ڳالھ ڪر محرم علي.“
محرم عليءَ ڪجھ ڪجھ حيران ٿيندي چيو، ”رقم تہ چار لک رپيا ڏيٽي ڪئي اٿائون نہ!“
”ها.“
”پوءِ سڄو سمورو هڪ لک ڪيڏانهن ويندو؟“
”هنود قاصائيءَ جي کڏ ۾.“
”هان!“ وات ڦاڙي ويس.
”خط ۾ توکي چار لک رپيا ڏيڻ جي آڇ ڪئي اٿائون. توکي چئن لکن جو چيڪ نہ موڪليو اٿائون.“ محرم عليءَ کي ڪاموڪري لڏي جو سرشتو سمجھائيندي چيم، ”تون جڏهن چئن لکن جو چيڪ وٺڻ ويندين، تڏهن گهٽ ۾ گهٽ 25 سيڪڙو رقم صاحبن ۽ صاحبن جي چمچن کي نذر نياز ۾ ڏيئي ايندين.“
پڇيائين، ”۽ جيڪڏهن نہ ڏيان تہ پوءِ؟“
”تہ پوءِ اها رقم تنهنجن پڙپوٽن کي بہ نہ ملندي.“
”سو وري ڇو؟“
”اهو ڪامورا شاهيءَ جو اڻلکيل دستور آهي.“
محرم علي ڏڪي ويو. منهن جا گھنج وڏيڪ چٽا ٿي پيس. نرڙ ۾ گُنڊ پئجي ويس. پوءِ، هو ڪٽ تان اٿيو. ٻئي هٿ ڪڇن ۾ ڏيئي، ڇڻ سيءُ ٿيندو هجيس، هو ڪوٺيءَ جي ڪنڊ ۾ وڃي ويٺو.
محرم عليءَ جي حال تي مون کي رحم آيو. مون وڃي وڃي سندس ڪلهي تي هٿ رکيو. پڇيومانس، ”ڇا پيو سوچين، محرم علي؟“
هن منهن ورائي مون ڏانهن ڏٺو. پوءِ مظلوماڻي لهجي ۾ چيائين، ”تون ئي ڪا صلاح ڏي، علي بخش. مان ڇا ڪريان.“

مان سوچ ۾ پئجي ويس. ڪا صلاح سمجهه ۾ نه آئي.
”ڪجهه ته ڳالهاءِ. محرم عليءَ التجا ڪندي چيو، ”يار، ڪا ته صلاح ڏي.“
”مان ڪهڙي صلاح ڏيانءِ، محرم علي.“ چيم، ”مان پاڻ مولائي ماڻهو آهيان. مون کي ڪهڙي خبر ته ايڏن پيسن مان ڇا ڪري سگهجي ٿو!“
”ڳالهه ته نيڪ پيو ڪرين، يار.“ محرم عليءَ چيو، ”تون اخبار پڙهندو آهين. ووٽن ۽ چوندن جون ڳالهيون ڪندو آهين تون ڪانه ڪا چڱيرڙي صلاح ڏيئي سگهين ٿو!“
گهڻي سوچ ويچار ڪانپوءِ به مون کي ڪا صلاح سمجهه ۾ نه آئي. محرم عليءَ کي چيم، ”هيئن ڪر محرم علي، سموري رقم الله جي نالي ۾ مسڪينن ۽ محتاجن ۾ ورهائي ڇڏ.“
محرم عليءَ اکيون چنجهيون ڪري مون ڏانهن ڏٺو- ڄڻ، منهنجي صلاح نه وڻي هجيس. پوءِ، ڪياڙي ڪنهندي چيائين، ”يار، مون مسڪين کي الله سائينءَ جيڪا رقم ڏني آهي، سا رقم ٻين مسڪينن ۾ وري ڪيئن ورهائي ڇڏيان! اها ته الله سان ٺڳي ٿيندي.“
”ته پوءِ يتيم خانو هلاءِ.“
”يتيم خانو هلايان.“
”ها. ثواب جو ثواب، نيڪيءَ جي نيڪي، ۽ فائدي جو فائدو.“
”فائدو وري ڇا جو؟“
”اول ته يتيمن کي ڪو سود مند ڌنڌو سڪارجانءِ، جهڙوڪ: گلم غاليچا ناهڻ، پيتيون ناهڻ، خيرات گهرڻ، چوريون ڪرڻ، ڪيسا ڪترڻ وغيره. پوءِ، وٽنو لکين رپيا ڪمائجانءِ.“ محرم عليءَ کي زماني سازيءَ جو درس ڏيندي چيم، ”۽ ٻيو ته، ان ڪم مان ناممڪن چار ٿيندو. انسان دوست ۽ غريبن جو هڏ ڏوکي سڏبين. هر سال، سرڪار کان يتيم خاني لاءِ هزارين رپين جا فنڊ وٺنو وصول ڪندين.“
محرم عليءَ عجب وچان مون ڏانهن ڏٺو. پڇيائين، علي بخش پنگ ته نه پيتي اٿئي ”پنگ اسان جي معاشري پي ڇڏي آهي“ چيم ”جيڪي زماني ۾ ڏٺو اٿم، سو ئي وٽنو ٻڌايانءِ.“

”يار زماني جي ڳالهه ڪري باهه ڏي.“ محرم عليءَ چيو، ”ڪو مفيد ڌنڌو ٻڌاءِ، جنهن ۾ سموري رقم لڳائي ڇڏيان.“

الاءِ ڪيئن، ذهن ۾ هڪدم هڪ خيال اُڀري آيو. چيم، ”پنهنجي ڪٽنب سميت، بلڪ مائٽن مٽن ۽ اوڙي پاڙي سميت عمري ڪرڻ جو ڌنڌو شروع ڪر.“

مون کي اک ڏيکاريندي پڇيائين، ”اڙي علي بخش، عمرو ڌنڌو آهي؟“

”اڳين وقتن جي مون کي ڪا خبر ڪونهي. باقي ويهين صديءَ جي پوئياڙيءَ ۾ عمرو ڌنڌو ٿي پيو آهي.“ مون کي پنهنجو لهجو زهريلو محسوس ٿيو ۽ بنهه نه وڻيو. چيم، ”تون پنهنجي ڪٽنب ۽ آڪهه سميت هر سال عمرو ڪجانءِ ۽ اتان واچون، ريڊيا، ٽيپ رڪارڊر، ولايتي ڪپڙو ۽ سون آڻي پنجوڻي بلڪ ڏهوڻي قيمت ۾ وڪڻجانءِ ۽ موج ڪجانءِ.“

”نه بابا، نه.“ محرم عليءَ چيو، ”مونکان ڦڏي جو ڪم نه ٿيندو.“

”تون عمري کي ڦڏو ٿو سمجهين!“ مون محرم عليءَ کي چيو، ”تون ڪفر ٿو بڪين.“

هڪدم چيائين، ”حج ۽ عمرو ڪندس، پر اهو ڪم نه ڪندس.“

مان ڪليس- محرم عليءَ جي سادگيءَ تي. چيم، ”تون اهڙا اهڙا ڪم ڪندين، جو خود حيران ٿي ويندين.“

ڏجي ويو. پڇيائين، ”ڪهڙا ڪم ڪندس؟“

”تون ادبي مذاڪرن، سنگيت جي محفلن ۽ مشاعرن جي صدارت ڪندين.“

”مان!“

”ها، تون.“ چيم، ”تون پينٽنگن جي نمائش جو به افتتاح ڪندين.“

هو منجهي پيو. چيائين، ”پر مان ڪورو ڄٽ آهيان.“

مونکي محرم عليءَ تي ڪل آئي. چيم، ”دولت اڄڪلهه ڪانپوءِ ماڻهو سڀ ڪجهه ڪري سگهندو آهي.“

”يار!“ چيائين، ”ٻيو ڪو ڌنڌو ٻڌاءِ- ڪم جو هجي.“

”مڇي مارڻ جون ٻه لانچون خريد ڪر.“

”مهاڻو ٿيان؟“

”نہ. سمگلر تجانءِ.“
”سمگلر؟“
”مجي مارڻ جي بهاني جهاز ۾، چرس ۽ آفيم پيو ڪٽي وڃجانءِ ۽ موٽ ۾ سون ۽ واچون پيو ڪٽي اچجانءِ“
”يار تون تہ ابتيون صلاحون پيو ڏئين.“ محرم عليءَ چيو، ”ڪا سئين سڌي صلاح ڏي.“
”تہ پوءِ غور سان ٻڌ.“ چيم، ”سياست ۾ ڪاهي پئہ.“
”سياست ۾ ڪاهي پوان! مان؟“
”ها، تون.“
”پر مان تہ ہہ درجا بہ پڙهيل نہ آهيان.“
”ان لاءِ علم جي ضرورت نہ هوندي آهي.“ چيم. ”سچ پڇين تہ محرم علي، تو جهڙا ماڻهو سياست ۾ ڏاڍا ڪامياب ٿيندا آهن.“
”يوڳ نہ ڪر، يار.“
”يوڳ نہ ٿو ڪريان.“ چيم. ”تون چوٽ ۾ ڪنهن سياسي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏ.“
محرم علي سوچ ۾ پئجي ويو.
مون چيو، ”پر پارٽي مضبوط ۽ طاقتور هئڻ گهرجن. ٻڏندڙ ٻيڙي ۾ پير رکڻ نہ گهرجي.“
محرم عليءَ مون ڏانهن ڏٺو.
مون چيو، ”۽ پوءِ توکي قومي يا صوبائي اسيمبليءَ جي سيٽ لاءِ چونڊ لڙڻ جي تياري ڪرڻ گهرجي.“
محرم عليءَ هٻڪندي هٻڪندي پڇيو، ”مون ٻڌو آهي، چونڊن جي چڪر ۾ قارون جا خزانا بہ ختم ٿي ويندا آهن؟“
”ها، ائين برابر آهي.“ چيم، ”تون سياست ۾ اچڻ ڪانپوءِ جڏهن ماڻهو نہ رهندين ۽ ليڊر ٿي پوندين، تڏهن ہہ- چار بنگلا تہ تڙي ڪڙي ناهرائي سگهندين ۽ ہہ- چار موٽرون بہ درتي بيهاري سگهندين.“

ان وقت محرم عليءَ جون ٽيون نمبر پٽ اندر آيو ۽ پيءُ کان هريڙ گهرڻ لڳو. پيٽ ۾ گڙٻڙ هئس. پڻهس چڙپ ڏيئي پڇائي ڪڍيس. هو هليو ويو.

محرم عليءَ چيو، ”ته تنهنجي صلاح آهي ته مان سياست ۾ بهرو وٺان؟“

”ها.“ چيم، ”ملڪ کي تو جهڙن قابل ماڻهن جي سخت ضرورت آهي.“

محرم علي قائل ٿيڻ لڳو. پڇيائين، ”ته پوءِ شروعات ڪيئن ڪجي؟“

”ڪنهن وڏيءَ هوٽل ۾ پريس ڪانفرنس سڏائي، ڪنهن مضبوط سياسي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏ.“ چيم، ”پر اعلان ڪرڻ کان اڳ هڪ ڳالهه جو خيال ضرور رکجانءِ، ته جنهن پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪرين، تنهن پارٽيءَ جي 1976ع وارين چوندن ۾ ڪاميابي يقيني هجي. ان باري ۾ اول خوب سوچبو.“

اندران محرم عليءَ جي زال جو آواز آيو. چيائين، ”اڪبر ڏندو هٽي جهانگير جو مٿو ڦاڙي وڌو آهي. هينئر شاهجهان ٻنهي ڀائرن کي مار ڏيڻ لاءِ تيار بيٺو آهي.“

”اورنگزيب کي چئي. ٽنهي کي ڪڪڙ ڪرائي ڇڏ.“ محرم عليءَ جواب ڏيندي چيو، ”مان هن وقت سخت مصروف آهيان. علي بخش کان سرڪار سڳوريءَ کي درخواست لکائي رهيو آهيان.“

پڇيومانس، ”ته پوءِ ڪهڙو فيصلو ڪيو اٿئي. سياست ۾ بهرو وٺندين يا سمگلر ٿيندين؟“

”مان سمجهان ٿو، ملڪ کي منهنجي ضرورت آهي.“ محرم عليءَ گنڀير ٿيندي چيو، ”مان سياست ۾ بهرو وٺندس، علي بخش.“

مون محرم عليءَ کي چيو، ”توکي ٻي شادي به ڪرڻي پوندي.“

”ٻي شادي!“ محرم عليءَ کان ڇرڪ نڪري ويو. پڇيائين، ”چو؟“

”تنهنجي زال معاف ڪجانءِ، پڙهيل ناهي ۽ نه ئي وري ڪا سهڻي آهي.“ محرم عليءَ کي سمجهائيندي چيم، ”توکي ڪا اهڙي زال ڪرڻي پوندي، جيڪا عورتن جي فلاح ۽ بهبوديءَ تي تقريرون ڪري سگهي ۽ ميلاد جي محفلن جي صدارت ڪري سگهي.“

”نه بابا.“ محرم عليءَ چيو، ”مان ٻي شادي هرگز نه ڪندس.“

چيم، ”تہ پوءِ سياست ۾ ٻهرو ونڻ جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏ.“
پڇيائين، ”ڇو ڪڍي ڇڏيان؟“
وراڻيم، ”ڇو جو گهٽي پڙهيل، پر چالاڪ، سهٽي ۽ فيشني زال ڪان سواءِ اڄڪلهہ جي سياست اڻپوري سمجهي ويندي آهي.“
محرم علي ڪشمڪش ۾ پئجي ويو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ چيائين، ”مان اڏ اڪري جيڪڏهن چونڊجي ويس تہ اسيمبلي ۾ وڃي ملڪ لاءِ ڇا ڪندس؟“
”ملڪ جو گاڏو پيو گيهلجي.“ چيم، ”تون رڳو پنهنجو فڪر ڪر محرم علي.“
مان اڳتي توهان کي ڪجهہ نہ ٻڌائيندس. تہ اڄڪلهہ محرم علي ڪٿي آهي، ڪيئن آهي ۽ ڇا ڪندو آهي! مان توهان کي فقط ايترو ٻڌائيندس، تہ هو اڄڪلهہ نهايت اهم شخص آهي. اک جي اشاري سان ڪنهن جا بہ لاهہ ڪڍائي سگهندو آهي.

# هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا

مان فرشتي جو انتظار ڪري رهيو هوس. اُهو فرشتو ڪا آسماني مخلوق نہ هو. هو اسان وانگر حرڪتَ مان برڪت ۾ آيو هو ۽ ماڻهو، ماڻهوءَ جو پُٽ هو. فرشتو سندس نالو بہ نہ هو. مان جنهن ڪاتي ۾ نوڪري ڪندو آهيان، تنهن ۾ جيڪو وڏيڪ چست ۽ برجستو هوندو آهي، تنهنڪي فرشتو سڏيو ويندو آهي. مان توهانکي پنهنجي ڪاتي جو نالو نہ ٻُڌائيندس. نالو ٻُڌائڻ ڏوهہ آهي. توهان منهنجي ڪاتي جي اهميت جو ان مان اندازو لڳائي سگهو ٿا، تہ نوڪريءَ ۾ چوندجڻ ڪانپوءِ جڏهن پهريون دفعو ڪاتي جي سربراهہ، يعني صاحب بهادر آڏو پيش ٿيو هوس، تڏهن منهنجي بدني بناوت ۽ وجود جي پڙپانگ جاگرافيءَ ڪان بنهہ بيپرواهہ ٿيندي، هن مونکي چيو هو، ”هينئر مملڪت خداداد، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي بقا، سالميت ۽ يڪجهتيءَ جو بار تنهنجن ڪلهن تي آهي. ايمانداريءَ سان اِهو بارڪڻندين تہ جلد ترقي ڪندين ۽ مون واري ڪرسي ماڻيندين. صاحب بهادر جي ڳالهہ ٻڌي مون سوچيو هو مان جيڪو پنهنجي گهر جو بار سهندي ڪڻندي ڳچيءَ تائين فڪرن جي ڏبڻ ۾ دفن ٿي ويو آهيان، سو هيڏي ساري مملڪتِ خداداد اسلامي جمهوريہ پاڪستان جو بار ڪيئن ڪڻي سگهندس، جنهن جي آدمشماري ٻارنهن ڪروڙ ۽ جنهن مان 9909 سيڪڙو آدم مون وانگر جُوڪيو آهي! تڏهن سوچيو هوم، تہ مان اُن ملڪ جي سلامتي، يڪجهتي ۽ بقا جو پَرجهلو ڪيئن ٿي سگهندس، جنهن جي چئن صوبن جي تهذيب تمدن، تاريخ ۽ ثقافت کي ملياميٽ ڪري، ابوجهل قسم جي سياستدانن ون يونٽ ناهڻ جو تاريخي ڏوهہ ڪيو آهي! پر پوءِ پاڻکي سمجهايو هوم، تہ مونکي جيئن تہ پنهنجي ڪٽنب جو بار ڪڻڻ لاءِ نہ پرمٽ آهي ۽ نہ پروانو، تنهنڪري مونکي مملڪت خدا داد، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي بقا جو بار ڪڻڻو پوندو ۽ پنهنجي ڪٽنب جو پيٽ پالڻو پوندو. تنهنڪري، گذريل چوويهہ سالن کان ملڪ جي يڪجهتي ۽ سالميت جو بار مون پنهنجن ڪلهن تي کنيو

آهي، جنهن جي عيوض مونکي هڪ سوپنجهتر رپيا ۽ پنجهتر پيسا پگهار ۾ ملندا آهن.

فرشتو چوڌري ڪرم الاهي بہ مون وانگر ملڪ جي بقا جو پرجهلو آهي. هو بيحد برجستو آهي، يعني فرشتو آهي. هو مونکان وڌيڪ پگهار ڪٽندو آهي ۽ ڪاتي جي صاحبن کي وٽندو آهي. چوڌري ڪرم الاهي، عرف فرشتو ان بار هيٺان بيحد خوش آهي. اهو بار ڪٽڻ لاءِ هن وڏي قرباني ڏني آهي. هن پاڪستان کي ٽُڪر ٽُڪر ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ پنهنجي اباڻي وطن جلال پور جٽان کي خيرآباد ڪري سنڌ جا وڻ اچي وسايا آهن ۽ هتي ڪيترن ئي يارن جا وڻ وڄائي ڇڏيا آهن. هڪ دفعي ذري گهٽ منهنجا وڻ وڄائي ڇڏيا هئائين. پڇيو هومانس، ”يار فرشتا، اهو ڪهڙو راز آهي، جو پاڪستان جي سالميت کي سنڌ مان خطرو آهي ۽ تو جلال پور جٽان مان هجرت ڪري، پاڪستان جي بقا لاءِ سنڌ ۾ اچي واسو ڪيو آهي؟“ فرشتي ڏاڍي رازداريءَ مان ٻڌايو هو، ”هُتي، سنڌ ۾ زيرِ زمين تحريڪون هلي رهيون آهن.“ مونکي ڏندين آڱريون اچي ويون هيون. پڇيو هومانس، ”سنڌ جي تپاس جو ٽراميٽر سنڌ کان باهر آهي ڇا؟ تون زيرِ زمين تحريڪن جي ڳالهہ ٿو ڪرين. هتي زيرِ زمين تحريڪ جو بہ نالو نشان ڪونهي.“ فرشتي تمام خوفناڪ، راڪاس جهڙو ٺهڪ ڏيندي چيو هو، ”تون بہ ڪنهن زيرِ زمين تحريڪ جو ڪارڪن آهين.“ فرشتي جي ڳالهہ ٻڌي منهنجا وائيسر ڍرا ٿي ويا ۽ مون پاڻکي پنهنجي ڪٽنب سميت صليب تي چڙهندي محسوس ڪيو هو.

ڊپٽي صاحب فرشتي کي سڏائي ورتو هو ۽ مان فرشتي جو انتظار ڪري رهيو هوس. فرشتو ڊپٽي صاحب جو خاص چمچو آهي ۽ گرائين بہ آهي. ڊپٽي صاحب گهٽو ڪري ڪيس گُهرائي وٺندو آهي ۽ ڪانئس سنڌ جي خراب ٿيندڙ سياسي حالت جو احوال وٺندو آهي.

ٿوري دير ڪانپوءِ فرشتو موٽي آيو. منهن لٿل هوس. مون ڏانهن نہ ڏٺائين. بازار ڏانهن ڪلندڙ دريءَ وٽ وڃي بيٺو.

ان وقت شام جو وقت هو. سمورو عملو ڊيوٽيءَ تي وڃي چڪو هو. ان ڏينهن شهر ۾ ٻه- ٽي جلوس نڪتا هئا. ٻن- ٽئن هنڌن تي اسٽرائيڪون ٿيون هون، پٿربازي ٿي هئي ۽ باهين لڳڻ جا واقعا ٿيا هئا. ڪجهه شاگرد ٻک هڙتال تي ويٺا هئا. شام جو پڪي قلعي، ڪچي قلعي ۽ لطيف آباد ۾ جلسا ٿيڻا هئا. اهو دور ون يونٽ خلاف ٻرندڙ جبل وانگر ڦاٽندڙ ۽ ڪامندڙ دور هو. اسانکي گهڙيال جي ڪانٽن وانگر چوويهه ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پوندو هو. پر تنهن هوندي به مٿان فون تي فون پئي ايندي هئي ته سنڌ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي! ايڏو گوڙ، ايڏو گهمسان ڇا جو آهي، جو سموري اولهندي پاڪستان ۾ ٻئي ڪنهن صوبي جو آواز ٻڌڻ ۾ نه ٿو اچي!

فرشتو دريءَ وٽان هٽي، منهنجي ميز وٽ اچي بيٺو. ان وقت مان ڪانئس موڪلائي گهر وڃڻ لاءِ سوچي رهيو هوس. فرشتي ٻئي هٿ ميز تي رکي مون ڏانهن ڏسندي چيو، ”ڊبو، توتي مصيبت نازل ٿيڻ واري آهي.“

پڇيومانس، ”ڪنهن هٿراڌو زيرِ زمين تحريڪ ۾ منهنجو نالو شامل ته نه ڪيو اٿئي؟“

چيائين، ”وڃ، ڊپٽي صاحب ٿو سڏيئي.“

مان ڏڪندو ۽ ڪنبدو، ڏاڍي احترام ۽ ادب سان ڊپٽي صاحب جي ڪمري ۾ داخل ٿيس. ڊپٽي صاحب پنجاهه- پنجونجاهه ورهين جي لڳ ڀڳ آهي، پر اڪروٽ جهڙو سخت ۽ ڏاڙهونءَ جهڙو ڳاڙهو آهي. بدن جو پريل، قداور ۽ طاقتور آهي. مونکي ڏسنديئي ٻُل ڏنائين، ”اوئي ڦٽي مونهه! مفت جو پگهار ٿو کائين؟“

ائين ٻاڏايم، جيئن آسمان ڏانهن هٿ کڻي اٽڪڻي الله جي درگاه ۾ ٻاڏائبو آهي. چيم، سائين، حلال جو پگهار ٿو کاوان. هڪ سوپنجهتر رپين ۽ پنجهتر پيسن جي عيوض مان چوويهه ڪلاڪ لاڳيتي ڊيوٽي ڏيندو آهيان. شاگردن ۽ مظاهرو ڪندڙ مزدورن جا پادر ۽ پٿر کائيندو آهيان. ماڻهن جي ملامت سهندو آهيان. هي ڏسو،“

مون ڊپٽيءَ صاحب ڪي بدن جا مختلف عضوا ڏيکارڻ شروع ڪيا، جن تي مظاهرن جي مُهر لڳل هئي. ڪيس پنهنجي ڏائي اک ڏيکاريندي چيم، ”ڏسو، هڪ ڪاليجي ڇوري اهڙو تہ چتائي ٺماٺو وهائي ڪڍيو، جو ذري گهٽ راجا رنجيت سنگهہ ٿيندي بچي ويو آهيان ۽ سائين هي ڏسو.“

ٽوپي لاهي ڊپٽي صاحب کي پنهنجي ٽڪڻ ڏيکاريندي چيم، ”هي ڊُولو ڏسو. روهڙيءَ وارا چوندا آهن- حج قبول، مٿي ۾ ڊول. پٿر گول ۽ لسو نہ هجي ها، تہ جيڪر ٽڪڻ جو پنچر ڪري ڇڏي ها ۽ هيءُ ڏسو.“

قميص مٿي ڪري ڊپٽي صاحب کي پٺي ڏيکاريندي چيم، ”مان ڏسي نٿو سگهان. فقط عذاب محسوس ڪيان ٿو. هڪ مچريل مزور پُٺيءَ تي هاڪي هڻي ڪڍي. هيءَ نونڻ ڏسو، سوڊا واٽر جي بوتل لڳي هئي ۽ هيءَ پني ڏسو، هڪ شاگرد بانو هنيو هو ۽ هي ڏسو.“

مون پتلون لاهڻ لاءِ ٻئي هٿ بٽڻن ۾ وڌا، چيم، ”هيءُ ڏک بہ ڏسو.“

”بس بس.“ ڊپٽي صاحب رڙ ڪئي. چيائين، ”قوم لاءِ جان قربان ڪبي آهي. تون معمولي ڏکن ۽ رهڙن کان ٿو گهٻرائين، اوئي ڦٽي مونهہ.“

عرض ڪيم، ”اهي ڏک مونکي قوم هنيا آهن.“

”اوئي ڦٽي مونهہ.“ ڊپٽي صاحب جو پارو چڙهي ويو.

ڊپٽي صاحب جي وات تي ”اوئي ڦٽي مونهہ،“ ائين چڙهيل آهي. هو اصل امرتسر جو وينل آهي. پوءِ، 1942ع ۾ جڏهن انگريزن حُرن تي هوائي جهازن مان بمباري ڪري سندن ڳوٺن جا ڳوٺ ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيا، تڏهن ڊپٽي صاحب، جيڪو ان وقت ڪاٺي جي سپ کان هيٺين خاڪي ۾ هو، انگريزن جي اشاري تي امرتسر مان هجرت ڪري سانگهڙ اچي وسايو.ان وقت کان، يعني 1946ع کان ڊپٽي صاحب سنڌ ۾ آهي. هو ان عرصي ۾ سنڌي ڳالهائڻ ٻولهائڻ بہ سکي ويو آهي. ڪل اٽڪندي اٽس فقط هڪ جملي تي- ”اوئي ڦٽي مونهہ“

ڊپٽي صاحب ميز تي بيد جو لڪڻ وهائيندي پڇيو. ”اوئي ڦٽي مونهہ، اسٽيشن روڊ تي ليڊي ڊفرن اسپتال جي پٺ ڏٺي اٿئي؟“

”ها سائين، ڏٺي اٿم.“

”ڪيئن آهي؟“
”تمام مضبوط آهي.“
”اوئي ڦٽي مونهہ.“
هڪدم چيم، ”ها، پت تمام اُپي آهي. ڪا بہ عورت ويم ڪري بنا پيسن ڏيڻ جي اُها پت ٽپي پجي نہ سگهندي.“
جواب ۾ڏي ڊپٽي صاحب آپي مان نڪري ويو. تمام ڪُهري لهجي ۾ چيائين، ”ڦٽي مونهہ! اها پت ڏسي توکي پنهنجو فرض ياد نہ ايندو آهي؟“
مان هڪدم سوچ ۾ ٻڏي ويس. سوچيم: ليڊي ڊفرن اسپتال جي پت ڏسي مونکي ڪهڙو فرض ياد اچڻ گهرجي! ائين برابر هو، تہ انهن ڏينهن ۾ منهنجي گهر واري خير سان ڏهون دفعو اُميد سان هئي ۽ مان سخت نا اُميد هوس. پر منهنجي گهر واريءَ جي اُميد ۽ مان سخت نا اُميد جو ليڊي ڊفرن اسپتال سان نہ سڌو ۽ نہ وري ڪو اڻسڌو واسطو هو. مون خواب ۾ بہ نہ سوچيو آهي، تہ مان پنهنجي گهر واريءَ کي ملڪ جي آدمشماريءَ ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ليڊي ڊفرن اسپتال ۾ داخل ڪرائي سگهندس. مون ڦليلي پار پريٽ آباد جي هڪ دائيءَ سان ٻڌي ليکي سودو ڪري ڇڏيو آهي. هوءَ هر سال محرم جي مهيني ۾ بنا سڏائڻ جي هلي ايندي آهي ۽ منهنجي گهر واريءَ کي هڪ عدد ٻار ڄڻائي موٽي ويندي آهي. تنهنڪري منهنجو، يا منهنجي زال جو ليڊي ڊفرن اسپتال سان ڪو بہ واسطو نہ هو، نہ آهي ۽ نہ رهندو.
جڏهن خاموش رهندي ۽ سوچيندي ڪافي دير ٿي ويئي، تڏهن ڊپٽي صاحب رڙ ڪندي چيو، ”اوئي ڦٽي مونهہ! ليڊي ڊفرن اسپتال جي اُت جيڏي پت ڏسي، توکي ڪو خيال نہ ايندو آهي!“
تڏهن اوچتو هِڪَ خيالَ ذهن کي روشن ڪيو. هڪدم وراڻيم، ”سر، ليڊي ڊفرن اسپتال جي پت ڏسي مونکي هڪ خيال ايندو آهي.“
”ڪهڙو خيال؟“ ڊپٽيءَ پڇيو.
”جنهن رفتار سان اسين جيل پري رهيا آهيون، تنهن مان اها اميد ڪري سگهجي ٿي تہ انشا الله تمام جلد سينٽرل جيل ۽ نارا جيل ۾ هائوس فل ٿي ويندو.“

پنهنجي ڳالهه تي زور ڏيندي چيم، ”هنگامي حالتن ۾ ليڊي ڊفرن اسپتال ڪي جيل بدران استعمال ڪري سگهجي ٿو. مجال آهي جو ڪو شاگرد، مزور يا سياسي قيدي اها اُپي پت ٽپي پڄي سگهي!“

ڊپٽي صاحب جي منهن ۾ گُندِ پئجي ويو. شوڪي ڏنائين. پوءِ چيائين، ”تون لاپرواهه آهين. مان تنهنجي بدلي لورالائي ڪرائي ڇڏيندس.“

”اهڙو ظلم نه ڪجو سائين.“ عرض ڪيم، ”پرديس ۾ جيڪڏهن ڪنهن جو رڪارڊ خراب ڪيم ته پادر ڪائيندس. خدا جي واسطي منهنجي بدلي لورالائي نه ڪجو.“

ڊپٽي صاحب جي ڪاوڙ ڍري ٿي. پڇيائين، ”ليڊي ڊفرن اسپتال جي ٻاهرين پت ڏٺي اٿئي.“

”ها سائين.“

”ان پت تي طرحين طرحين جون لڪٽيون نظر ايندیون آهن. آهن نه.؟“

”ها سائين.“

”هاڻي هڪدم ٻڌاءِ ته ليڊي ڊفرن اسپتال جي پت تي ڇاڇا لکيل هوندو آهي.“

مون حافظي تي زور ڏنو. منهنجو حافظو اسانجي هوش وانگر ڪمزور آهي. گهڻي سوچ ويچار ۽ ذهني ولوڙ ڪانپوءِ پت تي لکيل ڪجهه جملا ۽ نعرا ياد آيا. چيم، ”سائين، ڪجهه جملا ياد آيا آهن.“

”ٻڌاءِ.“

مون ڪيس جملا ۽ نعرا ٻڌائڻ شروع ڪيا، اهڙي نموني، جهڙي نموني منهنجي ذهن ۾ ايندا ويا. چيم، ”سائين، ليڊي ڊفرن اسپتال جي ٻاهرين پت تي لکيل هوندو آهي: اسلامي سوشلزم مژده باد- مزدور ڪا مطالبہ اسلامي نظام- وڃايل طاقت ۽ جواني ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ اچو، هوندو لولو هيلٿ سينٽر ۾- ڪميونسٽون ڪا قبرستان، پاڪستان پاڪستان- شاليمار ۾ ڏسو يڪي والي فلم ۾ مسرت نظير جا هوشر باناچ- پاڪستان ۾ قرآني قانون نافذ ڪيو- ڏهن ڏينهن ۾ ٽائيپ ڪرڻ سکو- زناني ۽ مرداڻي پوشيده بيمارين لاءِ ياد رکو حڪيم جالينوس رامپوري- راجا ڏاهر مژده باد- جاڳو جاڳو مهاجر جاڳو- محمد بن قاسم

زنده باد- سابق صوبہ سنڌ ڪا نام باب اسلام رکا جائي- باٽا جا بوٽ مضبوط ۽ پائدار آهن- ڊالر انڪ،“
”بس.“
”بس سائين.“
”اوئي ڦٽي منهہ!“ ڊپٽيءَ چيو، ”انهن نالن جي وچ ۾ لڪيل هوندو آهي- ون يونٽ مڙده باد- ون يونٽ ختم ڪريو.“
”ون يونٽ کي ختم ڪريو!“
”ها، ون يونٽ کي ختم ڪريو.“ ڊپٽي چيو، ”پاڪستان جي سالميت ون يونٽ ۾ آهي، جيڪو شخص ون يونٽ جي خلاف آهي، سو پاڪستان جي خلاف آهي، پاڪستان جو دشمن آهي. هي ملڪ اسلام جي نالي ۾ ورتو ويو آهي، تنهنڪري اسين سيئي اسلامي اخوت ۾ ٻڌل آهيون. اسين هڪ مذهب جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌل آهيون. صوبن جو بحال ٿيڻ ڪفر آهي.“

---

* 1970ع جا انگ اکر، مغربي ۽ مشرقي پاڪستان لاءِ.

پوءِ، هڪ پَهَرُ اهڙو بہ آيو، جيڪو سوچ سمنڊ ۾ لڙهندو رهيو. ڊپٽيءَ جي کُهري آواز منهنجن خيالن ۾ خال وڌو. چيائين، ”ويچارا منسپالٽيءَ وارا ”ون يونٽ مرده باد“ جي نعري تي روز پوچي ڦيرائيندا آهن پر ڪو خطرناڪ سنڌ پرست انقلابي راتو واهہ ٻيهر ون يونٽ خلاف نعرو لکي ٿو وڃي.“
چيم، ”اها نهايت افسوس جي ڳالهہ آهي.“
ساڳي لهجي ۾ چيائين، ”توکي اُهو خطرناڪ، تخريبڪار ۽ پاڪستان جو غدار ڳولڻو پوندو. جيستائين ان باغيءَ کي هٿ نہ ڪندين، تيستائين سمجهہ تہ نوڪري خطري ۾ اٿئي. صبح تائين جيڪڏهن ان بدمعاش کي گرفتار نہ ڪري سگهين، تہ پوءِ ياد رک، تنهنجي بدلي لورالائي ڪرائي ڇڏيندس.“
مون حسرت ڀريل نگاهن سان ڊپٽي صاحب ڏانهن ڏٺو، ۽ پوءِ ڪيس سلام هڻي ( منهنجي ڪاتي ۾ سلام ڪبو ناهي ، هڻبو آهي) موٽڻ لاءِ ڦريس. درتائين مس پهتو هوندس جو صاحب چيو، ” اوائي ڦٽي منهہ ، صبح تائين اهو خوفناڪ ملزم منهنجي سامهون هئڻ گهرجي. سمجيئہ.“

مان پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس . پوءِ اُٺي فرشتي ڏانهن ڏٺم. هو مون ڏانهن ڏسي رهيو هو . مون فرشتي کان پڇيو ، ” يارفرشتا، ليدي ڊفرن اسپتال جي پٽ تي هزارين نعرا لکيل آهن . ڊپٽي صاحب ” ون يونٽ مرده باد“ تي چو اچي مچريو آهي.“

”چو جو اهو نعرو ملڪ ۽ ملت جي خلاف آهي. “

” ۽ برباد جواني حاصل ڪرڻ ، ۽ مسرت نظير جا هو شربا ناچ !“

”اهي ٽانڪ آهن.“ فرشتي چيو. ” جيڪڏهن صبح تائين ان دشمن کي پڪڙي نه سگهئين ، ته پوءِ يار، اسانکي پڪ ٿي ويندي ته تون انقلابي ۽ سنڌ پرست گروهه سان سٿل ۾ آهين. “ مان فرشتي سان هٿ ملائي ، خيال ڊوڙائيندو، سنڌ پرست کي گرفتار ڪرڻ جون تدبيرون سوچيندو. گهر آيس.مان جنهن وقت گهر پهتس ، تنهن وقت رات جا اٺ ٿي رهيا هئا. منهنجي گهر واري چلهه وٽ ويٺي هئي ، ٻارن لاءِ ڊنر تيار ڪري رهي هئي ، يعني دال چانورن جي کچڙي رڌي رهي هئي ۽ شُڪر ڪري رهي هئي.

مٿي تي رئو رکندي پڇيائين ، ” اڄ ڪلهه ڏاڍي دير سان گهر ٿا اچو؟“

” چا ڪريان، ڪم وڌي ويو آهي.“ آهستي وراڻيم. خوش ٿيندي پڇيائين، ” فقط ڪم وڌي ويو اٿوَ، يا پگهار ڊوڏي اٿوَ. ٻڌايو مانس ته، نه فقط ڪم وڌي ويو آهي پر پراڻي، چانور ۽ دال جي قيمت به وڌي ويئي آهي. پگهار نه وڌي آهي.

مون ڏانهن نهاريندي پڇيائين . ” ڏاڍا فڪر مند پيا ڏسجو . خير ته آهي نه ؟ “

وراڻيم، ” ملڪ جي سالميت خطري ۾ آهي .“

” ملڪ ته ٻاويهه سالن کان خطري ۾ آهي.“ ٻاهه کي ڦوڪ هڻندي چيائين ، ” محمد علي جناح جي ڏينهن به توکي ملڪ خطري ۾ نظر ايندو هو. خوا جه ناظم الدين جي ڏينهن به تون چوندو هئين ته ملڪ خطري ۾ آهي . غلام محمد لنگڙي ۽ سڪندر مرزا جي ڏينهن ۾ به چوندو هئين ته ملڪ خطري ۾ آهي. فيلڊ مارشل ايوب خان جي دور ۾ به چوندو هئين ته ملڪ خطري ۾ آهي. هينئر جنرل آغا يحيٰ خان جي ڏينهن ۾ به چوين ٿو ته ملڪ خطري ۾ آهي . اهو ماريو خطرو آخر ڪڏهن ٽرندو؟“

" اهو خطرو نوڪري ۽ مان رٽائر ٿيڻ کانپو ۽ ٿرندو ." ڪيس اجائي بحث کان ٽارڻ لاءِ چيو . " ڪچٽي ۽ ذرو ڏي تہ ڪائي رات پالي ۽ تي وجان. "
گھر واري پاڙيءَ ۾ مونکي ۽ ٻارن کي ڪچٽي وجهي ڏني. مان ڪچٽي ۽ جا ڪوسا ڪوسا گرھ ڪائيندو ويس ۽ ٻارن جي آدمشماري بہ ڪندو رهيس ، منهنجو ٽيون نمبر پٽ حاجن غائب هو . گھرواري ۽ کان پڇيم، " اهو رولو ڇورو حاجن اجا نہ موٽيو آهي ڇا؟"
" شام ڏاري آيو هو. "
" پو ڪيڏانهن ويو."
" پاڙي وارن ٻارن سان ونجھ وٽي راند ڪرڻ ويوآهي."
"منسپالٽي ۽ وارا گھٽي ۽ ۾ وري بلب هٽي ويا آهن ڇا ؟ "
" ها. "
" پو ويندي ويندي پٿر هٽي پجي ٿو وجانس ." چيو، " نہ هوندو بلب ۽ نہ ئي ڇوارا رات جو سڙڪن تي ونجھ وٽي ڪندا." گھر واري پڇيو، " وري ڪڏهن موٽنداآ؟ "
" شايد صبح تائين نہ موٽان ." وراڻيم، " اڄ رات مون کي خطر ناڪ سنڌ پر ست گرفتارڪرڻو آهي."
______________________________خوف وچان ڇيائين ." متان پاڻ مارائي اچين ."
" پرواھ نہ ڪر. " وراڻيم " منهنجي ڪاتي منهنجو اٺ سو رُپين جو انشوئرنس يعني ويمو ڪرايو آهي. مري .ويس تہ ان قاروني رقم مان سڄي عمر ٻارن سميت عيش ڪجان ."
ان کان اڳ جو منهنجي فرما نبردار ۽ چئيواري زال منهنجي موت جي تصور کان هنجون هاري ، مان گھر کان ٻاھر نڪري آيس . گھٽيءَ ۾ اڄي مون پٿر ڪٽي منسپالٽيءَ جو بلب پجي ڇڏيو ۽ گھٽيءَ ۾ گگھھ اونده ٿي ويئي .
مان سنڌ پرست جي ڳولا ۾ نڪري پيس .
مون سڀ کان اڳ ليڊي ڊفرن اسپتال جي پٽ جو جائزو ورتو. برابر . برباد جواني ۽ سوشلزم مرده باد جي وچ ۾ لکيل هو، " ون يونٽ ختم ڪريو."

مون اسٽيشن روڊ تي نظر ڊوڙائي. سامهون وارين سوڙهين گهٽين ڏانهن شڪي نگاهن سان ڏٺو . انهن گهٽين مان هڪ گهٽيءَ ۾ بہ سنڌي افسانہ نگار رهندا آهن ، جن مان هڪ رسالو بہ ڪڍندو آهي. ٻئي گهٽيءَ ۾ بہ هڪ افسانہ نگار رهندو آهي. منهنجو خيال انهن ٽنهي ڏانهن ڇڪجي ويو . انهن ٻن گهٽين ۾ ڪجهہ سنڌي شاگرد بہ رهندا آهن . انهن تي بہ شڪ پيو . خيالن جا لغڙ پئي اُڏايم، جو پريان هڪ شخص کي ليڊي ڊفرن اسپتال جي پٽ وٽ بيهندي ڏٺو ڪيس ڪوٽ پتلون پاتل هو ۽ وار جائيتا هئس . پانيم. اهوئي بدمعاشي آهي جيڪو اُتڻ شرط هٿ لڳو آهي. پرسان وجي . پنيان بيهي ڪائنس پڇيو، "ڇا پيو ڪرين. "

وراڻيائين، " انڌو آهين ڇا! ڏسين نہ ٿو، پيشاب پيو ڪريان." مان ڪياڙي ڪنهندي پري هليو ويس . ليڊي ڊفرن اسپتال جي پٽ فرلانگ کن ڊگهي آهي اٽپوري روشني ۽ ۾ سڄي پٽ تي نظر رکڻ مشڪل محسوس ڪيم، تنهنڪري پٽ آڏو هلڻ شروع ڪيم،

اسپتال جي اوائلي در کي بند ڪيو ويو آهي . ان در آڏو ٻڙ جو وڻ آهي جنهنجي اوٽ ۾ اوائلي در جي ڏاڪڻ جا پنج ڏاڪا آهن . انهن ڏاڪن تي بہ شخص وينا هئا ، سگريٽ ڇڪي رهيا هئا . ڪين غليظ ڪپڙا پاتل هئاشڪل شبيهہ مان موالي پئي لڳا . هو مونکي ڏسي سس پس ڪرڻ لڳا بہ چار چڪر هٽڻ ڪانپوءِ سوچيو تہ ٿي سگهي ٿو سنڌ پرست غدار ڀهروپيو ٿي پنهنجو ڪم ڪندو هجي ، تنهنڪري چڪر هٽندي ، ڏاڪن جي ويجهو ٿي لنگهيس . هو چرس ڇڪي رهيا هئا هڪ ڄڻي ڪنگهڪار ڪندي چيو " باشائو، گولي شولي گهرجيئي ؟"

مان اُتان گولي ٿي ويس . روڊ جي ٻئي پاسي هلڻ شروع ڪيم. اک اسپتال جي پٽ تي رکيم هردم اهو اونو لڳل هوم تہ ڪٿي اهو غدار اک بچائي نعرو لکي الوپ نہ ٿي وجي هلندي هلندي، ايندي ويندي ، اک پٽ تي رکيم . بہ چار دفعا فٽ پاٿ تي ٿاٻا بہ کاڌم، پريت تان اک نہ ڪڍيم. فردوس هوٽل ٻاهران ڪجهہ نو جوانن جو ٽولو بينو هو هو پاڻ ۾ اڙدو ڳالهائي رهيا هئا . تنهنڪري مٿن شڪ نہ ڪيو . سوچيو ، هنن جو ون يونٽ سان ڪهڙو ويو!

جڏهن سندن پاسي مان لنگهيم، تڏهن هڪڙي ڄڻي مونکان پڇيو ، ” ڪنهن لذرس جي چڪر ۾ آهين ڇا.“
ڏاڍو ڪڪو وکو ٿيم. جواب ڏيڻ بدران تڪڙو تڪڙو اُتان هليو ويس .صالح بلاول گهٽيءَ وٽ بجليءَ جي ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهيس. ۽ ليڊي ڊفرن اسپتال جي پٺ ڏانهن ڏسندو رهيس گاڏي کاتي کان ٿي چوڪرات اسپتال ڏانهن اچي رهيا هئا پريان ٿي ٽاڙي ورتم تہ هو ڪنهن زبردست بحث ۾ مبتلا هئا ۽ هڪ ٻئي کي مات ڪرڻ جي چڪر ۾ هئا مان هڪدم روڊ ٽپي اسپتال جي پٺ وٽ وڃي بيٺس . هو ڳالهائيندا منهنجي پاسي کان اچي لنگهيا. ڪا انگريزي فلم ڏسي موٽيا هئا، جنهن جا مڪالما کين سمجهہ ۾ نہ آيا هئا. مڪالمن جي معنيٰ ۽ مفهوم تي بحث ڪري رهيا هئا مان مايوس ٿي موٽي اچي بجليءَ جي پول وٽ بيٺس . بيٺي اڌ ڪلاڪ کن مس گذريو هوندو، جو هڪ سائيڪل اسپتال جي پٺ وٽ اچي بيٺي . سائيڪل تي ڊبل سواري هئي هڪ ڄڻي جي هٿ ۾ ڊبو هو ۽ ٻئي جي هٿ ۾ برش . هنن سائيڪل فٽ پاٿ تي بيهاري ڇڏي ۽ پٺ تي ڪا خالي جاءِ ڳولڻ لڳا . مان ڪوڙي اک سان کين ڏسندو رهيس ۽ ٻنهي کي هڪ ئي مهل گرفتار ڪرڻ جي ترڪيب سوچڻ لڳس. هنن کي هڪ هنڌ پٺ تي خالي جاءِ نظر آئي. هڪ ڄڻي بنا هٻڪ جي ڊبي ۾ برش ٻوڙي پٺ تي لکڻ شروع ڪيو.
مان ذري گهٽ ڊوڙندو مٿن وڃي ڪڙڪيس. ڪاميابيءَ جي خوشيءَ ۾ اکر نہ پڙهي اُڪليو . سندن سائيڪل ۾ هٿ وجهي بيهي رهيس. جنهنجي هٿ ۾ ڊبو هو، تنهن پڇيو ، ” اڙي، سائيڪل چور تہ ناهين؟“
”نہ ، نہ. “ مون کين وراڻيو، ”توهين اطمينان سان جيڪي وڻيوَ لکو؟“
هڪ ڄڻي ڏاڍي چستيءَ ۽ ڦڙتيءَ سان پٺ تي لکيو ، ” قسمت جو حال معلوم ڪرڻ لاءِ ملو — پروفيسر آر آر ڪي ڪي پرديسيءَ سان.مايوسي مَنَ کي وڪوڙي وئي. موٽي وڃِي بجليءَ جي پول وٽ بيٺس.ڪجهہ دير لاءِ ائين محسوس ڪيم، تہ رات جا اٺ پهر اُڏامي ويندا ، پر خطر ناڪ سنڌ پرست باغي هٿ نہ ايندو ۽ صبح جو ڊپٽي صاحب منهنجي بدلي لورالائيءَ ڏانهن ڪرائي ڇڏيندو. مان دل ۾ ون يونٽ ، سنڌ پرست باغيءَ ۽ ڊپٽي کي پاراتا ڏيندو رهيس .

ڪجھ دير ڪانپوءِ ٽريفڪ جي آمدرفت گھٽ ٿي ويئي . ماڻھن جو لنگھڻ بہ گھٽ ٿي ويو . پول وٽان منھنجي نگاھ سموري پٽ تي پئجي رھي ھئي. اوچتو ھڪ شخص کي پٽ ڏانھن وڌندي ڏٺم. ھو پٽ جي پرئين پاسي ھو، ۽ چڱي ۽ طرح نظر نہ پئي آيو. مان ھڪ دم پاڇي جي سنوت ۾ ھليو ويس. ٻڙ وٽ بيھي ڏانھس ڏٺم. ھڪ ڦاٽل پُراڻن ڪپڙن وارو ملنگ پٽ وٽ گودڙي وڇائي ليٽي پيو. سوچيم. ھيءَ ئي اُھو سنڌ پرست باغي آھي. روپ بدلائي آيو آھي، ۽ اڄ رات جو پٽ تي ون يونٽ خلاف نعرو لکي پڃي ويندو . مان سندس پرسان وڃي بيٺس. ھن مونڏانھن اک کڻي بہ نہ نھاريو . ھو ٻئي ٻانھون ڪنڌ ھينان ڏيئي آسمان ڏانھن ڏسڻ لڳو.پڇيومانس، ”ڪير آھين ، ۽ ھت ڇو سمھيو پيو آھين.“ ورائي پڇيائين ، ”تون ڪير آھين ، ۽ اھڙو واھيات سوال ڇو ٿو پڇين؟“

- ھيءَ ڪھاڻي 1970ع جي آھي.

مان منجھي پيس. ڪجھ نہ اُڪليو تہ چيومانس، ” مان بہ پٽ وٽ سمھڻ چاھيان ٿو.“

” مون وانگر بي گھر آھين؟“

” ھا.“

”لت ڪوڙي سمھي پَئہَ .“ چيائين . ” اڄ رات جو جڏھن چوڪيدار ايندو، تڏھن ڪيس پائلي ڏيئي چڏجانءِ .“

مان سندس پرسان ويھي رھيس. ڪيس ڪوٺڻ لاءِ چيم، ” ون يونٽ بہ وڏي لعنت آھي. اسانکي بي گھر ڪيو اٿائين.“ پڇيائين، ” ون يونٽ ڇاھي؟“وراڻيم، ” سالميت جي نالي ۾ پاڪستان جو ٻيڙو ٻوڙڻ واري حرڪت.“

لاپرواھيءَ وچان پڇيائين . ” ۽ اھو پاڪستان وري ڇاھي؟“ مون حيرت مان ڏانھس ڏٺو. چيم، ” نشي ۾ تہ نہ آھين جو پاڪستان جي بہ ڪا خبر نہ اٿئي .“

پڇيائين ” پاڪستان ڪنھن ملڪ جو نالو آھي ڇا ؟ “

” ھا.“ ھڪدم وراڻيم ، ” پاڪستان دنيا جو سڀ کان وڏو اسلامي ملڪ آھي. جيئن ھندستان ملڪ آھي، تيئن پاڪستان بہ ھڪ ملڪ آھي.“ آرام سان پڇيائين ، ” ۽ اھو ھندستان وري ڪٿي آھي؟ “

” ايشيا ۾ .“
” ۽ ايشيا ڪٿي آهي؟“
مان مٿي ڪي هٿ ڏيئي اُتان اُٿي ويس.
اميد جي تند ٽٽڻ لڳي. لورالائي ڏانهن بدلي ٿيڻ جي پڪ ٿيندي ويئي. سوچيم گهر موٽي وڃان. زال ۽ ٻارن کي لورالائي ۽ ڏانهن ڪوچ ڪرڻ جواطلاح ڏيان . اُتي بيهڻ بيڪار پانيم. موٽڻ لاءِ مُڙيس. وڃڻ کان اڳ هڪ دفعو پٺ ڏانهن ڏسڻ جو خيال جا ڳي اُٿيو. منهن ورائي پٺ ڏانهن ڏٺو.
منهنجي حيرت جي حد نہ رهي. هڪ ڊيندو شخص پٺ تي ڪجهہ لکي رهيو هو. مان پير پير ۾ ڪڻندو، آهستي آهستي هلندو، سندس پنيان وڃي بيٺس. هنجي مونڊانهن پني هئي . قدبت مان هو چوڪرات پئي لڳو . هو پٺ تي لکي رهيو هو – ون يونٽ مرده باد . مون وڏي سندس ڪنڌ تي مُڪ وهائي ڪڍي . هو ڦيري ڪائي فٽ پاٿ تي ڪري پيو. ٽيوب لائيٽ جي روشني ۽ ۾ ڏانهس ڏٺم . هو منهنجو ٽيون نمبر پٽ حاجن هو.

# آدم جي ماءُ

جنهن ڏينهن مون آدم جي ماءُ کي ريگل بس اسٽاپ وٽ پنندي ۽ خيرات گهرندي ڏٺو ، تنهن ڏينهن مون کي پڪ ٿي ويئي ته آدم نه بچندو. آدم مري ويندو. آدم خان اسان جي آفيس ۾ جونيئر ڪلارڪ هو. سچو سچو ڏينهن ٽائيپ ڪندوهو ، کنگهندو هو، ۽ رت ٿو ڪاريندو هو. شروعات ۾ هو تمام تيزيءَ سان ٽائيپ ڪري سگهندو هو. تڏهن ، آدم نه کنگهندو هو، ۽ نه ئي رت ٿو ڪاريندو هو . جنهن ڏينهن کان هن سيني تي هٿ رکي کنگهڻ شروع ڪيو، تنهن ڏينهن کان سندس ٽائيپ ڪرڻ جي رفتار ڍري ٿيڻ لڳي. هو هڪ منٽ ۾ سٺ بدران چاليهه لفظ ٽائيپ ڪرڻ لڳو.۽ رت ٿوڪارڻ لڳو . تڏهن آفيس سپريڊنٽ پاران ڪيس پهرين وارننگ ڏني ويئي.

آدم سترهن ارڙهن سالن جو هو. ميٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ هو اسان واري آفيس ۾ اچي جونيئر ڪلارڪ ٿيو هو. جنهن ڪمري ۾ بشير ڪافر، وهاب ٽارزن ۽ مان ويهندا هئا سين ان ڪمري جي ٻاهران ، ڪليل وارنڊي ۾آدم کي ويهاريو ويو هو ، اسين ٿيئي پنهنجي ڪمري جي دريءَ مان آدم ڏانهن ڏسندا هئاسين ۽ ٽائيپ رائيٽر تي سندس اگرين جي رفتار ڏسي حيران ٿيندا هئاسين هڪ دفعي بشير ڪافر چيو هو ، ” آدم جيڪڏهن ماڻهوءَ بدران کهوڙو هجي ها، ته جيڪو ڊربي ءَ جي ريس کٽي اچي ها.“

پر، آدم ڪابه ريس کٽي نه سگهيو . هن کي ڪو مرض وڪوڙي ويو هو. سندس صحت ڪرڻ لڳي ۽ ٽائيپ جي رفتار گهٽ ٿيڻ لڳي ۽ جنهن ڏينهن ڪس آفيس سپريڊنٽ پاران وارننگ ملي، تنهن ڏينهن هو ڪنبي ويو سندس ساهه وڃي پيرن ۾ پيو.

آدم جي نوڪري نه فقط ڪچي هئي، بلڪ هڪ سال اندر ڪنهن به وقت ختم ڪرڻ جو ڳي هئي . اهي سموريون ڳالهيون ڪيس اپائنٽمنٽ آرڊر ۾ تحريري طور ٻڌايون ويون هيون آدم کي نوڪري ڪندي فقط اٺ مهينا ٿيا هئا، جو ڪيس پهرين وارنگ ملي هئي. وارننگ وٺڻ کان پوءِ هو ٽائيپ رائيٽر تي

جهڪي ويو. هو ڏاڍي جاڪوڙ ڪان پو هڪ منٽ ۾ ويهين بدران پنجويهه لفظ ٽائيپ ڪرڻ لڳو ان ڪان مٿي هو ٽائيپ ڪرڻ جي رفتار وڌائي نه سگهيو .
هڪ منٽ ۾ پنجويهه لفظ ٽائيپ ڪرڻ وارو مدو آدم لاءِ مختصر ثابت ٿيو هو جلد ئي هڪ منٽ ۾ اول پندرهن ۽ پو ڏهه لفظ ٽائيپ ڪرڻ لڳو نيٺ اُهو ڏينهن به آيو جڏهن آدم هڪ منٽ ۾ ڪوشش جي باوجود پنج لفظ ٽائيپ ڪري نه سگهيو ان ڏينهن هن وراندي جي نلهه سان لڳي رت جي الٽي ڪئي هئي الٽي ڪرڻ ڪان پو هو ساڻو ٿي پيو هو نلهه سان ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو هو ان ڏينهن شام جو آدم گهر ويو ته ٻئي ڏينهن آفيس موٽي نه آيو ٽئين ڏينهن آدم جي ماءُ موڪل جي درخواست ڪٽي آئي موڪل جي درخواست ڏسي آفيس سپريڊنٽ باهه ٿي ويو . هن موڪل جي درخواست تي ڳاڙهي مس سان لکي ڇڏيو ته آدم ڪم چور سست ۽ نالائق آهي- ڪيس موڪل وٺڻ جي عادت آهي — جيستائين ڪنهن ڊاڪٽر جو سرٽيفڪيٽ پيش نه ڪندو سندس موڪل جي درخواست منظور نه ڪئي ويندي.
مهيني ڪان پو آدم جي ماءُ خيراتي اسپتال جو سرٽيفڪيٽ ڪٽي آئي ، جنهن ۾ ڄاڻايوويو هو ته آدم کي سلهه هئي .آدم جي سلهه جي خبر آفيس ۾ باهه وانگر پکڙ جي ويئي مون ٽائيپ رائيٽر ڏانهن ڏسندي چيو ، ” مشين آدم کي کائي ويئي.“
” مشين آدم کي نه کائيندي آهي. “ بشير ڪافر چيو . “ آدم ، آدم کي کائي ڇڏيندو آهي.“ وهاب ٿارزن ۽ مون بشير ڪافر ڏانهن ڏٺو . هو ڏينهن رات طرحين طرحين جا ڪتاب پڙهندو هو ، ۽ توائي ڳالهيون ڪندو هو . بشير ڪافر چيو ، ” پاڪستان ۾ پيغمبرن تي پابندي لڳائي ويئي آهي، ورنه گنجو آفيس سپريڊنٽ پاڻ کي پيغمبر چوائي ها.“
وهاب ٿارزن کيس ڇڙٻ ڪڍندي چيو ” تون پنهنجي بڪواس بند ڪر. هن وقت مان بيحد اُداس آهيان .“
” اُداس ماڻهو ٿيندا آهن.“ بشير ڪافر چيو ” تون فقط ٿارزن آهين.“

وهاب ٿارزن جهٽ ڏيئي ڪرسي ڪٽي ورتي. ” ثبوت جي ضرورت ناهي.“ بشير چيو، ” مون قبول ڪيو آهي، تہ تون ٿارزن آهين.“
وهاب ٿارزن ڪرسي رکي ويهي رهيو . بشير ڪافر ڏانهن خارن مان نهاريندي چيائين ، ” تون وڏو ڪجرآهين .“
مون ڪي ان ڳالهہ کان انڪار ڪونهي. “ بشير ڪافر چيو ” پر خدا جو شڪر آهي جو مان تو وانگر ٿارزن نہ آهيان وهاب هڪدم ڪرسي ڪٽي ورتي بشير تي الر ڪندي چيائين ” تون ڪافر آهين خبرادر جو پنهنجي غليظ ۽ ناپاڪ زبان تي خدا جو نالو آندو اٿئي!“
”چو؟“ بشير پڇيو ، ” تون خدا جو بادي گارڊ آهين ڇا!“ وچ ۾ نہ پوان تہ جيڪر جهيڙو ٿي پوي . وهاب ٿارزن کي چيو، ” بشير ڪافر، برابر ڪافر آهي، مرڻ شرط انشاالله تعاليٰ دوزخ ۾ ويندو.“
وهاب ٿارزن ڪرسي رکي چڙي ، ويهي رهيو ، چيائين ۽ ” تنهنجي چوڻ تي چڙي ٿو ڏيان مردود کي ورنہ جيڪر تڏي تي دوزخ روانو ڪريانس ها.“
” اهو ڪم الله سائين ۽ جو آهي، تون الله سائين ۽ جي ڪم ۾ دخل اندازي نہ ڪر.“ پوءِ مون بشير ڪافر کان پڇيو ، ” آفيس سپريڊنٽ ڪوٺئون انڪشاف ڪيو آهي ڇا ؟“
بشير چيو، ” سپريڊنٽ فيصلو ڏنو آهي تہ نوڪري ۽ ۾ اچڻ مهل آدم صحت جو جيڪو سرٽيفڪيٽ ڏنو هو، سوجڙتو هو.“بشير جي ڳالهہ ٻڌي مون کي تعجب ٿيو. ڪانئس پڇيم، ” نوڪري “ ۾ اچڻ کان اڳ آدم کي سلهہ هئي ڇا؟“ بشير چيو ، ” ماڻهو ٿو لڳيئي ياگيندو!“
وهاب آپي مان نڪري ويو بشير کي مارڻ لاءِ ڪڙو ٿيو. ” ترس ٿارزن .“ ڪيس ٻانهن۾ هٿ وجهندي چيم ، ” ڳالهہ ٻڌڻ ڏي.“ بشير چيو ، ” هڪڙي ڏينهن آدم اڌ سير جليبين ۽ سيد ڪير جي شرط تي وهاب ٿارزن سان چنبو وڙهايو هو.“ مون اچرج وچان وهاب ڏانهن ڏٺو. وهاب آفيس اچڻ کان اڳ ٻہ ڪلاڪ ، ۽ شام جو روزانو چار ڪلاڪ ڪسرت ڪندو هو. پولوءَ جي آڪاڙي جو باقاعدي ميمبر هو.بشير جي ڳالهہ ٻڌي هو ڦڪو ڦڪو پئي ٿيو. يقين نہ آيو . وهاب کان پڇيم ،

” بشير ڪافر سچ پيو چوي؟“ وهاب ميز تان مَر لاهيندي چيو، ” آدم ۾ بيپناهه طاقت هئي.“
وهاب ۽ بشير ڏانهن ڏسندي چيم، ” توهين بئي پلستر آهيو .مون کان ايڏي وڏي معار ڪي جي خبر لڪائي آئوَ !“
بشير چيو، ” وهاب جو امبج بچائڻ خاطر اها خبر تو کان لڪائي هئي سين.“
ساڳي ڏينهن وهاب تارزن، بشير ڪافر ۽ مان آدم جي گهر وياسين.پيم پوره جي هڪ غليظ ۽ اوندهي گهٽي ۾ آدم جو گهر هو جتي هو پنهنجي پوڙهي ماءُ سان رهندو هو. ان گهر ۾ هڪ ئي ڪمرو هو، جيڪو آدم جي ماءُ لاءِ بيڊروم، ڊرائينگ روم ، ڊائننگ روم ، باٿ روم اسٽور روم ۽ ڪچن جو ڪم ڏيندو هو .
اسان کي ڏسي آدم جي خشڪ ۽ ڪومايل چپن تي اُداس مرڪ تري آئي . هو واڻ جي چِڳل کٽ تي وڇايل هڪ بيحد گدلي هنڌتي ليٽيل هو. سندس هڏين تان ماس ڳري ويو هو . ۽ سندس رنگت هيڊ جهڙي ٿي ويئي هئي. اکيون اُجهاميل وار وکريل! کٽ جي ويجهوڪٽ ڪاڏل بالٽي ۾ رت ۽ بلغم پيو هو. وحشت وچان مون بالٽيءَ تان نظرون هٽائي ڇڏيون . نيم تاريڪ ماحول ۾ ڪمري جي پتين ڏانهن ڏنو پتين جا چاپڙ لٽل هئا چاپڙن تي ڪوڙهه جوگمان ٿيو. ڇت ڏانهن ڏٺم ڇت اُماوس جو آسمان نظر آئي . ڪندن ڪان ڄارو لڙڪي رهيو هو ڪمري ۾ هڪ ئي روشندان هو جنهن جو شيشو دز ۽ دونهي سان لٽجي ويو هو.
سمورو منظر ڪنهن المناڪ اسٽيج ڊرامي جو آخري منظر محسوس ٿيڻ لڳو سوچيم اوچتوئي اوچتو پڙدو ڪِرندو ۽ زمانو آدم جو انجام ڏسي سگهندو پر ائين نہ ٿيو جتي مان بينو هوس، سا اسٽيج نہ هئي اُتي نہ پڙدا هئا ۽ نہ پڙدن پنيان تاڙيون وڄائيندڙ تماشائي هئا. اُتي مان هوس ، ۽ مون سان گڏ هئا وهاب تارزن ۽ بشير ڪافر.
بشير مون کي ڪن ۾ چيو، ”آدم قدرت جي تجريدي آرٽ جو نادر نمونو ٿي پيو آهي.“
مون سڙٻاٽن ۾ بشير ڪافر کي چپُ جيڏي گار وهائي ڪڍي.

بشير پٺڪن ۾ چيو، ”ايڏي وڏي گار ٻڌڻ کان پوءِ چاليهن ڏينهن تائين مون تي دنيا جي ڪابہ گار خاطر خواه اثر ڇڏي نہ سگهندي.“
وهاب ٿارزن آدم کان پڇيو، ”ڪيئن آهين، آدم.“
آدم اُٿي ويهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ويهي نہ سگهيو. ڇپن تي ساڳي اُداس ۽ وياڪل مرڪ تري آيس. جهيڻي آواز ۾ چيائين، ”خيراتي اسپتال جي ڊاڪٽر چيو آهي تہ مان تمام جلد ٺيڪ ٿي ويندس- گهٻرائڻ جهڙي ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي.“
”ڊاڪٽر ٺيڪ چيو آهي، آدم.“ وهاب ٿارزن پنهنجن فولادي هٿن ۾ آدم جو ڪمزور ۽ نٻل هٿ جهليندي چيو، ”تون ضرور ٺيڪ ٿي ويندين- نوبنو، چاڪ چڱو ڀلو. مايوس نہ ٿيءُ. الله تي ڀروسو رک.“
آدم جي ڇپن تان مرڪ غائب ٿي ويئي. هن پنهنجيون آجهايل اکيون وهاب ٿارزن جي اکين ۾ اٽڪائي ڇڏيون وهاب جي عقاب جهڙين اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا. هن منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيو.
بشير ڪافر سڙٻاٽن ۾ مون کي چيو، ”معاملو الله سائين جي وس کان ٻاهر ٿي ويو آهي.“
سڙٻاٽن ۾ بشير ڪافر کي ڦٽ لعنت ڪندي چيم، ”تون وڏو جهنمي آهين. تنهنجو حشر عبر تناڪ ٿيندو.“
”تون منهنجو فڪر نہ ڪر.“ بشير مون کي ڪن ۾ چيو، ”في الحال آدم جو حشر عبرتناڪ آهي.“
وهاب ٿارزن اسان جي گفتگو ٻڌي نہ سگهيو. هن آدم کان پڇيو، ”آدم، سينيٽوريم ۾ داخل ٿيندين؟“
بشير ۽ مون اول وهاب ڏانهن ۽ پوءِ آدم ڏانهن ڏٺو.
آدم عجيب لهجي ۾ پڇيو، ”ڇا اِهو ممڪن آهي؟“
”ڇو نہ ممڪن آهي!“ وهاب ٿارزن مون ڏانهن ڏسندي چيو، ”اوجها سينيٽوريم جي هڪ سهڻي نرس سان گدڙ جي سخت ياري آهي. ان ڪم ۾ هوءَ گدڙ جي چوڻ تي ضرور اسان جي مدد ڪندي. ڪيئن گدڙ!“

”ها، ها. ڇو نہ مدد ڪندي!“ چيم، ”ڊمپل سوين دفعا مون کي سينيٽوريم ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ايلاز ڪري چڪي آهي.“

”آدم سان چرچا نہ ڪر، شڪر!“ بشير ڪافر مون کي ڪن ۾ چيو، ”ورهيہ ٿيا جو آدم پنهنجي زندگي جو آخري ٽهڪ ڏنو هو. هينئر هو تنهنجي ڪنهن بہ ٽرڊ ريٽ لطيفي تي ڪلي نہ سگهندو.“

آدم ويران نگاهن سان ڄاري واري ڇت ڏانهن ڏسندي چيو، ”مون کي گذريل مهيني جي پگهار بہ نہ ڏني اٿائون.“

”اسان جي ملڪ ۾ دفتري قاعدن جي بالادستي آهي، آدم.“ بشير چيو، ”تون ايڊهاڪ نوڪريءَ ۾ آهين. ايڊهاڪ وارن کي موڪل دوران پگهار نہ ملندي آهي.“

بشير جي جملي ماحول کي وڏيڪ اُداس ڪري ڇڏيو. وهاب ٿارزن پنهنجو فولادي هٿ بشير جي ٻانهن ۾ وجهندي چيو، ”تون ماٺ ڪر، قاعدي قانون جا پٽ.“

ڪجھہ گهڙين جي ماٺ ماحول ۾ اچي واسو ڪيو.

آدم اُماس جهڙي ڇت ڏانهن ڏسندي چيو، ”ڊاڪٽر مون کي کير، مکڻ، بيدا ۽ ميوا کائڻ لاءِ چيو آهي.“

”تہ پوءِ کائين ڇو نٿو!“ بشير ڪافر زهريلي لهجي ۾ چيو، ”کير، مکڻ، بيدا ۽ ميوا، الله سائينءَ جون نعمتون آهن ۽ اهي نعمتون انسان لاءِ پيدا ڪيون ويون آهن.“

وهاب ٿارزن جهٽ ڏيئي، بشير ڪافر کي ڪنڌ کان وجي ورتو. ڪيس ڌونڌاڙيندي چيائين، ”سڄو معاشرو تو جهڙن ڪجر ڪافرن سان پرجي ويو آهي، جن الله جي نعمتن تي قبضو ڪري ورتو آهي.“

”الله جون نعمتون نہ ٿيون، ڄڻ واٽين جون ڇڏيل ملڪتيون ٿيون- جنهن چاهيو، ڪليم پري قبضو ڪري ورتو.“ بشير پنهنجو ڪنڌ ڇڏائيندي چيو، ”اسان جي معاشري ۾ ڏاڍي جي لٺ کي بہ مٿا ٽيندا آهن.“

وهاب ويهي رهيو، پر ڏند ڪرٽيندو رهيو ۽ چپن ۾ بشير کي بدشد ڳالهائيندو رهيو.

آدم پڇيو، ”اڄڪلهه بيدو گهٽي ملندو آهي؟“

دل گهاٽي ۾ بيڙجي ويئي.

”الله جي نعمتن جي هونءَ ته ڪا به قيمت نه هوندي آهي آدم.“ بشير تيڏي اک سان وهاب ٽارزن ڏانهن ڏسندي چيو، ”پر معاشري ۾ جڏهن الله جا باڍي گارڊ پيدا ٿيندا آهن، تڏهن اُهي الله جي نعمتن تي قبضو ڪري، انهن نعمتن جي قيمت مقرر ڪري ڇڏيندا آهن.“

”مان وڌيڪ هڪ لفظ برداشت ڪري نه سگهندس.“ وهاب ٽارزن هٿ مهٽيندي مون کي چيو، ”گدڙ، تون هن ڪافر جي اولاد کي سمجهاءِ ته پنهنجي بڪواس بند ڪري، ورنه خدا ٿو ڄاڻي چيري ڦاڙي ڇڏيندومانس.“

مون بشير کي چيو، ”اڙي ڪافر، تون ڪجهه دير لاءِ پنهنجي بڪواس بند نه ڪندين! توهين آدم کي ڏسڻ آيا آهيو، يا ڊبيٽ ڪرڻ آيا آهيو!“

بشير ۽ وهاب هونءَ ته ماٺ ڪري ويهي رهيا، پر هڪٻئي ڏانهن شوڪي ڏسندا رهيا. آدم چيو، ”هڪڙي ڏينهن منهنجي ماءُ صوف وٺڻ ويئي، ته ميوي واري کيس ڦٽل ناشپاتي ڏيئي ڇڏي.“

”اسان کي صوف بدران ڦٽل ناشپاتي نصيب ٿيندي آهي، آدم.“ چيم، ”۽ اسين ڦٽل ناشپاتيءَ کي صوف سمجهي کائي ڇڏيندا آهيون.“

ان وقت آدم جي ماءُ ٻاڪڙي واري ڪان ڪڙڪ چانهه جا چار گلاس ڪٽائي آئي- ٽي گلاس اسان ٽنهي لاءِ ۽ هڪ گلاس آدم لاءِ. آدم جو گلاس کٽ جي پاٿيءَ تي رکي هن ٻانهن جو سهارو ڏيئي آدم کي مٿيرو ڪيو. وهاب هڪدم وبهاٽو ٻيٺو ڪري آدم جي پٺن هينان ڏيئي ڇڏيو. آدم ايتري تڪليف به برداشت ڪري نه سگهيو. هو سهڪي پيو. سندس نرڙ تي پگهر جي آلاڻ اُڀري آئي. اکيون بند ٿيڻ لڳس. وهاب هن جي پاسي کان ويهي رهيو. ڪيسي مان رومال ڪڍي آدم جو پگهر اُگهڻ لڳو. آدم اکيون کولي وهاب ٽارزن ڏانهن ڏٺو. وهاب کٽ جي پاٿيءَ تان چانهه جو گلاس کڻي آدم ڏانهن وڌايو. آدم ڪنبندڙ هٿن ۾ چانهه جو گلاس

جهلي، سُرڪي پري. ڪجهه ڪجهه سامت ۾ آيو. چيائين، ”ڪير مهانگو ٿي ويو آهي نہ، تنهنڪري مان چانهہ پيئندو آهيان. ٻاڪڙي واري جي چانهہ ۾ سرس ڪير هوندو آهي.“
”ڪير، مکڻ، بيدا ۽ ميوا توکي سينيٽوريم ۾ جام ملندا. تنهنجو علاج بہ چڱي طرح ٿي سگهندو.“ وهاب جي آواز مان سندس دل جو درد جهاتيون پائڻ لڳو. هن آدم جي نرڙ تان وار هٽائيندي چيو، ”ڏسجانءِ. سينيٽوريم مان تون نوبنو ٿي نڪرندين ۽ وري منٽن ۾ منهنجو پنجو ميز سان لڳائي سگهندين.“
آدم جي اکين ۾ اُميدن جا غوراب غرق ٿي ويا.
”مون کي سمهاري ڇڏيو.“ آدم چيو، ”مان ٿڪجي پيو آهيان. مون کي سمهاري ڇڏيو.
وهاب آدم کي ڀاڪر ۾ ڀري مٽيرو ڪيو. بشير آدم جي پٺن هيٺان ويهاڻو ڪڍي ورتو. وهاب آهستي آهستي آدم کي ليٽائي ڇڏيو.
آدم جون اکيون بند ٿي ويون.
اسين آدم جي گهر مان ٻاهر نڪري آياسين. گهر ٻاهران آدم جي ماءُ پَٽَ تي ويٺي هئي ۽ آسمان ڏانهن ڏسي رهي هئي. ۽ اُن کان پوءِ، ٽن مهينن تائين آدم اسان کان وسري ويو. هڪڙي ڏينهن مون آدم جي ماءُ کي ريگل بس اسٽاپ وٽ پنندي ۽ خيرات گهرندي ڏٺو. هوءَ فوٽ پاٿ تي ويٺي هئي ۽ پاسي کان ايڪسري ۽ دوا جي خالي بوتل رکي هئس.
آفيس پهچڻ شرط مون آدم جي ماءُ جي باري ۾ وهاب ٽارزن ۽ بشير ڪافر سان ذڪر ڪيو. بشير کي منهنجيءَ ڳالهہ تي اعتبار آيو. پر، وهاب منهنجي ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪيو. چيائين، ”گدڙ جي ڳالهہ تي ائين ئي اعتبار نہ ڪندس. سڀ ڪجهہ وجي اکين سان ڏسي ايندس.“
پڪ ڪرڻ لاءِ وهاب ٽارزن ريگل بس اسٽاپ ڏانهن هليو ويو. ڪجهہ دير ۾ موٽي آيو. لوهہ جهڙو جوان، بيد جي لڪڻ وانگر ڪنبي رهيو هو. چيائين، ”برابر آدم جي ماءُ فٽ پاٿ تي ويٺي هئي. پاسي کان ايڪسري ۽ دوا جي خالي بوتل رکي هئس. هوءَ پني رهي هئي.“

اسان ٽنهي بيٺي پير آدم لاءِ آفيس مان چندو وصول ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پڪو پهه ڪيوسين تہ چندو آدم ڪي اڄ ئي گهر پهچائينداسين ۽ ٻئي ڏينهن هر حال ۾ آدم کي سينيٽوريم ۾ داخل ڪرائينداسين.

وهاب ٽارزن، بشير ڪافر ۽ مان آدم لاءِ چندو گڏ ڪرڻ جي مهم تي نڪري پياسين.

سڀ کان اڳ آفيس جي ايڊمنسٽريٽر کان چندو وصول ڪرڻ وياسين. ڪيس ٻڌايوسين، تہ اسان آدم جي ماءُ کي پنندي ۽ خيرات گهرندي ڏٺو آهي.

ايڊمنسٽريٽر چيو، ”توهين ٽيئي پلستر آهيو ۽ ڪوڙ پيا ڳالهايو.“

وهاب ٽارزن اکين تي هٿ رکندي چيو، ”مون پنهنجين اکين سان آدم جي ماءُ کي ريگل بس اسٽاپ وٽ خيرات گهرندي ڏٺو آهي.“

”امپاسيبل- ناممڪن!“ ايڊمنسٽريٽر ميز تي مڪ هڻندي چيو، ”آدم کي نہ هئي ڪا ماءُ ۽ نہ ئي هو ڪو پيءُ.“

”ڳالهہ ڏاڍي آدم جي ناهي.“ بشير چيو، ”اسين جونيئر ڪلارڪ آدم خان جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيون.“

”اڇا اڇا، اهو آدم!“ ايڊمنسٽريٽر ٻٽونءَ مان پنجاهہ پيسن جو سڪو ڪڍي اسانکي ڏيندي چيو، ”مون آدم جي موڪل منظور ڪئي آهي. پر، موڪل دوران پگهار نہ ملندس. مجبوري آهي. مان قانون بدلائي نہ ٿو سگهان.“

ايڊمنسٽريٽر جي ڪمري مان نڪري اسين سپريڊنٽ جي ڪمري ڏانهن روانا ٿياسين.

نڪتو. اسان ٽنهي کي ورانڊي ۾ ڏسي چيائين، ”توهين ٽيئي ڇا ڪري رهيا آهيو.“

چيم، ”اسين آدم جي دوا ۽ خوراڪ لاءِ چندو گڏ ڪري رهيا آهيون.“

”توهين غير قانوني ڪم ڪري رهيا آهيون.“ هن چيو، ”آفيس ۾ چندو گڏ ڪرڻ ڏوهہ آهي.“

بشير ڪافر چيو، ”اسان آدم جي ماءُ کي پنندي ڏٺو آهي، مسٽر سپريڊنٽ!“

وهاب ٽارزن سپريڊنٽ جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو، ”ان ڪان مٿي ٻيو کهڙو ڏوهہ آهي جو آدم جي ماءُ پني رهي آهي- خيرات گهري رهي آهي.“
سپريڊنٽ هيسجي ويو. ڪيسي مان ٻہ رپيا ڪڍي اسان کي ڏنائين.
پنجن ڇهن ڪلاڪن جي جاکوڙ ۾ پنجيتاليهہ رپيا گڏ ڪري ورتاسين. اهو مناسب نہ سمجهيوسين تہ چندي جا پيسا آدم جي ماءُ کي ريگل بس اسٽاپ وٽ وڃي ڏيئي اچئون. سوچيوسين، شام جو آدم جي گهر ويندا‌سين آدم کي ڏسي ايندا‌سين ۽ سندس ماءُ کي پنجيتاليهہ رپيا ڏيئي ڇڏيندا‌سين ۽ پوءِ، سچ پچ آدم کي اوجها سينيٽوريم ۾ داخل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا‌سين.
شام جو اسين پيم پوره وياسين. غليظ ۽ بدبودار گهٽيءَ ۾ جتي آدم جو ڪچو گهر هو، اتي پڪي اڏاوت واري عمارت ڏٺي سين. عجب ۾ پئجي وياسين.
وهاب ٽارزن در کڙڪايو.
ٿاهوڪي لباس ۾ هڪ نوجوان ٻاهر نڪري آيو. مون نوجوان کان پڇيو، ”هتي اڳ هڪ ڪچي جاءِ هوندي هئي، جنهن ۾ هڪ پوڙهي پنهنجي بيمار پٽ سان رهندي هئي.“
نوجوان اسان ٽنهي ڏانهن ڏسندي پڇيو، ”توهين ان پوڙهيءَ جا مائٽ آهيو؟“
”مائٽ تہ نہ ......“ ڪو جواب سجهي نہ آيو. چيم، ”اصل ۾ اسين .... ٽيئي...... منهنجو مطلب آهي، بشير ڪافر، وهاب ٽارزن ۽ مان..... آدم جا.....“
نوجوان چيو، ”ٻہ ڏيڍ مهينا اڳ ان پوڙهيءَ جو بيمار پٽ مري ويو هو.“
”ڇا!“ اسان ٽنهي جي وات مان رڙ نڪري ويئي، ”آدم مري ويو!“
”ها، آدم مري ويو.“ نوجوان چيو، ”پوڙهي پنهنجي کوليءَ جي مسواڙ ڏيئي نہ سگهندي هئي. هوءَ هتان هلي ويئي. مون کيس ريگل بس اسٽاپ وٽ پنندي ۽ خيرات گهرندي ڏٺو آهي.“
منهنجو ساهہ ڳُليءَ ۾ اٽڪي پيو. مون پنهنجو هٿ وهاب ٽارزن جي ڪلهي تي رکي ڇڏيو. وهاب برف وانگر ٿڌو ٿي ويو هو. بشير پٿر وانگر خاموش هو.
اسان کي گُم سم ڏسي، نوجوان چيو، ”لڳيم ٿو توهين ٽيئي اُن پوڙهيءَ جا مائٽ آهيو.“

اسين ڪيس ڪوبہ جواب ڏيئي نہ سگھياسين.
۽ پوءِ اسين هڪ ئي سوچ ۽ هڪ ئي جذبو کڻي ريگل بس اسٽاپ ڏانهن روانا ٿي وياسين.
ريگل بس اسٽاپ تائين اسان ٽنهي مان ڪنهن نہ ڳالهايو.
خاموش رهياسين. ڪنڌ جهڪيل، ذهن سوچ ۾ وڪوڙيل! هلندا رهياسين.
ريگل بس اسٽاپ جي پرسان آدم جي ماءُ فٽ پاٿ تي ويٺي هئي. پاسي کان آدم جو ايڪس ري ۽ دوا جي خالي بوتل رکي هئس. سندس ڪنڌ نميل ۽ گوڏي تي رکيل هٿ ڪليل هو.
کيسي مان پنجيتاليھ رپيا ڪڍي ورتم. وک کڻڻ چاهيم، پر کڻي نہ سگھيم. پير ڌرتيءَ کي چنبڙيءَ پيا. مون ۾ ايتري همٿ نہ هئي جو چندي جا پيسا آدم جي ماءُ جي کليل هٿ تي رکي اچان. سندس کليل هٿ جي ريکائن مان مونکي وحشت محسوس ٿيڻ لڳي. سندس کليل هٿ جي ريکائن ۾ مون
سندس کليل هٿ جي ريکائي ۾ مون کي اُها تحرير نظر آئي جنهن کي صدين کان ڪوبہ ڏاهو پڙهي، سمجهي ۽ پروڙي نہ سگھيو آهي. مان پر اسرار تحرير تي پنجيتاليھ رپيا رکي نہ سگھيس.هڪدم پيسا وهاب ٽارزن کي ڏيندي چيم، " آدم جي ماءُ کي پيسا ڏيئي اچ."
" نہ ، نہ." وهاب ڪنبندي چيو، " مان اهو ڪم ڪري نہ سگھندس . نہ ، نہ مان آدم جي ماءُ کي خيرات ڏيئي نہ سگھندس." تڏهن، بشير ڪافر بنا ڪجھ چوڻ جي منهنجي هٿ مان پنجيتاليھ رپيا کڻي ورتا. هُن اسان ٻنهي ڏانهن ڏٺو، ۽ پوءِ آدم جي ماءُ ڏانهن وڌي ويو.
بشير آدم جي ماءُ جي پرسان وڃي بيهي رهيو. هو کليل هٿ ڏانهن ڏسندو رهيو .
وهاب ٽارزن ۽ مان بشير ڪافر ۽ آدم جي ماءُ ڏانهن ڏسندا رهياسين .
بشير ، آدم جي ماءُ جي پرسان فٽ پاٿ  تي اوڪڙون ويهي رهيو. هن ڪنبندڙ هٿ سان پنجيتاليھ رپيا آدم جي ماءُ جي تريءَ تي رکي ڇڏيا. صدين جي پراسرا تحرير . جنهن کي ڪوبہ پڙهي ۽ سمجهي نہ سگھيو هو، پنجيتاليھ رپين سان

ڏڪجي ويئي . بشير هڪدم اُٿي، ڇڻ واچوڙن ۾ ٿيڙ ڪئيندو، اسان ٻنهي وٽ اچي ويٺو. پنهنجي سموري وجود سان ٿڙڪي رهيو هو. اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا هئس. ۽ پوءِ پڳل ۽ ٿٿل ڊنل ۽ مسمار ٿيل لهجي ۾ چيائين ، ” مان آدم جي ماءُ کي خيرات ڏيئي آيو آهيان.“ ۽ پو ءِ ، زندگيءَ ۾ پهريون دفعو بشير کي مون سڏڪن سان روئيندي ڏٺو.

# ساڍو ساڍو ساهه

هيءُ منظر يونيوررسٽيءَ جي آرٽس فيڪلٽي ءَ مان ذري گهٽ سمورن ڇوڪرن، ڇوڪرين ۽ ليڪچرارن ۽ پروفيسرن ڏٺو.
سامهون ميدان ۾، انن ڏهن ڇوڪرن جي هٿن ۾ خُردم، هاڪيون . بيد جا لڪڻ ۽ ڪليل چاقو هئا. هو گولائيءَ ۾ بيٺا هئا . سندن وچ ۾ مجيد ڌرتيءَ تي اونڌي منهن ڪريو پيو هو. سندس ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿي ويا هئا . قاتل ڪپڙن مان ظاهر ٿيندڙ جسم جي ڪل لهي ويئي هئس. سندس سنڌ سنڌ مان رت وهي رهيو هو. گولائيءَ ۾ بيٺل شاگرد مان هڪ شاگرد جي هٿ ۾ پستول هو. آرٽس فيڪلٽيءَ جي ورانڊن ڏانهن پستول سڌو ڪندي پنڊپهڻ ڇوڪرن، ڇوڪرين ۽ اُستادن ڪي رڙ ڪري چيو،”جيڪو شخص عوامي اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي مخالفت ڪندو، تنهن جو مجيد جهڙو حال ڪيو ويندو.“
جنهن شاگرد پستول تاڻي سوين شاگرد کي هبسائي ڇڏيو هو، سو قد جو بندرو هو. نڪ نبات جهڙو هوس. چپ ٿُلها، اکيون چنجهيون، ۽ نڪ شرناءِ جهڙو هوس. منهن جي ڪل گهٽن موئيڙن سبب گهنججي ويئي هئس. هو پريان ڏسڻ ۾ هوبهو ڪريلي جهڙو پئي آيو . هنجو اصلي نالو مان توهانکي نہ ٻڌائيندس. هن ڪهاڻيءَ ۾ پاڻ سندس ذڪر قاسم جي نالي سان ڪنداسين.
قاسم پنهنجي هڪ ساٿيءَ کان خردم وٺي، مُٺ ۾ قابو ڪري هوا ۾ ڦيرائيندي وڏي واڪ چيو، ” سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جو اسان خاتمو ڪري ڇڏيو آهي. آهي ڪٿي ڪو مجيد جو ساٿي - سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جو ڪو ميمبر؟“
آرٽس فيڪلٽيءَ جي ورانڊن ۾ بيٺل شاگرد جو ساهه سُڪي ويو. جن سڙٻاٽن ۾ ڳالهايو پئي، سي خاموش ٿي ويا .
قاسم ڪريلو آرٽس فيڪلٽيءَ جي عمارت آڏو ٻرانگهه کولي بيهي رهيو . پوءِ هن هٿ مٿي ڪري پستول مان ٽي هوائي فائر ڪيا ورانڊن ۾ بيٺل شاگرد ۽ استادن۾ ڦڙڦوٽ پئجي ويئي. ترسوي. منهنجي ڳالهه ڪن کولي ٻڌي ڇڏيو. اسين عوامي اسٽوڊنٽس فيبرريشن جاشاگرد نئين پاڪستان جي نئين سنڌ جا مالڪ

آهيون . قاسم ڪريلي چيو ” اڄ ڪانپوءِ ڪوبہ شخص، شاگرد يا استاد، يونيورسٽي ڪيمپس ۾ سنڌ جو نالو نہ ڪڍندو. جيڪو ڇڙو جيئي سنڌ چوندو ، تنهن جي زبان تارون ۾ مان پٽي وٺبي.“
شاگرد ۽ استاد آهستي آهستي ٿي ورانڊن مان کسڪڻ لڳا. هو عمارت مان نڪري سامهون واري بس اسٽاپ تائين وڃڻ بدران، هيسيل ۽ ڊنل ، عمارت جي پوئين پاسي کان نڪري ، ايڊمنسٽريشن واري بس اسٽاپ ڏانهن وڃڻ لڳا. ٿوري دير ۾ ورانڊن مان اڏواڏ شاگرد ۽ ڪافي تعداد ۾ استاد هليا ويا.
قاسم ڪريلو موٽي وڃي پنهنجن ساٿين وٽ بيٺو، جيڪي قاسم جي مٿان ڳجهن وانگر ڪانپي ڪڍي بيٺا هئا. قاسم سڌو مجيد جي مٿان وڃي بيٺو. ڪجهہ دير تائين ڏانهنس ڏاڍي نفرت ۽ حقارت مان ڏسندو رهيو. پوءِ پستول کابي هٿ ۾ جهلي، ساڄي هٿ سان خردم ڦيرائي ، سموري طاقت سان مجيد جي چيريل چچريل پنيءَ تي وهائي ڪڍيائين .مجيد جي رت هاڻن ڇتيل چپن مان آه نڪري ويئي هو گهڙي ڪن لاءِ ڦٿڪي پيو، خردم جو ڏک ايڏي شدت سان لڳو هوس، جو ڪرنگهي وٽان سموري قميص ذراذرا ٿي ويس. هن پاسو ورائي پنهنجي مٿان بيٺل انن ڏهن ڄڻن ڏانهن ڏٺو جيڪي کيس رتو رت ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي ڪاميابيءَ تي خوش ٿي رهيا هئا. ڪريلي وڏي اچي پنهنجو پير مجيد جي سيني تي رکي چڏيو.سندس ساٿين ٺهڪ ڏنو.
ڪريلي خردم جو لوهي ڳنڍ وارو پاسو مجيد جي منهن ۾ هڻندي چيو، ” اڄ کان توهانجي سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جو دور ختم ٿيو، ۽ سنڌ عوامي اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو دور شروع ٿيو آهي. اسين نئين سنڌ جا مالڪ آهيون.“ مجيد ويٺيءَ سان پنهنجن چپن تان رت اُگهي ، ڪريلي ڏانهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. اکين جي پنبڻين ۾ رت جا ذرڙا ڄمي ويا هئس هو چٽيءَ طرح ڪريلي کي ڏسي نہ سگهيو. هن هٿ جي تري سان اکين تان رت اُگهي ڇڏيو کيس ڪريلو چٽو ڏسڻ ۾ آيو.ڪريلي پنهنجي هڪ ساٿي کان چاقو وٺي هيٺ جهڪي مجيد جي منهن ۾ ڏسڻ لڳو مجيد جو سڄو منهن نونشن ۽ بيد جي لڪڻن لڳڻ سبب ڦاٽي پيو هو،مٿي ۾ هاڪيون ۽ خردمن جا لوهہ لڳا هئس مٿي

۽ نرڙ مان وهندڙ رت منهن جي سوچ ۽ نيراڻ سان ملي وڃڻ ۾ پر جي ويو هوس ڪيس ايترا ڌڪ لڳا هئا جو ڌڪن جو احساس ختم ٿي ويو هوس. هن ڪنڌ پاسيرو ڪري رت جي گرڙي ڪري ڪريلي ڏانهن ڏٺو ڪريلي چيس، مجيد جيڪڏهن اسين تنهنجا آنڊا ڪڍي ڇڏيون، تڏهن بہ اسانجو وار ونگو ٿي نہ سگهندو.“ ” تون فقط منهنجا آنڊا ڪڍي سگهندين، قاسم.“ مجيد پڳل ٽٽل لهجي ۾ چيو ” پر، تون تاريخ جا آنڊا ڪڍي نہ سگهندين. تاريخ تنهنجا انڊا ڪڍي ڇڏيندي.“

قاسم ڪريلي، مجيد جي منهن ۾ ٺڪ هڻي ڪڍي. مجيد ٻئي هٿ پنهنجي سيني تي ڪپايل قاسم جي ٽنگ ۾ وجهي ڇڏيا ۽ پوءِ رهيل کهيل سموري سگهہ سان قاسم جي ٽنگ کي مروڙي ، قاسم کي پنهنجي پاسي ۾ ڪيرائي ڇڏيو قاسم ڪويلو چوطاق ڪرڻ ڪانپو وائڙو ٿي ويو مجيد پاسو ورائي مٿان وڃي پيس ان جدوجهد جي اڪين اڌو اوندهہ اچي ويئي هڪ ٿلهي بيدولي ۽ پوائتي شاگرد جنهنجي منهن تي وڏيون وڏيون مڇون هيون ۽ پاڻ ڪنهن وڏيري جي اولاد لڳي رهيو هو تنهن پوري زور سان مجيد کي پاسراٽين ۾ لٽ وهائي ڪڍي.

مجيد عذاب ۾ ٻيٽو ٿي ويو گوڏا وڃي سيني سان لڳس . قاسم ڪريلي موقعو وٺي هڪدم منهن تي پستول جي نالي هڻي ڪڍيس لوهي نالي نڪ تي لڳس ۽ نڪ مان رت نينديون ڪري وهڻ لڳس مجيد ٻئي هٿ منهن تي رکي قاسم جي مٿان هٿي ويو ٿلهي ۽ پوائتي شاگرد ڪيس پيٽ ۾ لت هڻي ڪڍي ۽ هو ڌڪ ڪائي پني پر وڃي مٿي ۾ ڪريو

قاسم ڪريلو ڪپڙا ڇنڊي اٿي بيٺو هو هڪ گهڙي جي شڪست ۾ پڄرڻ لڳو هوانن ڏهن سنڌ عوامي اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي پهلوانن جو اڳواڻ هو ڪيس پنهنجي ڪرڻ جي احساس ڏني ڏئي ڇڏيو هو ذري گهٽ ڇتو ٿي پيو هن هيٺ جهڪي چاقوءَ جو ڦرو مجيد جي لونڊڙي ۾ ٽنبي سٽ ڏيئي سندس نرڙ کي ڦاڙيندي چاقوءَ ٻي لونڊڙي ۾ وڃي ٽنبيو. تڏهن هڪ آهہ يونيورسٽيءَ جي بيرحم ۽ سخت ڏونگرن سان مٿو هڻندي، پڙاڏا ڪندي، ڪارونجهر ۾ لاڪي ڦلاٽيءَ جي آهہ سان وڃي ملي.

قاسم ڪريلي، سندس بهادر ساٿين، ۽ وراندن ۾ بيٺل بچيل سچيل شاگردن آرٽس فيڪٽيءَ جي ٻاهرين ٿلهه ڏانهن ڏٺو جتان عرش کان اوچي آهه اڀري هئي.
ٻاهرين ٿلهه وٽ هڪ سانوري ڇوڪري بيٺي هئي. ڪيس ڇيٽ جا ڪپڙا پاتل هئا. سندس ٻئي هٿ ٿلهه ۾ قابو ٿي ويا هئا، ۽ هوءَ ٿلهه جي موزيڪ سان لڳي روئي رهي هئي جنهن وقت قاسم ڪريلي مجيد جي لونڊڙي ۾ چاقو ٽنبي سٽ سان سندس نرڙ چيري ڇڏيو هو، تڏهن هن چاهيو هو ته هوءَ ڊوڙندي وڃي ۽ مجيد کي پنهنجين ٻانهن ۾ جهلي سندس رتوچاڻ منهن پنهنجي سيني ۾ لڪائي ڇڏي پر هو ائين ڪري نه سگهي هئي صدين جي روايت کي ٽوڙي نه سگهي هئي ٽوڙي سگهي هئي ته پنهنجي دل ! جڏهن ضبط ڪري نه سگهي،تڏهن هڪ آهه اندر مان اڀرندي هوائن کي چيريندي جبلن ٽڪرن مان وچڙندي آڪاس تائين هلي ويئي هئي هو ڦتڪندڙ دل، ۽ آلين اکين سان ميدان ڏانهن ڏسي رهي هئي جتي مجيد ڌرتيءَ تي پيو هو، ۽ قاسم ڪريلو ۽ سندس سورهيه ساٿي دائري ۾ بيٺا هئا.
” ثريا، ڏسي ڇڏ مجيد پڙوي جي حالت. قاسم ڪريلي مجيد ڏانهن اشارو ڪندي رڙ ڪري چيو، ” هن ماءُ جي ٽنهنجين اکين ۾ شاهه لطيف جو سُر سارنگ ڏٺو آهي تون ئي سمجهائينس ته ماڻهوءَ جو پٽ ٿي ۽ اسان جي مخالفت ڇڏي ڏئي ورنه ٻيڙو ڪري مارينداسينس.“
ثريا روئيندي رهي. هوءَ مجيد سان گڏ سوشيالا جي ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهندي هئي. هوءَ سانوري جنهنجي اکين ۾ مقناطيس جهڙي ڪشش هئي، ۽ جنهن تي يونيورسٽي ءَ جا اڌ کان وڌيڪ شاگرد ۽ استاد عاشق هئا، سا فقط مجيد لاءِ ماندي هئي. ڪيس فقط مجيد وڻيو هو، جيڪو خالي پيرڊن ۾ ۽ موڪل کان پوءِ ڪيس شاهه لطيف جي بيتن جي عجيب ۽ حيران ڪندڙ معني ۽ مفهوم ٻڌائيندو هو. ساڻس چيگيوارا، هوچي منهه، ياسرعرفات، ۽ جپان جي آپگهاتي گوريلن جون ڳالهيون ڪندو هو. ۽ پوءِ جڏهن سرڪاري ڪامورن وڏن فنڊن سان عوامي اسٽوڊنٽس فيڊريشن کي وجود ۾ آندو، ۽ شاگردن کي واڳڻ، پيندين ۽ پٽاڻن وانگر خريد ڪرڻ شروع ڪيو، تڏهن ثريا سمجهي ويئي هئي، ته مجيدجنهنجو

وچن ويڙهيچن سان آهي، سو سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن ڇڏي ڪنهن به آڇ ، ڪنهن به لالچ ۽ ڪنهن به واعدي تي عوامي اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ شامل نه ٿيندو.

مجيد عوامي اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ شامل نه ٿيو هو. هن عوامي اسٽوڊيشن فيڊريشن جي آقائن ۽ سرپرستن جي هرڪا آڇ نڪرائي ڇڏي هئي. هن پاڪستان جي شاگرد وفد سان گڏ آمريڪا ۽ يورپ گهمڻ جي آڇ ٺڪرائي ڇڏي هئي. پنج سورپيا هر مهيني جي کيسي خرچيءَ جي لالچ ٺڪرائي ڇڏي. هوندا موٽرسائيڪل ۽ ويسپا اسڪوٽر جي پيشڪش ٺڪرائي ڇڏي. هو  سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جو سيڪريٽري جنرل هو. هن پاڪي وڪڻڻ بدران عوامي اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي مخالفت ۾ بيهاري ڇڏيو. ڪيس ان مخالفت جي قيمت جي خبر هئي. هو  قاسم ڪريلي ۽ سندس ساٿين سان اڪيلي سر وڙهي، فرد جي اهميت، ۽ انفراديت متعلق پنهنجي نظر يي کي سچو ثابت ڪري رهيو هو.هو اڪثر چوندو هو  ته ؛ قومون، گروهه، ۽ جماعتون شڪست کائي سگهن ٿيون، پر فرد، هڪ هيڪلو انسان، ڪڏهن به شڪست کائي نه ٿو سگهي. هو رتوڇاڻ ٿيڻ کانپوءِ به پنهنجي نظريي تي قائم هو. قاسم ڪريلي جي حڪم  تي ٻن  ڄڻن مجيد کي ٻانهن کان جهلي. ڇڪي ، اُٿاري بيهاريو.

بيهڻ شرط سمورو يونيورسٽي ڪيمپس مجيد جي نگاهن ۾ ڏڏي ويو. هن رت هاڻين اکين سان آرٽس فيڪلٽيءَ جي عمارت ڏانهن ڏٺو. سموري عمارت کيس ڏنڏ ۾ ويڙهيل نظر آئي. هن ويٽي جي پٺ سان اکين تان رت اُگهي، ٻيهر عمارت ڏانهن نهاريو . کيس عمارت ڪجهه ڪجهه ڇٽي نظر اچڻ لڳي.

” مجيد سوئر جا پٽ ماءُ جا — غور سان ڏس . سامهون نلهه وٽ ثريا رنڊي بيٺي اٿئي، جنهنجي اکين ۾ تو شاهه جو سُر سارنگ ڏٺو آهي.“ ڪريلي خارن مان مجيد کي وارن کان وٺي ڌونڌاڙيندي، ڏند ڪرٽيندي چيو، ” تون جيڪڏهن اسانجي مخالفت بند نه ڪندين، ته خدا رسول جو قسم آهي، اسين ثريا کي زوريءَ کڻي وينداسين ۽ پوءِ خبراٿئي اسين ساڻس ڪهڙي تعدي ڪنداسين؟“ ” قاسم.“ مجيد ساڻي ساڻي ساهه سان ۽ ٻِگل ٽٽل لهجي ۾چيو، ” توهين ثريا سان

اُها ئي تعدي ڪندا، جيڪا جميله ۽ ليليٰ سان فرانسيسي ۽ يهودي دهشت پسندن ڪئي هئي . ان ڪان وڌيڪ توهان ثريا سان ڪابہ تعدي ڪري نہ سگندا.“

قاسم ڪريلي ، ير ڪري مجيد ڪي منهن ۾ چماٽ وهائي ڪڍي. پنهنجي سائين ڪي حڪم ڏيندي چيائين، ” اڙي وني هلو ماءُ جي — ڪي فيڪلٽي بلڊنگ ڏانهن.“

پوءِ ، اٺ ڏهہ عوامي اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا پهلوان، ۽ جوڌا جوان هيڪلي مجيد ڪي لتون، مڪون، ۽ ٺونشا هڻندا، ڌڪاڏيندا آرٽس فيڪلٽيءَ جي عمارت ڏانهن ٺڏينداآيا.هو جڏهن عمارت جي ڏاڪڻ پرسان ٻاهرين ٺلهہ وٽ پهتا، تڏهن ڪريلي جي حڪم تي ٻيهي رهيا. ڪريلي مجيد جي وارن ۾ مٺ وجهي، سندس منهن مٿي ڪندي چيو، ” ڏس، ٺلهہ وٽ ڪيو بيٺي آهي؟“

ايترن ڌڪن ڪائڻ ڪانپوءِ بہ مجيد هوش ۾ هو ، سامت ۾ هو. هن ٺلهہ ڏانهن ڏٺو. ٺلهہ جي ميوزيڪ تي منهن رکي ثريا روئي رهي هئي. مجيد قاتل چيريل ۽ چٽيل چپن سان مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي انگريزيءَ ۾ چيو، Forgive them,o. Lord for they donot know what they are doing“ ان وقت هڪ چوڪري، ڪيس پٺن تي هاڪي وهائي ڪڍي ۽ هويولاٽيون ڪائيندو سڌو وجي ثريا جي پيرن وٽ ڪريو ثريا صدين جي قدامت پرست روايتن جا ڪوٽ ڪيرائي ڇڏيا هن مجيد جو رتوچاڻ منهن پنهنجن ٻانهن ۽ سيني ۾ لڪائي ڇڏيو گهڙي ڪن لاءِ آرٽس فيڪلٽي جي ورانڊن ۾ چوٻول ٿيو ۽ پوءِ خاموشي ڇانئجي ويئي.

” پنهنجي- جي حياتي چاهين ٿي ، تہ سمجهائينس. مُڙي وجي عوامي اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي مخالفت ڇڏي ڏي.“ ڪريلي ثريا کي چيو ، ” مجيد جيستائين عوامي اسٽوڊنٽس جي حمايت ۾ بيان نہ ڏيندو تيستائين ڪيس يونيورسٽي ڪيمپس مان جيئري ٻاهر وڃڻ نہ ڏينداسين .“

ثريا ڪين جواب نہ ڏنو . هو ۽ روئيندي رهي. ” سمجهائينس ميس ميس نہ ڪر.“ قاسم ڪريلي ثريا کي چيو ، ” اجايو مفت ۾ مارجي ويندو.“ ” مجيد ، مجيد.“ ثريا ساهہ روڪي، سڏڪن ۾ چيو، ” هيءُ توکي عوامي اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي حمايت ۾ ڪجهہ لکرائڻ ٿا چاهين.“ مجيد جي نڌڙ مان وهندڙ رت ثريا جي

قميص جو آڳو آلو ڪري ڇڏيو . ثريا سندس منهن پنهنجي سيني ڪان ڌار ڪندي چيو ، ”مجيد اکيون کول. مونڏانهن ڏس.“ مجيد رت هاڻيون اکيون کولي ثريا ڏانهن نهاريو. هوءَ مجيد جي اکين ۾ تڪليف جو احساس ڏسي نہ سگهي. مجيد مُرڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ” اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون.“ ” ائين نہ چئہ ائين نہ چئہ .“ ثريا مجيد جي چيريل چچريل منهن وري پنهنجي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو. پوءِ قاسم ڪريلي ڏانهن ڏسندي چيائين ، ” ڏسو تہ توهان مجيد کي ڇا ڪري ڇڏيو آهي. هينئر ڪانئس پنهنجي حمايت ۾ بيان ڏا ڪڍايو!“ ” ها . جيستائين دم ۾ دم اٿس ، ڪيس هر حال ۾ عوامي اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي حمايت ۾ بيان ڪڍڻو پوندو.“ قاسم پستول سڌو ڪندي چيو ” نہ تہ مجيد جو موت يقيني آهي.“ مجيد ثريا جي سيني مان منهن ڪڍي وسامندڙ اکين سان قاسم ڏانهن ڏسندي ، تمام جهيڻي آواز ۾ چيو ” مونکي موت جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌاءِ ، قاسم.“ ” موت!“ قاسم حيران ٿي ويو. چيائين، ”موت ،بس موت آهي.“ ” توکي خبر ناهي قاسم . تہ ڪجهہ انسانن لاءِ موت ابدي زندگي جو سبب ٿي پوندوآهي!“ ” بڪواس پيو ڪرين .“ ” ۽ ڪجهہ ڪانيرن لاءِ زندگي ڇپي ڇپي تي مرڻ جو سلسلو ٿي پوندي آهي.“ ”مٿي تي هاڪيون لڳيون اٿئي تنهنڪري وڦلين پيو.“ مجيد ساڻو ٿي ، پاڻکي ثريا جي پيرن وٽ ڏاڪي تي ڇڏي نرڙ تي رکيو.

جنهن ٿُلهي، ۽ بيڊولي شاگرد مجيد کي پاسراٽين ۾ لت هنئين هئي، تنهن وڌي اچي ڪريلي جي ڪن ۾ ڪجهہ چيو. ڪريلي هڪدم منهن ورائي پوئتي نهاريو. پريان ، ڪاري رنگ جي هڪ سرڪاري ڪار اچي رهي هئي. ڪار، آرٽس فيڪلٽي جي عمارت ڪان ڪجهہ پرڀرو بيهي رهي ۽ سندس ساٿي ڪار ڏانهن هليا ويا. لڙيا ڪريلو مجيد کي ڪلهي کان وٺي ڌونڌاڙيندي سڏ ڪيو، ” مجيد، مجيد.“ مجيد اکيون کولي ثريا ڏانهن ڏٺو . پوءِ جهيڻي آراز ۾ چيائين، ” مونکي هتان وٺي هل، ثريا.“ ” پر،.......“ ” دير نہ ڪر، ثريا مونکي ڪيمپس مان وٺي هل.“ ” پر مجيد هن قاسم.“ ” مان ڪجهہ دير ڪانپو مري ويندس .“ مجيد چيو، ” مونکي ڇهن سالن جو هڪ ننڍڙو ياءُ آهي . مان هنجي سامهون

پويان پساهه پورا ڪرڻ چاهيان ٿو.“ ” ائين نہ چئہ، ائين نہ چئہ مجيد .“ ثريا روئي پئي . چيائين، ” تون نہ مرندين . مان توکي مرڻ نہ ڏيندس.“ ” اسان رڻ ۾ لائون لڏيون آهن.“ مجيد آهستي آهستي چيو، مونکي سهاڙو ڏيئي اُٿاري بيهار ، ثريا.“ ” پر قاسم چيو آهي تہ تون جيستائين عوامي اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي حمايت ۾ بيان نہ ڪيندين ، تيستائين توکي ڪيمپس مان ٻاهر وڃڻ نہ ڏيندا.“ ” مونکي ڪوبہ روڪي نہ سگهندو.“ مجيد چيو. ” مان پنهنجي پاءُ ڏانهن ويندس مونکي اٿاري بيهار ثريا.“ ثريا مجيد کي ٻانهن جو سهارو ڏيئي اٿارڻ جي ڪوشش ڪندي، اک ٽيٽ ڪري قاسم ڪريلي ۽ سندس ساٿين ڏانهن ڏٺو. قاسم ڪريلو ۽ سندس ساٿي سرڪاري موٽر ۾ ويٺل هڪ نو جوان ڪاموري سان ڳالهائي رهيا هئا. ثريا ڪوشش ڪري مجيد کي اٿاري ويهاريو پوءِ کيس پنهنجي ٻانهن ڏيندي ٺلهہ جو سهارو وٺندي آهستي آهستي اٿاري بيهاريو پيرن تي بيهڻ شرط مجيد کي اکين آڏو اوندهہ اچي ويئي مڙهيل چاڪ چڪي پيس ڪرڻ تي هو جو ثريا سهارو ڏيئي ٺلهہ جي ميوزيڪ سان بيهاري ڇڏيس مجيد ساٽي ساٽي ساهہ سان پاڻ سنڀالي ورتو پو هڪ هٿ ثريا جي ڪلهي تي رکي ٻئي سان سيني جي زخمن مان وهندڙ رت کي روڪيندي هو ٺلهہ وٽان هٽي ويو ۽ پو ٿي ڏاڪا لهي فيڪلٽي عمارت جي سامهون ميدان ۾ وجي بيٺو ورانڊي ۾ بيٺل چوڪرن ۽ چوڪرين جو وات ڦاٽي ويو هو اچرج وچان مجيد ۽ ثريا ڏانهن ڏسڻ لڳا. مجيد ٿڙندو ٿاٻڙندو ثريا جو سهارو وٺندو فيڪلٽي عمارت جي سامهون رستي جي وچ ۾ وجي بيٺو اُتان ڦري قاسم ڪريلي ۽ سندس ساٿين ڏانهن منهن ڪري بيهي رهيو. قاسم ڪريلو ۽ سندس ساٿي نوجوان ڪاموري سان ڳالهائي گڊ گڊ ٿي رهيا هئا. ڪامورو سندن ڪارڪرد گيءَ تي خوش هو ۽ کين چئي رهيو هو ” توهين نئين پاڪستان جي نئين سنڌ جو نئون نسل آهيو اوهين انقلابي شاگرد اسانجي سڀ کان وڏي طاقت آهيو قوت آهيو توهان سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن کي مڪمل طرح ختم ڪري وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي ۽ خاص ڪري اڄ تہ توهان ڪمال بهادري جو ثبوت ڏنو آهي اهڙا جوڌا جوان ورلي پيدا ٿيندا آهن.“ ڪريلي خوش ٿيندي چيو، ” سائين اوهانجا ٻانها آهيون .“

ڪاموري هڪدم چيو، ” قاسم تنهنجو هي ٽولو تنهنجي سربراهي ۾ اسين يورپ جي دوري تي موڪليندا سين.“ ” مهرباني، مهرباني.“
” اسان توهان سيني لاءِ گزيٽيڊ نوڪرين جو بہ بندوبست ڪري ڇڏيو آهي.“ ” لک ٿورا، سائين .“ ” توهانکي پلاٽ ۽ پرمٽون بہ ڏنيون وينديون.“ ” سائين.“ هڪ جاڻني جاڻني شاگرد چيو ”مونکي ڪجهہ نہ گهرجي مون کي فقط ڪنهن ٿاڻي جو صوبيدار ڪرائجو.“ ” سپاٽي آرڊر منهنجي آفس مان ڪٽي وڃجانءِ. “ ” ۽ سائين مونکي ايڪسائيز ۽ ٽيڪنيشن آفيس ۾ لڳرائجو.“ ” تون بہ آرڊر سپاٽي منهنجي آفيس مان وٺي وڃجان.“ پوءِ قاسم کان پڇيائين . ” قاسم توکي ڪا خاص نوڪري وغيره گهرجي ڇا؟“ ”مونکي چانور ۽ بنا گيهہ پستي سمگل ڪرڻ جي پرمٽ وٺي ڏيو .“ قاسم ڪريلي چيو. نوجوان ڪاموري ٿهڪ ڏنو. چيائين . ” تنهنجي لاءِ اهو ڪم ڪيو باقي مجيد جو ڇا ٿيو؟“ ” سوئر کي اُها ڏمال ڪدي اٿئون جو سڄي ڄمار ياد رکندو“ ” عوامي اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي حمايت ۾ بيان ڏنو اٿائين؟“ نوجوان ڪاموري چيو، جيڪڏهن بيان نہ ڏنو اٿائين، تہ پوءِ حرامزادي کي Tortureڪري بہ بيان وٺو اهو تمام ضروري آهي سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جو جنرل سيڪريٽري آهي. سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيز يشن کي مڪمل طرح ختم ڪرڻ لاءِضروري آهي تہ مجيد کان عوامي اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي حمايت ۾بيان ڪڍائجي.“ ” بيان ڪيئن نہ ڏيندو. سائين.“ قاسم ڪريلي چيو اسان چيو اٿس تہ جيڪڏهن عوامي اسٽوڊنٽس جي حمايت ۾ بيان نہ ڏيندو تہ ڪيس جيئري يونيورسٽي ڪيمپس مان باهر وڃڻ نہ ڏينداسين.“ ” مان يونيورسٽي ڪيمپس مان ٻاهر وڃي رهيو آهيان قاسم.“ مجيد رهيل سهيل سگهہ سان وڏي واڪ چيو، ” مان وڃي رهيو آهيان .“ قاسم ڪريلي ۽ سندس ساٿين کان چرڪ نڪري ويو هنن هڪدم منهن ورائي مجيد ڏانهن ڏٺو . مجيد بس اسٽاپ ڏانهن وڌي رهيو هو. سامهون بس اچي رهي هئي . قاسم ڪريلي پستول سڌو ڪيو. رڙ ڪندي چيائين، ” بس ڏانهن وک وڌائيندين ، تہ اڦٽ ماريندوسان.“ بس، بس اسٽاپ وٽ اچي بيٺي مجيد ثريا جو سهارو وٺندو آهستي آهستي بس ڏانهن وڌڻ لڳو . ” بيهي رهہ مجيد.“ قاسم چيو ، ” نہ تہ مان گولي

ٿو هلايان ." مجيد بس وٺان منهن ورائي پوئٽي نهاريندي چيو ، " سيئي حوين ڏينهن جڏهن سڄڻ سفر هليا." " ته پو ڪرڻ لا تيار ٿي " قاسم پستول جي گهوڙي تي آڱر رکي " ترس " ڪاموري کيس گولي هلائڻ کان روڪي ڇڏيو چيائين " مجيد کي وڃڻ ڏيو" مجيد بس جي فٽ بورڊ وٽ ڪري پيو ثريا ۽ هڪ ٻن سهارو ڏيئي اٿاري بس ۾ آندو. نوجوان ڪاموري ڪريلي کي چيو" مون کي هڪدم فون ڪرڻي آهي "اچو سائين" ڪريلي چيو آرٽس فيڪلٽي جي ڪنهن به ڊپارٽينٽ امان اوهين فون ڪري سگهوٿا " نوجوان ڪامورو قاسم ڪريلي ۽ سندس ساٿين سان گڏ فون ڪرڻ لاآرٽس فيڪلٽي جي بلڊنگ ڏانهن هليو ويو جنهن وقت هو ٻاهرئين ٺلهه وڏان ٻه ٽي ڏاڪا چڙهي ورانڊي ۾ داخل ٿي رهيا هئا ان وقت بس زوڪاٽ ڪندي شهر ڏانهن رواني ٿي ويئي بس جا سمورامسافر جيڪي سائنس فيڪلٽي جا شاگرد ۽ ڪيمپس جا ملازم هئا " حيرت وچان مجيد ڏانهن ڏسڻ لڳا هو پاڻ ۾ پٽڪا ڪري ڳالهائڻ لڳا مجيد هنن لاءِ نئون نه هو ثريا به هنن لاءِ نئين نه هئي پر ٻنهي کي رت هاڻو ڏسي سيئي ٽپرس ۾ پئجي ويا هئا .

مجيد جون اکيون بند هيون ۽ هن پنهنجو منهن ثريا جي ڪلهي تي لاڙي ڇڏيو هو ثريا دري کان ٻاهر ڪيمپس جي عمارتن ڏانهن ڏسي رهي هئي سندس اکين جا لڙڪ سڪي ويا هئا هزارين وسوسا ۽ سوداءَ کيس ورائي ويا هئا هوءَ محسوس ڪري رهي هئي ته مجيد هڪ هڪ گذرندڙ گهڙي سان گڏ ختم ٿي رهيو هو وسامي رهيو هو . ثريا کيس چوهيندي چيو " مجيد مجيد ڪيئن آهين ؟"

مجيد اکيون کوليون. " ڪيئن آهين؟" مجيد ٻڏندڙ آواز ۾ چيو. " سر سوري ڏڙ ڪنگرين متان ڪچين ڪٽ !" ثريا اشارو سمجهي ويئي سندس سمورو وجود وڏجي ويو. " ثريا ." مجيد پٽڪن ۾ ڳالهايو. " جيءُ" " شاهه جو هيءُ بيت ٻڌو اٿئي؟" " ڪهڙو"" سڪ نه آهي سٽري ڪڻ پروڙي پير، ڪسڻ ڌاران ڪير ڪري سڌ سڪڻ جي؟" "ها تو اڳ به ٻڌايو هو." " ان بيت جي معني سمجهين ٿي ." " ها." ثريا ذري گهٽ روئي پئي . بس جڏهن ڪيمپس جي حدن مان نڪري شهر

ڏانهن ڊوڙن لڳي تڏهن مجيد اکيون کولي منهن ورائي ثريا ڏانهن ڏٺو پڇيائين " روئين پئي ڇو؟" "مان نہ نہ." "ثريا" " جيءُ " " جڏهن جرمن نازي فوجون ماسڪو کي گهيرو ڪري ويون هيون تڏهن خبراٿئي تہ روسي ماڻهوڪهڙي جذبي سان جرمن فوجن سان وڙهيا هئا؟"
ثريا محسوس ڪري رهي هئي تہ مجيد ڪيس سرچائڻ ۾ سندس خيال بدلائڻ لاءِ ڳالهائي رهيو هو نہ تہ جهڙي نموني هو هيڊو ٿيندو وسامندو ۾ پڄندو پرندو پئي ويو هن جو ڳالهائڻ ناممڪن هو پر ثريا کي اها خبر هئي تہ مجيد غير معمولي ارادي جو مالڪ هو هو سوري کي سينگار سمجهندو هو خبر اٿئي روسي ماڻهن خونخوارجرمن فوجن جو ڪهڙي جذبي سان مقابلو ڪيو هو.
"نہ، نہ."
"؟؟؟؟ جي جذبي سان روسي ماڻهن جرمن فوجن جو مقابلو ڪيو." مجيد چيو، "جڏهن انسان فقط مرڻ ۽ مارڻ لاءِ جنگ لڙندو آهي، تڏهن فتح سندس پير اچي چمندي آهي."
ڪجهہ دير خاموش رهڻ ڪانپوءِ مجيد پنهنجي ساءِ چيو "مان سمجهان ٿو، مان مجيب وٽ پهچڻ کان اڳ مري ويندس."
"چا!" ثريا کان چرڪ نڪري ويو. هوءَ ذري گهٽ رڙيون ڪري روئي پوي ها، پر هڪدم ضبط ڪري ويئي. مجيد کي پيار منجهان چوهيندي فقط ايترو چيائين، "تون رهندين، توکي رهڻو آهي."
مجيد اکيون بند ڪري جهونگاريو:
**"ڇَپرَ ڇَمَر پائيان، ڪانپو ۾ ڪارو،**
**پپ وجهنديس پٽ تي، صبح سوارو،**
**وڃڻ مون وارو، ڪين وهنديس وچ ۾."**

ضبط جي باوجود ثريا جي اکين مان لڙڪ لڙي آيا هو شهر تائين ، آهہ کي روڪي ، سڏڪن کي ساندي ڪارونجهر جي ڪونج وانگر روئندي رهي بس جو

ڪنڊيڪٽر مجيد جو واقف هو هن ثريا کان پڇيو اسپتال هلندو نہ“ جواب مجيد ڏنو نہ مونکي گهر وڃي هلو مان پنهنجي پاءُ کي ڏسڻ چاهيان ٿو.“
ڪنڊيڪٽر بس کي گاڏي کاتي وٺان ڪوڪر محلي ڏانهن ڦيرائي وڃي ويو ڪوڪر محلي وٽ هن ثريا سان گڏ جي مجيد کي بس مان هيٺ لاٿو ۽ ڪيس گهر جي در تائين ڇڏڻ آيو.
گهر ۾ مجيد ۽ سندس پاءُ هيڪلا رهندا هئا. مٽ مائٽ ڳوٺ ۾ هئن.
گهر جو در کليو پيو هو مجيد جڏهن چانئٺ ٽپي اندر داخل ٿيو تڏهن سندس ڇهن ستن سالن جو پاءُ اڱڻ ۾ پنهنجي سليٽ کي ڪوئلي سان ڪارو ڪري رهيو هو . هو پنهنجي پاءُ جي حالت ۽ ساٽس اوپري ڇوڪري ڏسي حيران ٿي ويو هو عجب وچان پاءُ ڏانهن ڏسندو رهيو .
ثريا مجيد کي سهارو ڏيندي ورانڊي ۾ وٺي ويئي مجيد ورانڊي ۾ رکيل موڙي تي ويهي رهيو. اکيون بند ٿيڻ لڳس ساھ جو پکي سيني جي پڃري ۾ پرڙا هڻڻ لڳس. هن آهستي آهستي اکيون کولي پنهنجي پاءُ ڏانهن ڏٺو .
” مجيب .“ مجيد ٻانهون کوليندي چيو “ مجيب “ مجيب سڌو اچي پاءُ جي ڇچريل ۽ وڍيل سيني سان لڳو مجيد ڪيس ڪمزور ۽ نبل ٻانهن ۾ جڪڙي ڇڏيو.
مجيب حيرت وچان پاءُ ڏانهن ڏسندي چيو، ” ادا، تون ان بيت جهڙو پيو لڳين، جيڪو مونکي روز رات جو سمهڻ مهل ٻڌائيندو آهين.“
مجيد پاءُ کي رت هاڻن چپن سان مٺي ڏيندي پڇيو،”توکي اهو بيت ياد آهي مجيب.“
” ها ادا .“
”مونکي اُهو بيت ٻڌاءِ.“ مجيد چيو، ”منهنجي سيني سان لڳي مونکي اُهو بيت ٻڌاءِ.“
ننڍڙو مجيب پنهنجي وڍيل ۽ زخمي پاءُ جي سيني سان لڳي بيت ٻڌائڻ لڳو :

**”گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،**
**ڪڏهن منجهه ڪوٽن ڪڏهن واهي رڻ جا.“**

ثريا رئو وات ۾ وجهي سڏڪا ضبط ڪري ويئي. مجيب ڏانهنس ڏسندي پنهنجي پاءُ کان پڇيو ” هي ڪير آهي ادا؟“
”هيءَ ڪير آهي!“ مجيد اجهاٽيل اُجهاٽيل اکين سان ثريا ڏانهن ڏسندي چيو، ”هن کي ٻه مون شاهه سائين جي بيت جي هڪ سٽ ٻڌائي هئي هي اڄ مونکي اها سٽ ٻڌائڻ آئي آهي هان نه ثريا؟“
ثريا ڪنڌ لوڏيو.
” مونکي سمورا ڏک منهن ۾ لڳا آهن مجيد جهيڻي آواز ۾ چيو ڪجهه ڏک پٺي تي به لڳا آهن پر اهي ڏک مونکي پڄندي نه لڳا آهن ”ته پڻ لڄ مران جي هونس پٺ ۾.“ ائين نه چئجان ثريا.“
مجيد پنهنجو ڪنڌ موڙي جي پٺي سان لڳائي اکيون بند ڪري ڇڏيون هو ڪجهه دير تائين وات مان ساهه ڪڍندو رهيو پوءِ ثريا کي چيائين ”ثريا مونکي شاهه سائين جي بيت جي اها سٽ ٻڌا جيڪا تو اڄ تائين نه ورجائي آهي.“
ثريا انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.
”اها سٽ ٻڌاءِ ثريا.“
ثريا وات تان رئو پري ڪري ڇڏيو پوءِ، ٻڳل ٽٽل لهجي ۾ چيائين ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا سيڪيندي سونهان.“
ان وقت، ٻاهرين در وٽ جيپن ۽ لارين بيهڻ جو آواز آيو. لارين ۽ جيپن مان لانگ بوٽن جي لهڻ ۽ ڊوڙڻ جو آواز آيو. پوءِ پنڌرهن - ويهه سپاهي ۽ فيڊرل سيڪيورٽي فورس جا جوان روالور ۽ رائيفلون تاڻي اندر گهر ۾ ڪاهي آيا. هنن سان عوامي اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا ٻه ميمبر به ساڻ هئا.
اندر گهڙڻ شرط سندن نگاهه مجيد تي پئجي ويئي هو ڪيس گهيرو ڪري ويا صوبيدار رڙ ڪري چيو هٿو هتڪڙيون بدمعاش کي يونيورسٽي ۾ اسٽرائيڪ ڪرائي، فساد ڪرائي، پڇي گهر ۾ اچي لڪو آهي!“

ٻن سپاهين وڏي وجي مجيد جي پيگل چٽيل ۽ چڇريل ٻانهن ۾ هٿڪڙيون هنيون .
مجيد اُجهاٽين اکيون کولي سپاهين ڏانهن ڏٺو ۽ چيو ” اج پڻ وايون ڪن، وٽجارا وجڻ جون.“
ننڍڙي مجيب ثريا کي ٻانهن کان جهليندي پڇيو، ”ڪيڏانهن پيو وجي؟“
ثريا کيس ڪوبہ جواب ڏيئي نہ سگهي هن وٽ جواب نہ هو.

# مان ديواس نه آهيان

اُن ڏينهن مان ڏاڍو اُداس هوس. اُداس ٿيڻ ڪانپوءِ مان مرحوم سي ايچ آتما سنڌيءَ جو ڳايل اردو گانو جهونگاري رهيو هوس ۽ وڏيڪ اُداس ٿي رهيو هو.س گاني جا ٻول هئا، ”روئون مين ساگر ڪي ڪناري، ساگر هنسي اُڙائي.“

جذباتي ۽ فنڪار قسم جو ماڻهو اُداس ٿيڻ ڪانپوءِ ٻه ڪم ڪندو آهي - هو گانو ڳائيندو آهي، يا سگريٽ ڇڪيندو آهي. هو ڪڏهن ڪڏهن خودڪشي به ڪندو آهي. پر، خودڪشي ڪرڻ کان اڳ هڪ عدد گانو ضرور ڳائي وٺندو آهي ۽ هڪ سگريٽ به ضرور ڇڪي وٺندو آهي. هڪ دفعي اُداس ٿيڻ ڪانپوءِ مون سگريٽ ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر پوءِ مان گانو ڳائڻ جي قابل نه رهيو هوس. سگريٽ ڇڪڻ ڪانپوءِ ڪيتري دير تائين مان ڪنگهندو رهيو هوس ۽ ڪنگهي ساڻو ٿي پيو هوس. مونکي ڪنگهندو ڏسي پارو چيو هو، ”ڳالهه ٻُڌ. سگريٽ پيئڻ ڇڏي ڏي.“

مون غور سان پارو ڏانهن ڏٺو هو. هوءَ سرت چندر جي ناول ديواس واري پارو نه هئي. پر، تنهن هوندي به هوءَ الائي ڇو مونکي پارو لڳندي هئي. هوءَ پارو وانگر سانوري ۽ سهڻي هئي. هوءَ ڳالهيون به پارو وانگر ڪندي هئي.

مون پارو ڏانهن ڏسندي چيو هو، ”فقط بنگالي سرت چندر جي ديوداس محبت ۾ مرڻ جو ٺيڪو نه ڪنيو هو. اسلام آباد ۾ به هڪ ديو داس پنهنجي پارو لاءِ مري سگهي ٿو.“

”توکي مرڻ کان ڪير ٿو روڪي!“ پارو چيو هو، ”سگريٽ پيئندي تون جڏهن پنهنجي وات ۽ نڪ جي ناسن مان دونهون ڪڍندو آهين، تڏهن هوبهو پراڻي دور جي ڪاري ريلوي انجڻ جهڙو لڳندو آهين.“

مون نٿي چاهيو ته پارو مونکي ريلوي جي ڪاري انجڻ سمجهي اُداس ٿيڻ ڪانپوءِ سگريٽ ڇڪڻ جو خيال مون دل مان ڪڍي ڇڏيو. اُداس ٿيڻ ڪانپوءِ مون فقط گاني ڳائڻ جو پروگرام جاري رکيو. هينئر، جڏهن به اُداس ٿيندو آهيان، هڪ عدد گانو ضرور ڳائيندو آهيان، پر سگريٽ نه ڇڪيندو آهيان.

ان ڏينهن مون پارو کي براڊ ڪاسٽنگ هائوس جي لان (چبر) تي جميل نالي هڪ شخص سان چانهه پيئندي، ڳالهائيندي ۽ کلندي ڏسي ورتو هو. جميل کي پريان مون خاتون انائونسر جميله سمجهيو هو. پر، ويجهو وڃي ڏسڻ ڪانپوءِ هو جميل نڪتو. ڏاڍو ناهوڪو جوان هو. ڪنهن به عورت لاءِ خوابن جو شهزادو هو. هن سنڌ نه ڏٺي هئي، پر هو سنڌ متعلق ڏاڍي يقين ۽ اعتماد سان ڳالهائي سگهندو هو. اصل ۾ هن وٽ سنڌ جا به رورل ڊوميسائيل هئا — هڪ سانگهڙ جو ۽ ٻيو نوابشاهه جو. منهنجي باري ۾ هن پارو کي ٻڌايو هو ته ريچ جهڙو هيءُ شخص نه رڳو ڏسڻ ۾ خطرناڪ آهي، پر هونءَ به خطرناڪ آهي." وڏو ڦڏيئي آهي. سنڌ ۾ پوليس ۽ قانون نافذ ڪرڻ وارن ادارن کي گهربل آهي. سنڌ ۾ مينهون چورائيندو هو. پڪڙبو انڪري نه هو جو هن جو پنهنجو رنگ ڪنهن مينهن کان گهٽ ڪارو نه آهي. ڪيس جيئرو يا مئل پوليس آڏو پيش ڪرڻ واري کي نئين يا بدين ۾ پنج هزار ايڪڙ زرعي زمين انعام ۾ ڏني ويندي. اڄڪلهه سنڌ مان فرار ٿي اسلام آباد پهچي ويو اهي ۽ گاديءَ واري هنڌ جي پاڪ صاف هوائن ۽ فضائن کي خراب ڪري رهيو آهي؛ پنهنجي مڪروهه وجود سان اتحاد ۽ يڪجهتيءَ جهڙين مقدس شين کي نقصان پهچائي رهيو آهي.

تڏهن، مون سوچيو هو ته پنهنجي صفائيءَ ۾ مان پارو سان چرچ ڪندس، کيس ٻڌائيندس ته مان مينهون نه چورائيندو هوس. مان خواب چورائيندو هوس. اهوئي سبب آهي جو مان اسلام آباد جي ريچ ۾ بيٺو آهيان. منهنجي هنج ۾ خواب آهن ۽ مان پنهنجي عبرتناڪ انجام جو منتظر آهيان. پر ان کان اڳ جو مان پنهنجي صفائيءَ ۾ ڪجهه چوان، هڪڙي ڏينهن پارو منهنجي هٿ مان چانهه جو ڪوپ وٺڻ کان انڪار ڪندي چيو، "مان ڪنهن ريچ جي هٿ جي ناهيل چانهه قبول نه ڪنديس."

۽ پوءِ، پارو ناهوڪي جميل جي هٿ مان مرڪندي چانهه جو ڪوپ ڪٽي ورتو هو ۽ پوءِ هو ٻئي مرڪندا، سڙٻاٽين ۾ ڳالهائيندا، براڊ ڪاسٽنگ هائوس جي هڪ نويڪلي ڪنڊ ۾ وڃي وينا هئا. هنن مون ڏانهن ڏسي پاڻ ۾ ڪجهه ڳالهايو ۽ پوءِ، ٻئي ٽهڪ ڏيئي کلي پيا هئا. تڏهن مون گهاٽن وارن سان ڍڪيل پنهنجين

ڳورين ٻانهن ڏانهن ڏٺو ۽ محسوس ڪيو تہ، منهنجي ماءُ ڪانسواءِ دنيا جي ٻي ڪابہ عورت منهنجي هٿ جي ٺاهيل چانهہ قبول نہ ڪندي؛ مونکي ڪنهن ڪنڊن واري ٿوهر جي پرسان ويهي اڪيلي سر چانهہ پيئڻي پوندي.

اُداس ٿيڻ ڪانپوءِ مان مرحوم سي ايچ آتما سنڌيءَ جو ڳايل هڪ اردو گانو جهونگاري رهيو هوس. گاني جا ٻول هئا، ”روئون مين ساگر ڪي ڪناري، ساگر هنسي آرائي.“

اُن وقت امان منهنجي لاءِ پڪوڙا تري رهي هئي. امان چيو، ”اهو گانو اسلام آباد ۾ ڳائڻ اجايو آهي.“

”چو اجايو آهي!“ مون اچرج وچان پڇيو.

”اسلام آباد ۾ نہ آهي سمنڊ ۽ نہ آهي سمنڊ جو ڪنارو.“ امان چيو، ”اهو گانو ڪراچيءَ ۾ ڳائيندين تہ ٺهندين.“

چيم، ”آهي سوچڻ جهڙي ڳالهہ.“

امان پڇيو، ”اهو راڳ استاد محمد جمن جو ڳايل تہ نہ آهي!“

وراڻيم، ”اهو راڳ مرحوم سي ايچ آتما جو ڳايل آهي.“

امان هڪدم چيو، ”سي ايچ آتما مرحوم ٿي نہ ٿو سگهي.“

”هو مري ويو آهي امان.“ چيم، ”ٻہ ٽي سال ٿيندا جو هو گذاري ويو آهي.“

”اهو ٺيڪ آهي تہ هو گذاري ويو آهي.“ امان چيو، ”پر، هن کي مرحوم چئي نہ ٿو سگهجي.

پڇيم، ”تہ پوءِ هن کي ڇا ٿو چئي سگهجي؟“

”سورڳ واسي.“ امان چيو، ”سي ايچ آتما هندو هو. تون ڪيس سورڳ ڳواسي سي ايچ آتما چئي سگهين ٿو.“

مون تعجب وچان پڇيو؛ مرحوم ۽ سورڳ واسيءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي.“

امان چيو، ”جڏهن ڪو مسلمان مري ويندو آهي تہ ڪيس مرحوم چئبو آهي ۽ جڏهن ڪو هندو مري ويندو آهي تہ ڪيس سور ڳواسي چئبو آهي.“

پڇيم ”۽ جڏهن انسان مري ويندوآهي، تڏهن ڪيس ڇا چئبو آهي؟“

امان چُلهہ وٽان اٿي منهنجي سامهون اچي ويٺي. ٽڪ ٻڌي مون ڏانهن ڏسڻ لڳي.

”ڇا پئي ڏسين، امان!“ چيم، ”مان في الحال جيئرو آهيان. منهنجي مرڻ کانپوءِ فيصلو ٿيندو ته مان مرحوم سڏيو وڃان يا سور ڳواسي يا ٻيو ڪجهه.“
ويجهو اچي امان پنهنجو هٿ منهنجي مٿي تي رکيو ۽ ٿڌو ساهه کنيو.
مٿي تان امان جو هٿ هٽائيندي چيم، ڏاڍي محنت سان سور ڳواسي وحيد مراد جي اسٽائيل ۾ وار سيٽ ڪيا اٿم.“
امان چيو، ”وحيد مراد کي سور ڳواسي سڏي نه ٿو سگهجي. هو مسلمان هو. تنهن ڪري مرحوم آهي.“
”پڇيم، ”سور ڳواسي چوڻ سان هو موٽي ايندو ڇا؟“
امان غور سان مون ڏانهن ڏسندي چيو، ”تنهنجي باري ۾ جيڪي ڪجهه ڳالهيون ٻڌيون اٿم سي غلط نه آهن.“
رازداريءَ واري نوع ۾ ڪانئس پڇيم، ”ماما مجيد سي آءِ ڊي ۾ وڃي نوڪري ڪئي آهي ڇا؟“
”اجائي بڪ نه ڪر.“ امان مونکي پيار وچان دڙڪو ڏيندي چيو، ”مان تنهنجن سمورن پڙن ڪمن کان واقف آهيان.“
”تون منهنجي ماءُ آهين يا ڪمپيوٽر!“ چيم، ”ڪو ته هڪ پڏو ڪم اهڙو به هجي ها، جنهن کان تون واقف نه هجين ها!“
امان غور سان مون ڏانهن ڏسندي چيو، ”ٻڌو اٿم، جادو منتر جي زور تي تون ڪڏهن ڪڏهن رڇ تي پوندو آهين!“
پيٽ تي هٿ هڻندي چيم، ”پيٽ دنيا جو سڀ کان وڏو جادومنتر آهي. مان بيڪار وقت ۾ مئل رڇ جي کل پائي جانورن واري باغ جي هڪ خالي پڃري ۾ ويهي رهندو آهيان ۽ پنج رپيا ڪمائي ويندو آهيان.“
امان کي شايد منهنجي ڳالهه تي اعتبار نه آيو. سندس منهن تي مرڪ تري آئي.
چيم، ”مان جيڪڏهن مئل رڇ جي کل ڪڍي نه به پايان ۽ ائين ئي پڃري ۾ ويهي رهان، تڏهن به مت جا موڙها ماڻهو مونکي رڇ سمجهندا.“
ٻئي هٿ منهنجن ڳٽن تي رکي امان مونکي نرڙ تي پيار ڪيو. چيائين، ”تون ته منهنجو چوڏهينءَ جو چنڊ آهين.“

چيم، ”جيڪڏهن چوڏهينءَ جو چنڊ آهيان تہ پوءِ پڪ ڄاڻ تہ دنيا جي هر سهڻي ڇوڪري ڪنهن رڇ يا بن مانس سان محبت ڪندي. ناهوڪا مرد پيا جهانجهہ وڄائيندا.“
آڏي پڇا واري نوع ۾ ڳالهائيندي امان چيو، ”مون ٻڌو آهي، هر آچر تي تون ڊمپل ڊسوزا نالي ڪنهن ڇوڪريءَ سان ملندو آهين!“
”اها پروپو گنڊا منهنجي دشمن ابراهيم گنجي جي آهي.“ چيم، ”هن اڄڪلهہ انگريزي فلمن ۾ اڇڻ ڇڏي ڏنو آهي، تنهنڪري منهنجي ڪڍ لڳل آهي.“
امان مرڪندي چيو ۽ مون اهو بہ ٻڌو آهي تہ هر سومر تي تون ثريا پوپالي نالي هڪ ڇوڪريءَ سان ملندو آهين.“
”آهستي ڳالهاءِ.“ مون هڪدم امان جي وات تي هٿ رکي ڇڏيو. چيم، ”اجايو پوپالي قتل ڪيس ۾ نہ ٻڌرائي وجهين.“
امان چيو، ”۽ مون ٻڌو آهي تہ اڱاري ڏينهن تون ڪنهن انگريز ڇوڪريءَ سان ملندو آهي ۽ شيڪسپيئر جي ڊرامن مان ڊائلاگ ڳالهائيندو آهين.“
”اهو منهنجي مٿان سراسر الزام آهي.“ چيم، ”تون جنهن کي انگريز ڇوڪري ٿي سمجهين، سا اصل ۾ اڇي رنگ واري بدڪ آهي. منهنجي ساڻس ملاقات جانورن واري باغ ۾ ٿي هئي. هوءَ جيئن تہ اڇي رنگ جي آهي، تنهنڪري فقط شيڪسپيئر جي ٻولي سمجهي سگهندي آهي.“
۽ پوءِ مان سوچ ۾ پئجي ويس تہ منهنجي باري ۾ ايترن الزامن جي فهرست ڪنهن تيار ڪئي آهي! اول مونکي ابراهيم گنجي جو خيال آيو ۽ پوءِ حسين ۽ جميل مسٽر جميل جو خيال آيو. جميل بابت منهنجو شڪ پڪ ۾ بدلجي ويو. جميل وٽ جيئن تہ سنڌ جا بہ رورل ڊوميسائيل هئا، تنهنڪري هو قانوني طرح منهنجي باري ۾ يقين سان ڳالهائي سگهندو هو. هن جي دعويٰ هئي تہ هو منهنجي باري ۾ مون کان ۽ منهنجي ماءُ کان وڌيڪ ڄاڻيندو هو. ان ۾ ڪمال جميل جو نہ هو. سمورو ڪمال سانگهڙ ۽ نوابشاهہ جي رورل ڊوميسائيل سرٽيفڪيٽن جو هو. مون کان بددل ۽ بدگمان ڪرڻ لاءِ جميل پارو کي ٻڌايو هو تہ عورتن جي باري ۾ سنڌي ڏاڍا جذباتي هوندا آهن ۽ سهڻي عورت ڏسي جلد

ترڪي پوندا آهن. هيءُ رڃ پڻ سنڌي آهي. بلڪ ڪٽر قسم جو سنڌي آهي. تنهن ڪري توکي ڏسي ترڪي پيو آهي. هيءُ سنڌ ۾ بہ ترڪي پوندو هو. گهڻو ڪري ڪراچيءَ جي صدر ۽ طارق روڊ وارن علائقن ۾ ترڪي پوندو هو. جڏهن کان اسلام آباد آيو آهي، ترڪڻ جاري رکيو اٿائين. هيءُ رڃ ڪنهن زماني ۾ فيملي پلاننگ واري کاتي ۾ ڪم ڪندو هو. اُتي، سهڻيون، من موهڻيون ڊاڪٽرياڻيون ۽ ليڊي هيلٿ وزٽرس ڏسي پندرهن دفعا ترڪي پيو هو. پارو کي يقين ڏياريندي جميل چيو هو تہ، مان پڪ سان پئي سگهان ٿو تہ هن رڃ جا بہ چار لاڳيتا رومانس هلي رهيا آهن. هڪ حيدرآباد ۾، هڪ ميرپورخاص ۾، هڪ ميرپور ماٿيلي ۾، هڪ ميرپور بٺوري ۾، هڪ ميرپور آزاد ڪشمير ۾، هڪ سکر ۾، هڪ شڪارپور ۾ ۽ اڌ ڊزن کن ڪراچيءَ ۾: تنهنڪري تون رڃ کان پاسو ڪجانءِ.

مون تي سراسر الزام هو، بهتان هو. ابراهيم گنجي جو خيال آهي تہ جيڪا چوڪري خودڪشيءَ جو ارادو ڪندي، دنيا مان بيزار هوندي، سا فقط مون سان محبت ڪندي. هوس حواس، عقل فهم واري ڪابہ چوڪري مون سان محبت نہ ڪندي. ابراهيم گنجي سان منهنجا پنجيتاليهہ اختلاف آهن. پر، ان معاملي ۾ مان ساڻس متفق آهيان. زندگيءَ ۾ فقط هڪ دفعي هڪ بي انتها سهڻي عورت اک ڇنڀڻ بنا لاڳيتو پنجيتاليهہ منٽن تائين مون ڏانهن ڏٺو هو. ان وقت مان صدر ڪراچيءَ جي الفنسٽن اسٽريٽ تي حميد ڪاشميريءَ جي ڪتابن جي دڪان پرسان بيٺو هوس ۽ هڪ ڪتاب چورائڻ جي ترڪيب سوچي رهيو هوس. هوءَ ايلفيءَ جي ٻئي پاسي ثناءُ الله جي دڪان ۾ بيٺي هئي ۽ مون ڏانهن ڏسي رهي هئي. لاڳيتو ڏسي رهي هئي. مان وائڙو ٿي ويس. دنيا جي ڪنهن بہ عورت پنجيتاليهہ سيڪنڊن تائين مون ڏانهن نہ ڏٺو هو. مون واچ ۾ وقت ڏٺو. هوءَ دنيا جي واحد سهڻي عورت هئي جنهن اک ڇنڀڻ بنا لاڳيتو مونڏانهن ڏٺو هو. پورن پنجيتاليهہ منٽن تائين مونڏانهن ڏٺو هو! مون ڪنڌ کڻي آسمان ڏانهن ڏٺو. چيم، تو وٽ دير آهي، پر انڌير نہ آهي، مولا. مون حميد ڪاشميريءَ جي دڪان تان ڪتاب چورائڻ جو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيو ڦينچيءَ وانگر هلندڙ موٽرن

ٽيڪسين ۽ موٽرسائيڪلن جي ٽرئفڪ کان بچندو، ايلٽيءَ جي ڀئي پاسي، مان ثناءُ الله جي دڪان ڀاهران وڃي بيٺس. هوءَ بي انتها سهڻي هئي. لاڳيتو مونڏانهن ڏسي رهي هئي. ملڪ ڪافور ڪانپوءِ تاريخ ۾ مان واحد ڪارو شخص هوس جنهن ڏانهن هڪ بي انتها سهڻي عورت پنجيتاليهه منٽن تائين ڏٺو هو. تڏهن مون محسوس ڪيو ته هوءَ شيشي جي شوڪيس ۾ بيٺل، سپر ميش جو ماڊل هئي. هوءَ جيئن نه هئي، خدا ٿو ڄاڻي، ڏاڍي سهڻي هئي.

رابعه جي خيالن ۾ گم ٿي ويو آهين ڇا!“ امان جي آواز تي مون کان ڇرڪ نڪري ويو.

پڇيم، ”ڪهڙي رابعه؟“

”ڪهڙي رابعه!“ امان مرڪندي چيو، ”جنهن سان اربعه ڏينهن اربن ڪوآپريٽو بئنڪ ڀاهران ملاقات ڪندو آهين!“

”ڪهڙي اربن بئنڪ!“ تعجب وچان چيم، ”اسلام آباد ۾ اربن بئنڪن بدران عربن بئنڪون آهن. پر، مان ته پُل چُڪ ۾ به ڪنهن بئنڪ جي پرسان نه لنگهندو آهيان.“

امان اچرج وچان پڇيو، ”چو!“

چيم، ”هڪ ته آهيان سنڌي ۽ مٿان وري اتفاق سان ڪري وينو آهيان. ايم- اي. بئنڪ ڀاهران لنگهندي ڏسي ورتائون ته ڏاڙيل ڪري ڀڏڻ ۾ دير نه ڪندا. ٻئي ڏينهن اخبارن وارا لکندا. اسلام آباد ۾ اربن بئنڪن بدران عربن بئنڪ جي پرسان نه لڱندو آهيان.“

امان اچرج وچان پڇيو، ”چو!“

امان اچرج وچان پڇيو، ”چو!“

چيم، ”هڪ ته آهيان سنڌي ۽ مٿان وري اتفاق سان ڪري وينو آهيان. ايم — اي. بئنڪ ڀاهران لنگهندي ڏسي ورتائون ته ڏاريل ڪري ڀڏڻ ۾ دير نه ڪندا. ٻئي ڏينهن اخبارن وارا لکندا.ا سلام آباد مين سنڌ کا مفرور ڊاکو گرفتار. وه بئنڪ لوٽني کي تياري کر رها تا. وه اقتصاديات مين ايم — اي هي.“

امان وائڙي ٿي ويئي. پڇيائين، ”چورا، چريو ٿي پيو آهين ڇا!“

ٽڏو ساهه کنيم. چيم، ”مان سچو ڪڏهن هوس امان.“
امان ڪلندي چيو، ”ڏاڍو چرچائي ٿي پيو آهين!“
”حالات ني هم ڪو چارلي ڪا باپ بنا ديا هي، ميري مدر انڊيا.“ چيم، ”تون پنهنجي آڏي پڇا جاري رک!“
”اچا“ امان چيو ”ته ڏي پڇا جاري رکان؟“
چيم، ”جيڪڏهن چاهين ته ڪنهن ڪرپيل ايس ايچ او ۽ ٻن تجربيڪار هيڊ ڪانسٽيبلن کي به گهرائي سگهين ٿي. مان انيڪ نه ڪيل ڏوهن ۾ گناهن جو اعتراف ڪري وٺندس.“
امان پيار وچان مون ڏانهن ڏسندي چيو، ”مون ٻڌو آهي ته خميس ڏينهن تون افغان مهاجرن جي خيمه بستيءَ ٻاهران هڪ افغاني ڇوڪريءَ سان ملندو آهين.“
”دوکو کاڌم هوم.“ چيم، ”پريان مون کيس آمريڪا جي وائيس پريزيڊنٽ جارج بش جي زال بار برابش سمجهي ورتو هو. سوچيم، سندس سخي مڙس ويهه ڪروڙ ڊالر امداد ۾ ڏيئي ويو آهي. چو نه مان به خالص انساني همدرديءَ جي بنيادن تي ڪجهه رقم فارين ايڪسچينج ۾ هٿ ڪريان ۽ سئزرلينڊ جي بئنڪ ۾ رکائي ڇڏيان.“
امان مرڪندي پڇيو، ”پوءِ ڪجهه رقم فارين ايڪسچينج ۾ هٿ ڪيئهِ؟“
”ڏوڙ!“ چيم، ”امداد جي آسري ۾ جڏهن کيس ويجهو وڃي ڏٺم ته هوءَ جارج بش جي زال باربرا نه هئي. اصل ۾ هوءَ مرسڊيز موٽرن ۽ ٽرڪن واري هڪ غريب افغان مهاجر دولت خان جي زال بابرا هئي. هن خالص انساني همدرديءَ جي بنيادن تي امدادي رقم مان فارين ايڪسچينج ڏيڻ کان انڪار ڪندي چيو. تون شڪل شبيهه مان افغان مهاجر نٿو لڳين. تون اڇو به نه آهين. رنگ جو ڪارو آهين. تنهن جو نڪ ڪجهه پڪوڙي جهڙو آهي. پڪ آفريڪا جو آهين. توکي خالص انساني همدرديءَ جي بنيادن تي هتان امداد نه ملندي. آفريڪا هليو وڃ. نميبيا جي شيدي مهاجرن سان ڏاڍو نهي ويندين.“
امان معنيٰ خيز مرڪ سان ڪنڌ لوڏيندي چيو، ”۽ جمعي ڏينهن جمعه بازار ۾ هنداٽي واري وٽ هڪ ٿلهي ڦڦ سان ملندو آهيان!“

”اهو سراسر الزام آهي.“ مون رڙ ڪندي چيو، ”مان وڏيڪ براشت ڪري نہ سگهندس. مان بدمعاش جميل جو مٿو ٽوڙي ڇڏيندس. هن ابراهيم گنجي سان ملي پارو جي نظرن ۾ مونکي خوار ڪرڻ لاءِ اهي الزام مڙهيا آهن. پر مان هينئر پارو کي سڀ ڪجھ ٻڌائي ڇڏيندس. سيڪجھہ، تہ خوف ۽ هراس ۾ جيئڻ وارو هڪ شخص ڪيتري قدر سچائيءَ سان محبت ڪري سگهندو آهي. مان پارو کي پنهنجي جوش ۽ چپچاپ محبت جي باري ۾ سڀ ڪجھ ٻڌائي ڇڏيندس.“

”۽ اها پارو ڪير آهي؟“ امان مرڪندي پڇيو.

”پارو!“ مون کان ڇرڪ نڪري ويو.

”ها، پارو.“ امان مرڪندي رهي. پڇيائين، ”ڪير آهي پارو؟“

مون مٿو ڪنهندي چيو، ”براڊ ڪاسٽنگ هائوس ۾ مونسان ڪم ڪندي آهي. منهنجي ڪليگ آهي.“

امان پيار مان پڇيو، ”توکي ڏاڍي وڻندي آهي؟“

مون جواب نہ ڏنو. مون دريءَ کان ٻاهر آسمان ۾ ٻرندڙ سج ڏانهن ڏٺو.

منهنجي ويجهو اچي، مون کي ٻانهن ۾ هٿ وجهندي امان پڇيو، ”تنهنجي شادي ڪرايان پارو سان؟“

”جنهن سان محبت هوندي آهي، تنهن سان شادي ٿي تہ سگهندي آهي.“ مون کي پنهنجو لهجو پڳل ٽٽل محسوس ٿيو. چيم، ”خبر اٿئي، امان، تہ سرت چندر جي ديو داس جي بہ پارو سان شادي ٿي نہ سگهي هئي. پارو جي شادي ٻئي ڪنهن شخص سان ٿي ويئي هئي.“

”پر، چريا!“ امان تعجب وچان چيو، ”تون ديوداس نہ آهين.“

”ڄاڻان ٿو، مان ديوداس نہ آهيان.“ پنهنجي وجود ۾ مون خوابن جي روپ ماڙِيءَ کي ڍهندي ڏٺو. چيم، مونکي اها بہ خبر آهي تہ منهنجي نصيب جو ڪاتب سرت چندر نہ آهي؛ پر تنهن هوندي بہ منهنجي شادي پارو سان نہ ٿي سگهندي.“

”چو نہ ٿي سگهندي؟“ امان منهنجي اندر ۾ ليئو پائيندي چيو، ”چو تنهنجي شادي پارو سان نہ ٿي سگهندي؟“

مان وڏي وجي دريءَ وٽ بيٺس. امان کي سندس سوال جو ڪوبہ جواب ڏيئي نہ سگهيس. هڪ دفعو ٻيهر آسمان جي رڻ ۾ ٻرندڙ سج ڏانهن ڏٺم. ان وقت مونکي ثناءُ الله جي دڪان ٻاهران شيشي جي شوڪيس ۾ بيٺل پيپرميش جي ماڊل ڏاڍو ياد آئي. هن اک ڇنيڻ بنا لاڳيتو مون ڏانهن ڏٺو هو. هن هميشهہ لاءِ مون ڏانهن ڏٺو هو . هوءَ چانهہ جو ڪوپ ڪٽي براڊ ڪاسٽنگ هائوس جي لان ۾ ڪنهن اجنبيءَ سان ويهي ڳالهيون نہ ڪندي آهي. هوءَ ڪنهن غير ڏانهن ايڏي پاٻوهہ مان نہ ڏسندي آهي. هوءَ شيشي جي شوڪيس ۾ بيهي، ماڻهن جي جهنگ ۾ فقط پنهنجي ديوداس ڏانهن ڏسندي رهندي آهي!

ان ڏينهن مان اسلام آباد جي سيڪٽرن ۾ ماڻهن ۾ محبتن کي جدا ڪندڙ رستنتي دور تائين هلندو رهيس. هڪ لاحاصل محبت جي چيڪي کي دل ۾ محسوس ڪندو رهيس. هڪ گم ٿيل گيت کي ڳوليندو رهيس.

# چتي ڪتي جو موت

(شهمير ڪي چتو ڪتو مارڻو آهي. چتي ڪتي ڪي ملان حجري ۾ پناهه ڏني آهي. شهمير جي هٿ ۾ بندوق آهي. چتي ڪتي ۽ بندوق جي وچ ۾ ملان اچي بيٺو آهي. شهمير ڪي فيصلو ڪرڻو آهي ته چتي ڪتي ڪي مارڻ کان اڳ ملان ڪي ماري يا ملان ڪي جيئرو رکڻ لاءِ چتي ڪتي ڪي جيئدان ڏيئي! شهمير جيستائين ڪنهن فيصلي تي پهچي، مان توهانکي اڄ شام جي واقعن جا تفصيل ٻڌائي ڇڏيان.)

سانجهيءَ ڌاري شهر تي عجيب قسم جو ڪوهيڙو لهي آيو. خاموشي ڇانئجي ويئي. پوءِ اوچتو، اول اٽڪندا ۽ پوءِ ڇتا آواز، رڙيون، ڪيڪون ۽ گوڙ گهمسان ٻڌڻ ۾ آيو. مان پنهنجي فليٽ جي بالڪونيءَ ۾ وڃي بيٺس. ٻاهر نهاريم. ڌنڌ سبب ڪجهه ڏسڻ ۾ نه آيو.

پنيان در کڙڪڻ جو آواز آيو. مون بالڪونيءَ مان موٽي وڃي ٻاهريون در کوليو. ماستر دائم جو ستن سالن جو پٽ قائم بيٺو هو. سهڪي رهيو هو. منهن مان وحشت ظاهر ٿي رهي هئس. وچڙندڙ آواز ۾ چيائين، ”ادا، ڪارو ڪتو چتو ٿي پيو آهي.“

”ڪارو ڪتو چو ٿي پيو آهي!“

”ها ادا.“

”ڪڏهن کان؟“

”شام کان.“

ان وقت مونکي يوسف جي ڳالهه ياد آئي. هن ڪجهه ڏينهن اڳ چيو هو ته ڪارو ڪتو چتي ٿيڻ جا آثار پيو ڏيکاري. مون يوسف جي ڳالهه تي اعتبار نه ڪيو هو.

قائم چيو، ”ادا، ڪاري ڪتي دينو پخاليءَ جي پٽ کي ٻنڊڻ ۾ چڪ هنيو آهي.“

”ليمي کي؟“

”ها، ليمي کي.“ قائم چيو، ۽ شام جو ابراهيم مستريءَ کي چڪ پاتو هئائين.“

ان وقت يوسف ڊوڙندو آيو. يونيورسٽيءَ کان موٽيو هو. يوسف، شهمير، اقبال ۽ مان هڪ فليٽ ۾ رهندا آهيون ۽ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندا آهيون.
ڪتاب ميز تي رکي، يوسف منهنجي سامهون اچي ويٺو چيائين، ”تو منهنجي ڳالهه تي اعتبار نہ ڪيو هو. ڪارو ڪتو ڇتو ٿي پيو آهي.“
”مون ٻڌو آهي.
مون ڏٺو آهي.“
اسين بالڪونيءَ ۾ وڃي ويٺاسين. ڌنڌ سبب ڪجھ نظر نہ پئي آيو. بجليءَ جا بلب ڏيئن جيان پئي ٽمڪيا. ماحول مبهم هو. فقط رڙيون، ڪيڪون ۽ ماڻهن جي ڀڄڻ ڊڪڻ جا آواز ڇٽا ٻڌڻ ۾ پئي آيا.
قائم ڪنبندڙ آواز ۾ چيو، ”ادا، مونکي گهر ڇڏي اچ. مونکي ڀؤ ٿو ٿئي.“
مون ستن سالن جي قائم ڏانهن حيرت مان ڏٺو. هو پوئين گهٽيءَ ۾ رهندو آهي. هن ڪاري ڪتي جي ڏاڍي خدمت ڪئي هئي. صبح جو اسڪول وڃڻ کان اڳ ڪاري ڪتي کي مارڪيٽ مان ڇيچڙا آڻي کارائيندو هو. قائم جي سموري سنگت جا ٻار اسڪول کان ايندي ويندي ڪاري کي پيار ڪندا هئا. ڪارو پڇ لوڏيندو هو. ٻار خوش ٿيندا هئا.
مون قائم کان پڇيو، ”سچ پچ ڪاري کان ڊڄين ٿو؟“
”ها ادا.“
”ڪاري سان تہ تنهنجي ياري هئي!“
”هئي ادا. پر هينئر ڪارو ڇتو ٿي پيو آهي. ڪائڻ ٿو اچي.“ قائم ايلاز ڪندي چيو، ”مونکي گهر ڇڏي اچ، ادا.“
”هن وقت تنهنجو هيٺ لهڻ چڱو ناهي قائم.“ يوسف چيو، ”ڇتو ڪتو احسان فراموش هوندو آهي. پنهنجي محسن کي تہ سڀ کان اول ڪائيندو آهي. تنهن ڪري تنهنجو هيٺ لهڻ ٺيڪ ناهي، قائم.“
مون يوسف کي چيو، ”اسانکي ڪاري جي باري ۾ جلد ڪو فيصلو ڪرڻ گهرجي.“

ڪجھ دير سوچڻ کانپوءِ يوسف چيو، ”مان پاڙي جا چار چڱا مڙس وٺي ٿو اچان.“
”پاڙي وارن جو ڇا وجي!“
”سموري پاڙي وارن ڪارن ڪي پاليو آهي. تنهنڪري جيڪو به فيصلو ڪبو، سو پاڙي وارن جي رايي مطابق هوندو.“ يوسف جواب ڏيئي پاڙي جي چڱن مڙسن کي سڏڻ لاءِ هليو ويو.
قائم کي اتنڻ تي پيئي. چيائين، ”توهين ڪاري ڪتي کي ڇا ڪندا، ادا؟“
وراڻيم، ”شايد منسپالٽيءَ جي حوالي ڪيونس.“
”توهين ڪاري کي ميونسپالٽيءَ جي حوالي ڪندا!“
”گھڻو ڪري.“
قائم جي منهن مان پريشاني ظاهر ٿيڻ لڳي. چيائين، ”ڪاري کي ميونسپالٽيءَ جي حوالي نہ ڪجو. هو ڪتن کي ماري ڇڏيندا آهن.“
”دنيا جي سمورن ملڪن ۾ ڇتن ڪتن کي ماري ڇڏيندا آهن.“ چيم، ”مان سمجهان ٿو، چڱا مڙس ڪاري کي مارائڻ لاءِ منسپالٽيءَ جي حوالي ڪرڻ جي رٿ ڏيندا.“
قائم جو منهن لهي ويو.
يوسف موٽي آيو. پاڻ سان پاڙي جا چار- پنج چڱا مڙس وٺي آيو. انهن ۾ ماستر دائم بہ هو. پنهنجي پٽ قائم کي ڏسي دائم خوش ٿيو. ڪٽي ڳراٽڙيءَ ۾ قابو ڪيائينس.
قائم پيءُ کي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهندي چيو، ”بابا، ڪاري کي منسپالٽيءَ جي حوالي نہ ڪجو. منسپالٽيءَ وارا ڇتن ڪتن کي ماري ڇڏيندا آهن.“
مون قائم کي پيار ڪندي چيو، ”مان بہ جڏهن تو جيترو پتڪڙو هوس، تڏهن ڇتن ڪتن تي ڪهل ڪندو هوس، پر پوءِ، جڏهن جوان ٿي تاريخ جو مطالعو ڪيم، تڏهن محسوس ڪيم تہ ڇتي ڪتي کي مارڻ لازمي هوندو آهي. ڇتي ڪتي کي نہ مارڻ قومن لاءِ تاريخي سانحو ٿي پوندو آهي. تنهنڪري مان ۽ يوسف ڪاري ڪتي کي مارڻ يا مارائڻ جي حق ۾ آهيون.“

منهنجي ڳالهه جو قائم تي ذرڙو ڪن اثر ٿيو. هن پيءُ جي ڳچيءَ مان ٻانهون ڪڍي ڇڏيون.

يوسف سيني کي مخاطب ٿيندي چيو، ”توهان سيني کي خبر هوندي، ته ڪارو ڪتو ڇتو ٿي پيو آهي. هن شام ڪان، ٽن- چئن ٻارڙن، ڪريم، خانوند، ابراهيم مستري ۽ ڏٽي بخش کي چڪ هنيا آهن.“

آواز آيو، ”اسانکي ان ڳالهه جو افسوس آهي.“

سيني جو ڌيان ڳالهائيندڙ ڏانهن ڇڪجي ويو. هو ڀاڙي جو سماجي ڪارڪن عبدالله هو. ماڻهو مُنجهائڻ سندس ڌنڌو آهي. يوسف، شهمير ، اقبال ۽ منهنجي باري ۾ بدظن آهي.

يوسف گهور وجهي عبدالله ڏانهن نهاريو. چيائين، ”اسين پنهنجي ساءِ ڪاري ڪتي کي ماري ڇڏيون ها، پر توهان وڏڙن کي آگاهه ڪرڻ ۽ صلاح مشورو ڪرڻ ضروري سمجهيوسين، تنهنڪري توهانکي تڪليف ڏيئي هتي وٺي آيا آهيون. مان هڪ ڳالهه بلڪل واضح ڪرڻ چاهيان ٿو، ته اسين ڪاري ڪتي کي مارڻ لاءِ مشورو ڪرڻ لاءِ هتي گڏ ٿيا آهيون. افسوس ظاهر ڪرڻ لاءِ نه.“

سماجي ڪارڪن عبدالله چيو، ”مون ڪتي جي ڪاڌلن کي ترت سول اسپتال پهچائڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. تازن ڪاڌلن کي به بنادير جي اسپتال پهچايو ويندو. توهين فڪر نه ڪريو.“

يوسف باهه ٿي ويو. تمام کهري لهجي ۾ چيائين، ”اسانکي اهو فيصلو ڪرڻو آهي، ته ڪاري کي ڇا ڪيو وڃي.“

”ڪاري جي باري ۾ ڪو به جذباتي فيصلو نه ڪيو وڃي.“ رٽائرڊ پوڙهي مختيار ڪار چيو، ”جذباتي فيصلا هميشه نقصانڪار هوندا آهن.“

”توهين مختيار ڪار رهي چڪا آهيون، تنهنڪري مختيار- ڪاري نوع ۾ پيا ڳالهايو.“ اقبال جو آواز آيو. هو در وٽ بيٺو هو. هٺ ۾ هاڪي هئس. چيائين، ”ڪاري جي باري ۾ جيڪو به فيصلو ڪيو وڃي، سو جلد ڪيو وڃي.“

چگّن مڙسن ۾ هڪ هيڊ ڪلارڪ به هو. هو سنهڙو، ڏگهو ۽ پرسا جي مناري وانگر هڪ طرف جهڪيل هو. هن چيو، ”ڪاري جي باري ۾ ڪو به فيصلو ڪرڻ کان اڳ، اسانکي ڪاري جو ڪانفيڊينشل فائيل ڏسڻو پوندو.“
مون گُهنڊ وجهي يوسف ڏانهن ڏٺو.
عبدالله چيو، ”سماج سڌارڪ جي حيثيت مان اها صلاح ڏيان ٿو، ته اسين هڪ وفد وٺي ڪاري کي سمجهائڻ لاءِ هلون.“
”بڪواس.“
آواز تي سيني ڪنڌ ڦيرائي پوئتي نهاريو. اقبال جي پرسان شهمير بيٺو هو- قداور، جاننو ۽ گنڀير. هنجي هٿ ۾ رائيفل هئي.
شهمير چيو، ”اسين ڪاري ڪتي کي ماري ڇڏينداسين.“
”اهو جذباتي فيصلو آهي.“ پوڙهي رٽائرڊ مختيار ڪار چيو، ”اهو فيصلو نيڪ ناهي.“
”توهانجورايو به توهان وانگر رٽائرڊ ٿيل آهي. مختيار ڪار صاحب.“ اقبال چيو، ”اسانجو وقت خراب نه ڪريو.“
سماج سڌارڪ عبدالله چيو، ”منهنجو خيال آهي، اسين ڪاري جي ننڍڙين ننڍڙين غلطين کي نظر انداز ڪري ڇڏيون.“
”نظر انداز ڪري ڇڏيون!“ يوسف چيو، ”عبدالله صاحب، ڪارو ڪتو چتو ٿي پيو آهي.“
ٿوري دير تائين ڪنهن نه ڳالهايو. ڪمري ۾ ماٺ جو مانداڻ رهيو.
ڪجهه دير ڪانپوءِ ماستر دائم پنهنجي پٽ قائم ڏانهن ڏسندي چيو، ”منهنجي صلاح آهي، ته اسين ڪاري کي منسپالٽيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيون.“
ننڍڙو قائم پنهنجي پيءُ دائم جي ڳالهه ٻڌي روئڻ لڳو. يوسف ڪيس پرچائڻس لڳو. چيائين، ”ڳالهه ٻڌ قائم. ڪارو ڪتو چتو ٿي پيو آهي. هن تنهنجي اسڪولي سنگت جي چئن چوڪرن کي چڪ هنيو آهي. ڪين چوڏهن- چوڏهن اينٽي ريبيز سيون لڳنديون. انهن سُين ۾ ڏاڍو عذاب هوندو آهي.“

”۽ قائم.“ اقبال چيو، ”تي سگهي ٿو، سيون اثر نہ ڪن ۽ تنهنجو ڪو سنگتي چتو ٿي، دردناڪ موت مري وڃي.“
قائم پنهنجو منهن، پنهنجي پيءُ دائم جي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو. ماستر دائم اسان ڏانهن ڏسندي پڇيو، ”توهان شاگرد لڏي، جو ڪهڙو خيال آهي؟“
شهمير هڪدم وراڻيو، ”اسين ڪاري کي اُڦٽ ماريندا‌سين.“
رٽائرڊ مختيار ڪار، سماجي ڪارڪن ۽ سنهڙي هيڊڪلارڪ چيو، ”تڪڙ نہ ڪريو. توهين نوجوان آهيون. توهانجو رت گرم آهي. ماستر دائم جي صلاح مناسب آهي. ڪاري کي منسپالٽيءَ جي حوالي ڪرڻ گهرجي.“
يوسف، اقبال، شهمير ۽ مون هڪٻئي ڏانهن ڏٺو.
مختيار ڪار کي گوڏن ۾ وائي سور هو. هو گوڏن تي هٿ رکي اُٿيو، ”مان پنهنجي گهران فون ڪري منسپالٽيءَ وارن کي گهرائي ٿو وٺان. ٻاڦهيئي اچي ڪيس سوگهو ڪندا.“
رٽائرڊ مختيار ڪار هليو ويو. هو جيستائين نہ موٽيو، تيستائين ڪنهن ڪجهہ نہ ڳالهايو. ڪمري ۾ خاموشي رهي. ٻاهران رڙين، گوڙ گهمسان ۽ ماڻهن جي ڊوڙڻ ڊڪڻ جا آواز ايندا رهيا.
ٿوري دير ڪانپوءِ رٽائرڊ مختيار ڪار موٽي آيو. چيائين، ”ميونسپالٽيءَ وارن چيو تہ اسين سچ لهڻ ڪانپوءِ ڪتا نہ جهليندا آهيون.“
”پوءِ؟“
هن چيو، ”صبح تائين اسانکي ڪاري جي حفاظت ڪرڻ گهرجي. صبح جو منسپالٽيءَ وارا ڪيس پاڦهيئي پڪڙي ويندا.“
”حفاظت! چتي ڪتي جي حفاظت!“ شهمير چيو، ”هوش ۾ تہ آهيو؟“
اقبال چيو، ”اسين ڪاري کي ماريندا‌سين.“
”هينئر، اصل هن وقت،“يوسف چيو.
پاڙي جي پوڙهن، اسانجي بزرگن ۽ چڱن مڙسن جو وات ڦاٽي ويو. هو حيرت ۽ اچرج مان اسان ڏانهن ڏسڻ لڳا. سماجي ڪارڪن چيو، ”توهين ظالم آهيو“
”اسين ظالم آهيون!“

”ها.“ هن وراڻيو، ”اسان سالن جا سال سندس سار لڌي آهي. افسوس، جو اڄ توهين نوجوان، ويچاري ڪاري ڪي اُڇٽ مارڻ جون وايون پيا ڪيو. افسوس افسوس!“

”ڪارو چتو ٿي پيو آهي.“ مون چيو، ”اسين ڪيس ضرور ماريناسين.“

”اهو وحشي فيصلو آهي.“

”وحشي فيصلو!“ يوسف ذري گهٽ رڙ ڪئي. چيائين، ”ڪاري توهان ڪي، توهانجي ٻارڙن ڪي، توهانجي عورتن ڪي کاڌو آهي، پر تڏهن بہ توهين مٿس مهربان آهيون!“

”اسين ڪيس ضرور ماريناسين،“ شهمير چيو.

اقبال چيو، ”دنيا جي سمورن ملڪن ۾ چتن ڪتن کي ماريو ويندو آهي.“

شهمير، اقبال، يوسف ۽ مونکي چيو، ”هلو. دير نہ ڪريو. رات جو پهريون پهر شروع ٿيو آهي. پهرين پهر ۾ اسانکي ڪارو ڪتو مارڻو آهي.“

مون کهاڙي کڻي ورتي.

اسين چارئي دوست ڪاري ڪتي کي مارڻ لاءِ بلڊنگ مان نڪري سڙڪ تي اچي بيٺاسين.

چوواٽي تي بيهي يوسف وڏي واڪ چيو، ”ٻاڙي وارؤ، ٽانئيڪا ٿيو. لڙ بڪيڙي ۾ ڪاري جي ورنہ چڙهو. پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن وڃو.“

ڪوهيڙي جي پڙدن مان ڏوڪي ايندڙ رڙيون، واڪا ۽ پڇڻ ڊڪڻ جا آواز ڊِرا ٽيڻ لڳا. ٿوري دير ڪانپوءِ سموري ٻاڙي ۾ ماٺ ڇائنجي ويئي.

ڪوهيڙي ۽ اونده سبب ڪاري جو پتو نہ پئي پيو. اسين خبرداريءَ سان وڌڻ لڳاسين.

اقبال چيو، ”اونده ۽ ڪوهيڙي ۾ ڪجهہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. خيال ڪجو. متان ڪارو اوچتو ئي اوچتو حملو ڪري ويهي.“

تڏهن اوچتو اونده مان بل ڪائي ڪارو ڪتو منهنجي مٿان اچي پيو. سٽي تي پليل هو. جهڙو سوئر، مان ڦهڪو ڪري، ڪري پيس. ان ڪان اڳ جو ڪارو پنهنجا ڏند منهنجي ماس ۾ وجهي، اقبال هاڪي وهائي ڪڍيس. هاڪي کائي

ڪاري هڪدم اقبال تي اُلر ڪئي. پر اقبال تيار بيٺو هو. موٽ ۾ ڪيپراڻيءَ واري هاڪي وهائي ڪڍيائينس. ڇتا ڪتا ڀونڪندا ناهن. ڪارو هاڪي کائي ملان جي حجري ڏانهن ويندڙ سڙڪ طرف رخ ڪيو. شهميربہ گوليون هڪ ٻئي جي ڪڍ هلايون. پر ٻئي گوليون گُسي ويس. اهو سمورو ڊرامو هڪ منٽ ۾ ٿيو.

مان ڪهاڙي ڪڍي اٿي بيٺس. ڏند ڪرٽيندي چيم، ”ڪاري کي نہ ڇڏيو.“

ان وقت ڪنهن عورت جي رڙين جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا- ”بچايو- بچايو.“

آواز ان طرف پئي آيو، جيڏانهن ڪارو ڪتو ڀڳو هو. اسين ڪوهيڙي ۾ اونده ۾ ڊوڙڻ لڳاسين. حجري ڪان اورتي ڏٺوسين تہ هڪ عورت هيٺ ڪري پيئي هئي ۽ ڪاري پنهنجا ڏند سندس ڪلهي ۾ قابو ڪري ڇڏيا هئا. هوءَ رڙي رهي هئي. ڦٿڪي رهي هئي.

مون ڪهاڙي اُڀي ڪئي. شهمير بندوق سڌي ڪئي. پر يوسف اسانکي روڪيو، چيائين، ”متان گُسي وڃو ۽ مائي ماري وجهو.“

يوسف وٽ لوڙهہ هئي جنهن جي هيٺائين حصي تي لوهہ ويڙهيل هو. يوسف لوڙهہ ورائي ڦيرائي ڪاري جي پنيءَ تي ڦهڪائي ڪڍي.

ڪاري جا ڏند مائي جي ڪلهي مان ڇڏائجي ويا. مائي ٽپ ڏيئي اُٿي ڪڙي ٿي. ان وقت ڪاري ٻيهر ڦيرو ڪاڏو ۽ پنهنجا ڏند مائيءَ جي پنهيءَ ۾ پختا ڪري ڇڏيا. مائي چوتاڪ ٿي ڪري پيئي. اقبال ڪاري کي ڪنڌ واري هاڪي وهائي ڪڍي. ڪاري اُجل ڪاڌي. اجل ڪائي مائيءَ جي ٻانهن ۾ وجي چڪ هنيائين. اوچتو شهمير بندوق ابتي ڪري، زوم مان ڪنداق نڪ ۾ ڪيپراٽيءَ جي وچ تي وهائي ڪڍيس. ڪاري جا ڏند مائيءَ جي ٻانهن مان نڪري آيا. ڪنداق جو ٻيو ڌڪ کائي ڪارو وٺي ڀڳو.

اقبال ۽ يوسف مائيءَ کي اسپتال تائين پهچائڻ ۾ لڳي ويا. شهمير ۽ مان ڪاري ڪتي جي ڪڍ لڳاسين. ڪوهيڙو ڇدو ٿي ويو هو. ٽيوب لائيٽ جي روشنين ۾ ڪاري ڪتي کي ڊوڙندي ڏٺوسين.

ڪارو ڊوڙندو، گُھ وهائيندو، سڌو ملان جي حجري ۾ هليو ويو. اسين سندس ڪڍ. پر ان کان اڳ جو اسين ڊوڙندا حجري ۾ هليا وڃون. ٿُلهو، متارو ملان، حجري جي در ۾ پيٺ ڪيو بيهي رهيو.

ملان نپ اٽپڙهيل آهي. قرآن ۽ حديث کان اڻواقف، پاڻ کي ڪڏهن مولانا ۽ ڪڏهن علامه سڏائيندو آهي. تعويذ ڳنڍا ڪرڻ سندس ڌنڌو ۽ پيشو آهي.

ملان کي حجري جي در وٽ ڏسي شهمير رڙ ڪنديي چيو، ”هٽي وڃ، ملان .تنهنجي حجري ۾ هڪ چِتو ڪتو ڪاهي آيو آهي.“

”ڪاري منهنجي حجري ۾ پناهه ورتي آهي.“ ملان چيو، ”سندس حفاظت ڪرڻ منهنجو فرض آهي.“

”چِتي ڪتي جي حفاظت تنهنجو فرض آهي!“

”ها. خاص ڪري جڏهن هن منهنجي حجري ۾ پناهه ورتي آهي.“

”ڪارو ڪتو چِتو ٿي پيو آهي. هن پاڙي سان ويل وهائي ڇڏيا آهن.“

”ڪارو ڪتو چِتو ناهي. چِتو هجي ها ته مون کي چڪ نه وجهي ها؟“

”اِها ڳالهه سوچڻ جوڳي آهي.“ مان سچ پچ سوچ ۾ پئجي ويس. ملان جي ڳالهه ٻڌي مون کي تعجب ٿيو. واقعي! چِتي ڪتي ملان کي چڪ نه ڪاڏو هو! ڪهڙو تعلق آهي ٻنهي جو پاڻ ۾!

”تون ڪهڙي ٻڌتر ۾ پئجي ويو آهين!“ شهمير چيو، ”اسين ڪاري کي جيئرو نه ڇڏينداسين.“

مون ڇرڪي شهمير ڏانهن ڏٺو.

شهمير بندوق سڌي ڪندي چيو، ”هٽي وڃ ملان. مان ڪاري جا ڦڦڙ ڪيندس.“

ملان حجري جي در وٽان پري نه ٿيو.

ان وچ ۾ ڪارو ڪتو حجري اندران ظاهر ٿيو ۽ اسان تي حملو ڪرڻ بدران ملان جي پُٺ وٽي بيهو ۽ اسان ڏانهن ڏسڻ لڳو.

شهمير ڪروڌ ۽ ڪراهت وچان بندوق سڌي ڪندي وڏي واڪ چيو، ”پري ٿيءُ. هٽي وڃ. وچ ۾ نه اچ. اجايو مارجي ويندين، ملان. اسان جو جهيڙو توسان نه، چِتي ڪتي سان آهي.“

ملان اهڙو ڇُري جهڙي پت! پر، دهشت وچان ويو هيڊ ٽيندو. اکر لُڪيءَ ۾ اٽڪي پيس.
ملان جي ماٺ ۾ شهمير ڪامڻ لڳو. ڏند ڪرٽيندي ۽ بندوق جي گهوڙي تي آڱر رکندي شهمير چيو، ”چتي ڪتي کي پناهه ڏني اٿئي! اڙي، شرم نه ٿو اچيئي ملان!“
تڏهن، اُتي جو اُتي، سمورو ماحول زمان ۽ مڪان جي پابندين کان آزاد ٿي ويو. تاريخ جا ورق ورڻ لڳا. مون محسوس ڪيو، صدين کان جابر ۽ ظالم، رياڪار ۽ وحشيءَ احتساب کان بچڻ لاءِ هر دور ۾ ڪنهن ملان جي اوٽ ۾ وجي پناهه ورتي آهي ۽ هر دور ۾ هڪ شهمير بيوس ٿي ڏانهس ڏسندو رهيو آهي.
اک ڇنپ ۾ وري سمورو ماحول زمان ۽ مڪان جي پابندين ۾ جڪڙجي ويو. مون شهمير ڏانهن ڏٺو.

[ شهمير کي چتو ڪتو مارڻو آهي. چتي ڪتي کي ملان حجري ۾ پناهه ڏني آهي. شهمير جي هٿ ۾ بندوق آهي. چتي ڪتي ۽ بندوق جي وچ ۾ ملان اچي بيٺو آهي. شهمير کي فيصلو ڪرڻو آهي ته چتي ڪتي کي مارڻ کان اڳ ملان کي ماري، يا ملان کي جيئرو رکڻ لاءِ چتي ڪتي کي جيئدان ڏيئي! ]

# ڪپيل ٻانهن جو وارث

سول اسپتال جي مڙدي، خاني ٻاهران عورتن، مردن ۽ ٻارن جو انبوهه هو. انبوهه مان روڄ راڙي ۽ اوڇنگارن جا آواز پئي آيا.

ماڻهن جي انبوهه پنيان ميدان ۾ پوليس جون ٻه لاريون، هڪ ٽرڪ، هڪ پڪ اپ، ٻه جيپون ۽ ايس پيءَ جي نيري رنگ جي فوڪس ويگن ڪار بيٺي هئي. ڪجهه پر پرو پپل جي وڻ هيٺان ميجسٽريٽ صاحب جي اڇي رنگ واري مزدا ڪار بيٺي هئي.

مڙدي خاني جي پوائنٽي ورانڊي ۾ نوجوان ميجسٽريٽ ۽ وچولي عمر وارو ايس- پي بيٺا هئا. ايس- پيءَ جو پيٽ گولائيءَ ۾ ڪجهه سرس هو، جنهن مان سندس مالي خوشحالي ظاهر پئي ٿي. ميجسٽريٽ اجا نئون نوڪري ۾ گهڙيو هو، تنهنڪري پوريءَ ريت خوشحال ٿي نه سگهيو هو. هو ٻئي ڄڻا نڪ تي رومال ڏيئي مڙديخاني جي ورانڊي ۾ بيٺا هئا.

مڙدي خاني ۾ تازن فسادن ۾ مئل ماڻهن جا لاش پيا هئا، لاشن تي قانوني ڪارروائي ٿي چڪي هئي. لاشَ هڪ هڪ ڪري ميجسٽريٽ جي موجودگيءَ ۾ وارثن کي حوالي ڪيا پي ويا. سول اسپتال جي تاريخ ۾ اڳ ائين ڪڏهن به نه ٿيو هو، جو ميجسٽريٽ ۽ ايس- پيءَ جي موجودگيءَ ۾ پوسٽ مارٽم ڪيل لاش وارثن کي حوالي ڪيا ويا هجن. اُهو موقعو عجيب هو. ڪنهن به طرح عام رواجي نه هو. لاتعداد اخباري نمائندا، سماجي ڪارڪن، فوٽو گرافر اُتي موجود هئا.

مڙدي خاني جي غليظ، اونداهي ۽ هيبتناڪ ڪمري ۾ ڪجهه لاش پيا هئا. لاشن وٽ اسپتال جو ايڊمنسٽريٽر، ٻه ڊاڪٽر، ڇهه – ست وارڊ بواءِ، ڪجهه سپاهي ۽ هڪ صوبيدار بيٺا هئا. ڊپ کان بچڻ لاءِ هن نڪ بند ڪري ڇڏيا هئا.

صوبيدار هڪ هڪ ڪري لاش ٻاهر ڪڍائي پئي آيو. ٻاهر ورانڊي ۾ بيٺل مئجسٽريٽ ۽ ايس – پي آڏو لاش ترسائي، لاش سان گڏ ٻنهي صاحبن جو فوٽو ڪڍائي، لاش انبوهه ڏانهن ڪڍائي پئي ويو. فوٽو ڪڍائڻ مهل مئجسٽريٽ ۽ ايس – پي نڪ تان رومال هٽائي پي ڇڏيو.

نوجوان مئجسٽريٽ کان وڌيڪ ايس پي تجربيڪار هو. هن نوجوان مئجسٽريٽ کي سمجهائي ڇڏيو هو، تہ اهي فوٽا اخبارن ۾ ڇپبا. حاڪمن تائين وڃي پڄندا ، تنهن ڪري اسان جي منهن مان بيزاري ظاهر ٿيڻ نہ گهرجي.

صوبيدار مڙدي خاني مان هڪ هڪ ڪري لاش ڪڍائي پئي آيو ۽ وراندي ۾ مئجسٽريٽ ۽ ايس پيءَ کي ٿي ڏيکاريو، جن نڪ تان رومال هٽائي، ڪجهہ هيٺ جهڪي، منهن تي ڪجهہ غم ۽ رنج جا تاثر آڻي، ڪمال اداڪاريءَ سان فوٽو ڪڍائي پئي ورتو. ان ڪارروائيءَ ڪانپوءِ صوبيدار لاش وارثن جي حوالي ڪندو ٿي ويو.

ڪجهہ دير ڪانپوءِ مڙدي خاني مان اسپتال جو ايڊمنسٽريٽر ٻاهر آيو. هو توائي پئي ڏنو. جنهن ڪم تي ڪيس بيهاريو ويو هو، سو پنهنجي مرتبي کان هيٺ پئي ڀانيائين. هو مئجسٽريٽ ۽ ايس پي وٽ اچي بيٺو. رومال سان منهن اُگهندي چيائين، "سمورا لاش وارثن جي حوالي ڪيا ويا آهن. مان وڃان ٿو."

مئجسٽريٽ پڇيو، "ڪل گهڻا لاش هئا؟"

ايڊمنسٽريٽر وراڻيو، "چوڏهن"

"پڪ؟" مئجسٽريٽ پڇيو.

"ها سائين، پڪ،" ايڊمنسٽريٽر بيزار ٿيندي وراڻيو.

مئجسٽريٽ هڪ تہ جوان هو، مٿان بي انداز اختيار مليل هئس. ڏاڍي رعبائتي نموني ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندي ايڊمنسٽريٽر کان پڇيائين، "مڙدي خاني کي گهڻا در ۽ گهڻيون دريون آهن؟"

ايس پي حيرت مان نوجوان مئجسٽريٽ ڏانهن ڏٺو.

ايڊمنسٽريٽر وراڻيو، "مڙدي خانيءَ کي ٻہ دريون ۽ چار روشندان آهن ۽ هڪ در آهي."

"درين کي لوهي شيخون لڳل آهن؟"

"ها."

"۽ در؟"

"در کي تالو لڳل هوندو آهي."

”پلا روشندان فرش کان ڪيترو مٿي آهن؟“
”اٽڪل ٻارهن فوٽ کن مٿي آهن.“
”روشندانن کي لوهي شيخون آهن؟“
”نہ.“
”هون!“ مئجسٽريٽ وڏي سوچ ۾ پئجي ويو. اهڙو گنڀير ٿي ويو، ڄڻ خون جي ڪيس ۾ مغز ماري رهيو هو.
ايڊمنسٽريٽر ڪجهہ خارباز طبيعت جو هو. هن چيو، ”سائين، يقين ڪريو، ڪوبہ لاش مڙدي خاني مان ڀڄي نہ ويو آهي. درين کي لوهي شيخون لڳل آهن. جيڪڏهن ڪوبہ لاش روشندان مان ڀڄي نڪرڻ جي ڪوشش ڪري ها تہ ضرور ٽنگ ڀڃيس ها.“
نوجوان مئجسٽريٽ کي لونڊڙين تي پگهر اچي ويو. ٽڏي تي ايڊمنسٽريٽر جا لاهہ ڪڍي ڇڏي ها، پر ايس پي جي منهن تي مرڪ ڏسي سور پي ويو.
ايڊمنسٽريٽر هليو ويو. اخباري نمائندا ۽ فوٽو گرافر بہ روانا ٿي ويا. انبوهہ ڇڙوڇڙ ٿيڻ لڳو. تڏهن اوچتو مڙدي خاني مان آواز آيو، ”ترسو.“
انبوهہ پنڊ پهڻ ٿي ويو. مئجسٽريٽ ۽ ايس پي منهن ورائي مڙدي خاني ڏانهن ڏسڻ لڳا. مڙدي خاني جي در ۾ صوبيدار بيٺو هو. سو ڏسي ٻنهي جي لوڻءَ لوڻءَ ڪاندارجي ويئي.
صوبيدار اڳتي وڌي آيو. سندس هٿ ۾ ڪُلهي وٽان ڪپيل هڪ ٻانهن هئي. هو ايس پي ۽ مئجسٽريٽ آڏو اچي بيٺو. هن عجيب بي ڍنگي لهجي ۾ چيو، ”هيءَ ٻانهن مڙدي خاني جي ڪنڊ ۾ پئي هئي.“
ايس پي ۽ مئجسٽريٽ حيرت وچان ڪپيل ٻانهن ڏانهن ڏسڻ لڳا، جيڪا رت ۾ مٿيءَ سان ٿڦيل هئي. ايس پي پاڻ سنڀالي ورتو. صوبيدار کي ڪڙڪيدار آواز ۾ چيائين، ”ان ٻانهن کي مڙديخاني ۾ اُڇلائي اچ.“
صوبيدار مڙدي خاني ڏانهن وڃڻ لڳو.
”ترس“ مئجسٽريٽ کيس روڪيو. چيائين، ”انصاف جي تقاضا موجب هيءَ ڪپيل ٻانهن وارثن جي حوالي ڪئي ويندي.“

ايس پي ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر نوجوان مئجسٽريٽ نه مڙيو. هن عدل جهانگير جو رڪارڊ ٽوڙڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. چيائين، ”هيءَ ٻانهن وارثن کي ڏني ويندي.“

ايس پي جڪ کاڌا.

مئجسٽريٽ ٻنهي ڊاڪٽرن کي گهرايو، جيڪي مڙدي خاني مان نڪرڻ ڪانپوءِ تازي هوا کائي رهيا هئا. کانئن پڇيائين، ”ڪو اهڙو لاش به وارثن کي ڏنو ويو آهي ڇا، جنهن کي هڪ ٻانهن نه هئي؟“

ٻنهي ڊاڪٽرن ڪاغذن جي جاچ ڪرڻ ڪانپوءِ انڪار ڪري ڇڏيو ته ڪوبه ٻانهن ڪپيل لاش مائٽن کي نه ڏنو ويو آهي.

مئجسٽريٽ پاڻ کي اڪابر ثابت ڪرڻ لاءِ چيو، ”ته پوءِ هن ٻانهن جو لاش ڪٿي آهي!“

”ايس پيءَ ڪنگهي پنهنجي ڪل هضم ڪري ويو. هن مرڪندي چيو، ”ممڪن آهي، جنهن شخص جي هيءَ ٻانهن آهي، سو اڃا جيئرو هجي.“

مئجسٽريٽ کي اها ڳالهه پسند نه آئي. چيائين، ”اهو ممڪن آهي.“

هڪ ڊاڪٽر چيو، ”جنرل وارڊ ۾ پنجن ڏينهن کان هڪ زخمي داخل آهي، جنهن کي ڪُلهي وٽان هڪ ٻانهن ناهي.“

”ته پوءِ هيءَ ٻانهن پڪ ان زخمي جي آهي.“ مئجسٽريٽ ڊاڪٽر کي چيو، ”مونکي ان مريض ڏانهن وٺي هل. مان هيءَ ٻانهن ڪيس حوالي ڪندس.“

ايس پيءَ ۽ انبوهه کي ترسڻ لاءِ چئي، مئجسٽريٽ صوبيدار کان ٻانهن ڪٽائي، ڊاڪٽر کي ساڻ ڪري جنرل وارڊ ڏانهن ويو.

ڊاڪٽر مئجسٽريٽ کي سڌو وڃي ان زخميءَ وٽ بيهاريو، جنهن کي ڪلهي وٽان ٻانهن نه هئي.

مئجسٽريٽ زخميءَ کي چيو، ”اسانکي مڙدي خاني مان هڪ ٻانهن لڌي آهي. اسين سمجهون ٿا، هيءَ ٻانهن تنهنجي آهي.“

زخمي دريءَ کان ٻاهر نهاري رهيو هو. سندس منهن ۾ گند هو. ايذاءُ سبب چپ خشڪ ۽ اکيون ڏرا ڏيئي ويون هئس. هن ڪنڌ ورائي مئجسٽريٽ ڏانهن ڏٺو.

مئجسٽريٽ صوبيدار جي هٿ ۾ جهليل ٻانهن ڏانهن اشارو ڪندي چيو، ”منهنجو خيال آهي، هيءَ ٻانهن تنهنجي آهي.“
مريض مئجسٽريٽ تان نظرون هٽائي، ٻانهن ڏانهن ڏسڻ لڳو. ڪجهه دير ڪانپوءِ هن وري مئجسٽريٽ ڏانهن ڏٺو. پڇيائين، ”تنهنجي عمر ڪيتري آهي؟“
مئجسٽريٽ وائڙو ٿي ويو. ڪجهه سمجهه ۾ نه آيس . چيائين، ”مان پنجويهن سالن جو آهيان.“
”مان به پنجويهه سالن جو آهيان. پاڪستان به پنجويهه سالن * جو آهي.“ زخميءَ چيو، ”پنجويهه سالن ۾ هن ملڪ تو جهڙن کي پنجويهه ٻانهون ڏيئي ڇڏيون آهن. مونکان ٻن ٻانهن مان هڪ ٻانهن قري ورتي آهي.“
مئجسٽريٽ اجايو کلڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس شڪل پولي جهڙي ٿي ويئي. چيائين، ”مان حڪومت پاڪستان طرفان توکي تنهنجي ٻانهن موٽائي ڏيڻ آيو آهيان.“
زخميءَ ڪرڙي اک سان مئجسٽريٽ ڏانهن ڏٺو. ڇاڙِيءَ جا هڏا هڪ ٻئي ۾ جڪڙجي ويس. منهن جو رنگ بدلجندو ويس. تڪليف بدران، سندس منهن مان بي پناهه نفرت ظاهر ٿيڻ لڳي.
مئجسٽريٽ کان زخميءَ جي خاموشي ۾ گهائل ڪندڙ گهور برداشت ٿي نه سگهي. چيائين ، ”مان توکي تنهنجي ٻانهن موٽائي ڏيڻ آيو آهيان.“
”مونکان جيئري ڇاڳندي ٻانهن وني، مونکي مئل ٻانهن ڏيڻ آيو آهين!“ زخميءَ ڏند ڪرٽيندي چيو، ”مان فنڪار آهيان. مان مئل ٻانهن کي ڇا ڪندس! مونکي جيئري ٻانهن موٽائي ڏيو.“
ڊاڪٽرن مئجسٽريٽ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”هن جو دماغ خراب ٿي ويو آهي. اسين ڪيس چرين جي اسپتال موڪليندا سين.“
مئجسٽريٽ نه مڙيو. زخميءَ کي چيائين، ”توکي پنهنجي ٻانهن نه گهرجي؟“
”مان مئل ٻانهن ڇا ڪندس!“ زخميءَ چيو، ”پنهنجي حڪومت کي چئه ته مونکي منهنجي جيئري ٻانهن موٽائي ڏئي. مونکي جيئري ٻانهن گهرجي. مان فنڪار آهيان. مان تصويرون ناهڻ چاهيان ٿو. مان ڪوي آهيان. مان گيت لکڻ

چاهيان ٿو. مان سودائي آهيان. مان ڪهاڻيون لکڻ چاهيان ٿو. مونکي منهنجي ٻانهن موٽائي ڏيو. مونکي منهنجي جيئري ٻانهن موٽائي ڏيو.“

مئجسٽريٽ کي وحشت وٺي ويئي. هو ڊاڪٽرن ۽ صوبيدار سميت موٽي ويو.

مڙدي خاني جي وراندي ۾ ايس پيءَ چيس، ”منهنجي مجو . هيءَ ٻانهن مڙدي خاني ۾ رکائي ڇڏيو.“

”نہ.“ نوجوان مئجسٽريٽ چيو، ”مان هن ڪپيل ٻانهن جي وارثن کي ضرورت هٿ ڪندس.“

هن صوبيدار جي هٿ مان ڪپيل ٻانهن ورتي، مٿي ڪري انبوهہ کي ڏيکاريندي چيو، ”هن ٻانهن جو جيڪڏهن ڪو وارث آهي تہ ثابتي ڏيئي ٻانهن وٺي وڃي.“

ٻانهن ڏسي انبوهہ ۾ چرپر، چوٻول ٿيو.

ڪجهہ مرد ۽ عورتون اڳتي وڌي آيا. غور سان ٻانهن ڏانهن ڏسڻ لڳا، جنهن تي رت ۽ مٽيءَ جا چاپڙ چڙهيل هئا.

هڪ ننڍڙي ڇوڪريءَ چيو، ”سائين، اها ٻانهن منهنجي پيءُ جي آهي.“

مئجسٽريٽ ڪنڌ ورائي ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺو. پڇيائين، ”ڪيئن ٿي چوين تہ اها ٻانهن تنهنجي پيءُ جي آهي؟

---

[*] هيءَ ڪهاڻي 1972ع جي آهي.

ڇوڪريءَ وراڻيو، ”منهنجو پيءُ جيئرو آهي. هن کي هڪ ٻانهن ڪانهي.“

مئجسٽريت ڪان ڇرڪ نڪري ويو. پڇيائين، ”ڪڏهن کان تنهنجي پيءُ کي ٻانهن ڪانهي؟“

”مونکي ياد ناهي.“ ڇوڪريءَ وراڻيو ، ”منهنجي ماءُ مونکي ٻڌائيندي آهي تہ منهنجي پيءُ کي ٻئي ٻانهون هونديون هيون. هو سچ لکندو هو. هڪڙي ڏينهن انصاف جا علمبردار آيا ۽ بابا جي اُها ٻانهن ڪپي ويا، جنهن ۾ سچ لکندڙ هٿ هو.“

مئجسٽريٽ هٿ جي اشاري سان ڇوڪريءَ کي پري ڪري بيهاريو. پوءِ انبوهہ ڏانهن ڏسندي چيائين، ”ٻيو ڪو وارث آهي؟“

جهور ڪراڙي عورت ڪنبندڙ آواز ۾ چيو، ”هيءَ منهنجي پٽ جي ٻانهن آهي.“

”ثبوت ڏي مائي“ مئجسٽريٽ چيو.
”هو سورنهن ڪلاڪ ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ ٻہ رپيا ڪمائي وٺندو هو ، جنهن مان اسين هڪ ويلو ماني کائيندا هئاسين ۽ باقي مسواڙ ۽ دوائن ۾ لڳائي ڇڏيندا هئاسين.“ پوڙهيءَ چيو، ”منهنجو پٽ جنهن ڏينهن چار ڇهہ آنا وڌيڪ ڪمائي وٺندو هو ، تنهن ڏينهن ابراهيم بوريءَ جي دڪان تان منهنجي لاءِ جليبيون وٺي ايندو هو.“
”پر تون ڪيئن دعويٰ ٿي ڪرين تہ هيءَ تنهنجي پٽ جي ٻانهن آهي؟“
”مونکي سنڌن جو سور آهي. هو روز رات جو مونکي زور ڏيندو هو.“ ڪراڙيءَ ڪنبندڙ آواز ۾ چيو، ”مان ماءُ آهيان. مان پنهنجي پٽ جي ٻانهن سڃاڻي نہ سگهنديس! هيءَ ضرور منهنجي ئي پٽ جي ٻانهن آهي.“
”تنهنجو پٽ ڇا ڪندو هو، مائي؟“
”هو پيپر پوري وٽ لوسڻ وڪڻندو هو.“ مائيءَ وراڻيو ، ”گذريل فسادن ۾ هڪ ڏينهن جيئن گهران نڪتو، تہ اڄ تائين نہ موٽيو آهي.“
”تون ترس مائي .“ مئجسٽريٽ چيو، ”ٻين کان پڇڻ ڪانپوءِ مان فيصلو ڪندس تہ ٻانهن جو حقيقي وارث ڪير آهي .“
هڪ سترهن- ارڙهن سالن جو ڇوڪرو اڳتي وڌي آيو. ٻانهن ڏانهن غور سان ڏسندي چيائين ، ”مونکي پڪ آهي، تہ هيءَ ٻانهن منهنجي پيءُ جي آهي.“
”ثبوت ڏي.“
”هو گلوب ٽيڪسٽائيل مل ۾ مزدور هو.“ ڇوڪري چيو ، ”هو ڪارخاني مان ڪپڙن جا ٿانَ ڪڍي گدام ۾ آڻي رکندو هو.“
”پر تون وٽ ڪهڙي ثابتي آهي تہ هيءَ تنهنجي پيءُ جي ٻانهن آهي؟“
”جڏهن کان هو فسادن ۾ گم ٿي ويو آهي، تڏهن کان اسان جو گهر لنگهڻ تي آهي.“
”اهو ڪو ثبوت ڪونهي.“
ڇوڪري هڪدم وراڻيو، ”هو ڪپڙي جا ٿان ٻانهن ۾ کڻندو هو . لاڳيتو وزن کڻڻ سبب سندس هڪ ٻانهن رونڊي ٿي وئي هئي. هيءَ ٻانهن بہ رونڊي آهي.“

مئجسٽريٽ چيو، ”هيءَ ٻانهن ڪپجڻ ڪانپوءِ سڪي  ويئي آهي، تنهنڪري رونديءَ تي ڏسجي.“
”پر مونکي پڪ آهي  تہ هيءَ ٻانهن منهنجي پاءُ جي آهي.“
”ان جو فيصلو مان ڪندس.“ مئجسٽريٽ  انبوهہ ڏانهن ڏسندي چيو، ”ٻيو ڪو؟“
هڪ وچولي عمر  وارو شخص  اڳتي وڌي آيو، هو ڏسڻ ۾ عجيب پي لڳو. ڪيس  مٿي تي پراڻو ٽوپلو، ڊگهو ڪوٽ، ڪالر وٺان ڦاٽل قميص ۽ تمام ڍلي پتلون پاتل هئي. ڪيس ڪوٽ جي ڪيسي ۾ اڌ ڊزن فائونٽن پينون ۽ چار ٻارهيون نيريون پينسلون ٽنبيل هيون. هن اڳتي اچي ٻانهن جو معائنو ڪيو. صوبيدار جي هٿ مان ڪپيل ٻانهن وٺي، چڱي طرح جاچي، صوبيدار ڪي موٽائي ڏنائين. پوءِ ٿورو سيٽجي ۽ ٿورو آڪڙجي بيٺو. چيائين، ”مان سرچارلس نيپئر ديسي آهيان.“
غمگين ۽ اُداس  بينل ماڻهن ڪي ڪل اچي ويئي.
”اڙي! توهين ڪلو ٽا!“ سرچارلس نيپئر ديسيءَ چيو، ”وڏا ڪي بيشرم آهيو.“
”ايس پيءَ مئجسٽريٽ ڪي ڪَن ۾ چيو، هيءُ موهن جي دڙي جو گم ٿيل انگريز  نڪ ۾ دم ڪندو.“
”اي ڪوٻلا“ سرچارلس  نيپئر ديسيءَ ايس پيءَ  ڏانهن اشارو ڪندي چيو، ”مان توکي  سڃاڻان ٿو. تون  جيڪب آهين.“
ماڻهو  وري ڪلي پيا.
”ڪلو نہ، روئو — هنجون هاري روئو، ڇو جو توهانکي خبر ناهي تہ هيءَ ڪپيل ٻانهن ڪنهنجي آهي.“ سرچارلس نيپئر ديسيءَ انبوهہ تي نگاهہ ڄمائي ڇڏي.
نوجوان مئجسٽريٽ ڏڪندي ڏڪندي ڪانئس پڇيو، ”سر،  توهانکي خبر آهي تہ هيءَ ٻانهن ڪنهن جي آهي.“
”ڪيئن سائين؟“
”مان 1843ع کان اها  ٻانهن ڪپيندو آيو آهيان.“
”1843ع کان!“

”ها 1843ع کان.“ سرچارلس نيپئر ديسيءَ وراڻيو، ”مان هر دور ۾ اها ٻانهن ڪپيندو آيو آهيان. تنهنڪري مونکي خبر آهي ته هيءَ ٻانهن ڪنهنجي آهي.“
ايس پي چپن ۾ مرڪڻ لڳو. مئجسٽريٽ لونڊڙين تان پگهر اُگهندي سر چارلس نيپئر ديسيءَ کان پڇيو، ”سر، هيءَ ٻانهن ڪنهنجي آهي؟“
”هيءَ ٻانهن جنرل هوش محمد شيديءَ جي آهي،“ سرچارلس نيپئر ديسيءَ وراڻيو.
”جنرل هوش محمد شيدي!“
”ها. جنرل هوش محمد شيدي.“ سرچارلس نيپئر ديسيءَ چيو، ”هر دؤر ۾ مان انهن کي هوشوءَ جي ڪلهي کان ڪپي ڌار ڪندو آهيان، پر وري ٻئي ڪنهن دور ۾ اها ٻانهن هوشوءَ جي ڪلهي سان لڳي جيئري ٿي پوندي آهي. اها ٻانهن ملڪ ۾ وڳوڙ وجهندي آهي. نوجوانن کي هٿياربند جدوجهد جي ترغيب ڏيندي آهي، حاڪمن لاءِ مصيبت پيدا ڪندي آهي. پر هن دفعي مان ان ٻانهن کي پڇي رهندس.“
مئجسٽريٽ ڪانئس پڇيو. ”توهين هن ٻانهن کي ڇا ڪندا، سر؟“
سرچارلس نيپئر ديسيءَ وراڻيو، ”نظريه پاڪستان جي حفاظت ، قومي يڪجهتي ۽ سرحدي بقا لاءِ مان انهن ٻانهن کي هٿ ۾ چمچو ڏيئي ڇڏيندس. چمچو جهلڻ ڪانپوءِ اها ٻانهن هٿيار کڻڻ جي قابل نه رهندي .“
مئجسٽريٽ ڪيس ٺارڻ لاءِ چيو ، ”سر، ٻانهن هر حال ۾ هر صورت ۾ توهانکي ڏني ويندي. في الحال ٻين وارثن جي ڳالهه ٻڌڻ ڏنو .“
”ٻڌبي ٺمري ۽ دادرو آهي.“ سرچارلس نيپئر ديسيءَ چيو، تون تفتيش ڪر، پورلا.“
مئجسٽريٽ پگهر اُگهيو. ايس پي چپن ۾ مرڪيو.
مئجسٽريٽ انبوهه کان پڇيو، ”ٻيو ڪو آهي، هن ٻانهن جو وارث؟“
هڪ نوجوان ڇوڪري انبوهه مان نڪري آئي. هوءَ حسين هئي اُداس ۽ ويرا ڳڻ ٿيڻ ڪانپوءِ وڌيڪ دلڪش ٿي ڏٺي.
ايس پيءَ سڙٻاٽن ۾ مئجسٽريٽ کي چيو، ”هيءَ ڇوڪري رنڊي آهي. نالو فرزانه اٿس.“

فرزانہ ٻانهن وٽ اچي ويٺي. اڪيون روئڻ سبب ڳاڙهيون ٿي ويون هئس. ٻانهن ڏانهن ڏٺائين تہ روئي پئي. سڏڪن ۾ چيائين، ”هيءَ ٻانهن مونکي ڏيو.“

”ثابتي.“

”هيءَ ٻانهن شهمير جي آهي.“

”شهمير ڪيرهو؟“

”شهمير مانجهي مڙس هو. مشڪلن جي اڪين ۾ اڪيون وجهي ڏسندو هو.“

”هو تنهنجو ڪير هو؟“

”چوڪريءَ جون اڪيون رڻ ۾ قاتل هرڻيءَ جي اڪين وانگر وياڪل ۽ وائڙيون ٿي ويون. هن چپر ڪٽي مئجسٽريٽ ڏانهن ڏٺو. چيائين، ”شهمير منهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ هو.“

”تنهنجو مڙس هو؟“

”نہ.“

”توهانجو مڱڻو ٿيو هو؟“

”نہ.“

”تہ پوءِ؟“

فرزانہ منجهي پئي، ڪو جواب سمجهي نہ آيس.

ايس پيءَ مئجسٽريٽ کي آهستي چيو، ”هيءَ رنڊي آهي. هوندس ڪو خاص گراهڪ.“

مئجسٽريٽ چوڪريءَ کي چيو ، ”توکي ثابت ڪرڻو پوندو، تہ تون هن ٻانهن جي وارث آهين.“

چوڪريءَ چيو، ”شهمير هڪ دفعي منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ قابو ڪندي چيو هو، تہ مڙس زندگيءَ ۾ فقط هڪ عورت جو هٿ جهليندو آهي ۽ اها عورت تون آهين. هن مونکي پنهنجو ڪيو هو. هو زماني جي ريتن رسمن جو قائل نہ هو. چوندو هو، تہ مرد جي وچن کان وڌيڪ مضبوط ٻيو ڪوبہ ٻنڌڻ ناهي.“

مئجسٽريٽ چيو، ”پر تو وٽ ڪهڙو ثبوت آهي تہ هيءَ ٻانهن تنهنجي شهمير جي آهي؟“

چوڪريءَ جون اکيون ترسيل ساوڻ وانگر وسي پيون. چيائين ، ”شمير جي هٿ ۾ عمر واري ليڪ تمام وڏي هوندي هئي، پر شهمير ان ليڪ تي ڪڏهن به اعتبار نه ڪيو. هو چوندو هو، ته انسان پنهنجا ليڪا پاڻ ٺاهيندو آهي.“
چوڪري ڳالهائيندي ڳالهائيندي خاموش ٿي ويئي. هوءَ پنهنجن سڏڪن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. جڏهن ڪجهه سامت ۾ آئي تڏهن چائين، ”فسادن جي هڪ وڏي انبوهه سان اڪيلي سر وڙهندي منهنجو شهمير مارجي ويو. هٿ ۾ عمر واري وڏي ليڪ هوندي به هو جوانيءَ ۾ مارجي ويو. فسادي سندس لاش جيپ سان ٻڌي، رستن تان گهليندا ڪٺي ويا. توهين ان ڪپيل ٻانهن جي هٿ ۾ عمر واري ليڪ ڏسو. ضرور وڏي هوندي.“
صوبيدار چيو، ”ٻانهن جو هٿ رهڙجي ويو آهي. سموريون ليڪون ڊهي ويون اٿس.“
”تون ترس.“ مئجسٽريٽ چيو، ”مان ٻين دعوديدارن کان پڇي وٺان.“
”وڏيڪ ڦڏيبازي نه ڪر، مئجسٽريٽ ، پولا ،“ اوچتو سر چارلس نيپئر ديسيءَ ڳالهايو. چيائين، ”تو مونکي پرامز ڏنو آهي، ته اها ٻانهن مونکي ڏيندين .“
مئجسٽريٽ موقعي جي نزاڪت ڏسندي، ڪاوڙ کي قابو ڪندي چيو، ”هيءَ ٻانهن هر حال ۾ توهانکي ڏني ويندي، سر چارلس نيپئر ديسي.“
ٿينڪ يو،“ سرچارلس نيپئر ماٺ ٿي ويو.
مئجسٽريٽ ماڻهن ڏانهن منهن ڪندي وڏي واڪ پڇيو، ”ٻيو ڪو هن ٻانهن جو دعويدار آهي؟“
هڪ منڍڙو پوڙهو گهوڙين تي هلندو اڳتي وڌي آيو. چيائين، ”هيءَ منهنجو پٽ جي ٻانهن آهي.“
”ثبوت.“
”منهنجي دل ٿي چوي ، اها منهنجي پٽ جي ٻانهن آهي .“
”قانون جي نگاهن ۾ دل ڪابه معنيٰ نه رکندي آهي.
”اسانکي ثبوت گهرجي .“

”ثبوت!“
”ها، ثبوت“ مئجسٽريٽ پڇيو ، ”تنهنجي پٽ جو نالو ڇا هو؟“
”خاوند .“ وري هڪدم چيائين، ”خاوند ڏنو.“
”ڇا ڪندو هو؟“
پوڙهي وراڻيو، ”لالو کيت ۾ سنڌي هوٽل ٻاهران پڪوڙا وڪڻندو هو.“
”ڪهڙو ثبوت اٿئي ته هيءَ ٻانهن تنهنجي پٽ جي آهي؟“
پوڙهي جي اکين ۾ پاڻي تري آيو، پر سندس اکين ۾ چمڪندڙ پدري شفقت ۽ ذهانت ٻوڙي نه سگهيو. پوڙهي چيو، ”پيءُ- پٽ جو رشتو ثبوت جو محتاج نه هوندو آهي ، سائين. روح جي ڇڪ سندن ڪسوٽي هوندي آهي.“
”مان مئجسٽريٽ آهيان. فلاسفر ناهيان.“ مئجسٽريٽ چيو، ”ٻانهن حاصل ڪرڻ لاءِ توکي ثبوت ڏيڻو پوندو.“
پوڙهو سوچ ۾ ٻڏي ويو. منهن انيڪ ليڪن ۾ وراهجي ويس. ڪجهه دير ڪانپوءِ چيائين، ”هڪ دفعي منهنجي هڪ گهوڙي ڀڄي پئي هئي. جيستائين ٻي گهوڙي واڍي کان نهرايان، تيستائين مان پنهنجي پٽ خاوند جي ٻانهن جي سهاري هلندو هوس. ها، مونکي ياد آهي. هيءَ ئي خاوند جي ٻانهن آهي. اڃ هو جيئرو هجي ها، ته توهين سندس جيئري ٻانهن سان هيءَ ڪپيل ٻانهن ڀيٽي ڏسو ها. پوءِ اعتبار ڪريو ها.“
مئجسٽريٽ کي پوڙهي جو ثبوت قانون جي دائري کان ٻاهر لڳو. هن پوڙهي کي پري ڪري بيهاري ڇڏيو. هن ماڻهن ڏانهن منهن ڪندي چيو، ”ٻيو ڪو دعويدار آهي؟“
هڪ ڏهن ٻارهن سالن جي ڇوڪري رئي سان اکيون اُگهندي اڳتي وڌي آئي. چيائين ، ”هيءَ ٻانهن منهنجي ياءُ صديق جي آهي.“
”ڇا ڪندو هو تنهنجو ياءُ ؟“
”هو سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ڪلارڪ هو.“ ڇوڪريءَ چيو، ”گذريل فسادن ۾ گهران نڪتو ته ٽڪرا ٽڪرا ٿي گهر وارن کي مليو. ظالم ڪيس ڪُهي وڌي ، هڪ ڳوڻ ۾ وجهي راتو واهه اسان جي ڏيڍيءَ آڏو ڇڏي ويا هئا.“

ڇوڪري اوچنگارون ڏيئي ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

مئجسٽريٽ پڇيس، ”تو وٽ ڪو ثبوت آهي، ته هيءَ ٻانهن تنهنجي ڀاءُ جي آهي؟“

ڇوڪري منجهي پيئي. روئڻ بند ٿي ويس.

مئجسٽريٽ ورائي پڇيس، ”ٻانهن تي ڪو داغ ، ڌڪ جو نشان يا ٽر وغيره هوس؟“

ڇوڪريءَ جون آليون اکيون چمڪڻ لڳيون. چيائين، ”فسادن کان ٻه ڏينهن اڳ اسان سندس مڱڻو ڪرايو هو. مون سندس هٿ تي مينڌي لاتي هئي. ڏسوس، ان هٿ تي مينڌي ضرور لڳل هوندي.“

مئجسٽريٽ صوبيدار ڏانهن ڏٺو.

صوبيدار چيو، ”ٻانهن سڪي، ڪارانجي ويئي آهي. ٻيو ته هٿ بلڪل چليل آهي، رهڙجي ويو آهي. مينڌيءَ جو نالو نشان به ناهي.“

ڇوڪري مايوس ٿي ويئي. آليون اکيون اُگهندي ڀري وڃي ويٺي.

ان کان اڳ جو مئجسٽريٽ ڪپيل ٻانهن جي ٻئي ڪنهن دعويدار کي سڏ ڪري، سرچارلس نيپئر ديسيءَ وڏي واڪ چيو، ”اجائي جک ٿو مارين، مئجسٽريٽ موڳا.“

ڪجهه ماڻهو ٽهه ٽهه ڪري کلي پيا.

مئجسٽريٽ کي خار وٺي ويا. هن ڪجهه کهري لهجي ۾ چيو، ”توهين ماٺ ڪري ويهو، سر چارلس نيپئر ديسي.“

”اڙي ماٺ ڪري وري ڪيئن ويهان!“ سر چارلس نيپئر ديسيءَ چيو، ٿوري دير ۾ اها ٻانهن جيئري ٿيڻي آهي. ٿوري دير ۾ وري ممڻ مچڻو آهي. ٿوري دير ۾ وري نظريه پاڪستان ۽ اسلام خطري ۾ پوڻو آهي. تنهنڪري دير نه ڪر، مئجسٽريٽ، پولا. اها ٻانهن مونکي ڏي ته هٿ ۾ ڇمڇو ڏيئي ڇڏيانئس. پوءِ اِها ٻانهن گڙٻڙ نه ڪندي.“

مئجسٽريٽ کي هڪ اٽڪل سجهي آئي. چيائين ، ”سر چارلس نيپئر ديسي ، مون فيصلو ڪيو آهي ته هيءَ ٻانهن توکي ڏيئي ڇڏيان.“

”تو زندگيءَ ۾ پهريون دفعو صحيح فيصلو ڪيو آهي، مئجسٽريٽ پولا.“
سرچارلس نيپئر ديسيءَ چيو، ”ان ٻانهن جي هٿ ۾ چمچو اچڻ ڪانپوءِ تاريخ ۾ وري ڪڏهن بہ هوشو شيدي پيدا ٿي نہ سگهندو.“
”توهان بلڪل صحيح فرمايو آهي.“ مئجسٽريٽ چيو، ”توهين چمچو ڪٽي اچو، اسين هيءَ ٻانهن توهانجي حوالي ڪنداسين.“
”مان چمچو ڪٽي ٿو اچان.“ سرچارلس نيپئر ديسيءَ چيو، ”پر ياد رک. متان ڪا پرپٺ بدمعاشي ڪئي اٿئي، مئجسٽريٽ پولا.“
سرچارلس نيپئر ديسي هليو ويو.
مئجسٽريٽ پڳهر اُگهي ايس پيءَ ڏانهن ڏٺو، جيڪو مٿس ذري گهٽ ڪلي رهيو هو.
مئجسٽريٽ انبوهہ ڏسندي چيو، ”هن ڪپيل ٻانهن جو ٻيو ڪو دعويدار آهي ڇا؟“
انبوهہ مان ڪو جواب نہ آيو. پُراسرار ماٺ ماحول کي گهيرو ڪري ويئي.
هن ٻيهر پڇيو، ”هن ٻانهن جو ٻيو ڪو وارث آهي ڇا؟
تڏهن اوچتو، هڪ تمام ننڍو ٻار، جيڪو مشڪل سان پنڌ ڪرڻ لائق هو، اڳتي هليو آيو. هو هلندو اچي ڪپيل ٻانهن جي پرسان بيٺو. ٻار جو قد ڪپيل ٻانهن کان ننڍو هو. هن مئجسٽريٽ کي تمام چٽي آواز ۽ لهجي ۾ چيو، ”مان هن ڪپيل ٻانهن جو وارث آهيان.“
مئجسٽريٽ ۽ ايس پي کان ڇرڪ نڪري ويو. ايتري ننڍڙي ٻار کي اهڙي چٽي نموني ڳالهائيندي ٻڌي ٻنهي کي بدن ۾ سياٽو محسوس ٿيو.
ٻار چيو، ”ان ٻانهن ۽ منهنجي وچ ۾ جيڪو رشتو آهي، سو زمان ۽ مڪان جي پابندين کان آزاد آهي. مان ان ڪپيل ٻانهن جي آڱر جهلي محبت ۽ نفرت، ڪوڙ ۽ سچ جي ڇڪتاڻ ۾ ڇجندڙ ماحول ۾ هلندو آهيان. پوءِ هلندي هلندي، جڏهن مان جوان ٿيندو آهيان، تڏهن اها ڪپيل ٻانهن تاريخ تي پوندي آهي. وقت جا ويري تاريخ سان پڄي نہ سگهندا آهن. هو منهنجي ٻانهن ڪپي ڇڏيندا آهن. وري ڪو

ٻار ان ڪپيل ٻانهن جي آڱر جهليندو آهي ۽ تاريخ ٺهندي ويندي آهي. هيءَ ڪپيل ٻانهن منهنجي آهي ۽ مان ئي هن ٻانهن جو وارث آهيان.“

پوءِ ان ڪان اڳ جو ڪنهن کي خبر پئجي سگهي تہ ڇا ٿي رهيو هو، ٻار هٿ وڌائي ڪپيل ٻانهن جي سڪل آڱر ۾ مٺ وڌي. ٻانهن صوبيدار جي هٿ مان ڇڏائجي ويئي. صوبيدار دهشت ۾ خوف کان هٽي ويو. مئجسٽريٽ ۽ ايس پي پٽ سان لڳي بيهي رهيا. هر ڪو پنهنجي جاءِ تي پنڊ پهڻ ٿي ويو.

ڪپيل ٻانهن هوا ۾ آيي ٿي بيٺي، ائين ڄڻ ڪنهن غيبي انسان جي ڪلهي سان لڳل هئي. ٻار جي مٺ ڪپيل ٻانهن جي آڱر ۾ لوهہ ٿي ويئي. ٻار وک وڌائي. ٻانهن هوا ۾ لڏڻ لڳي ۽ ٻار جي وک وک سان وڌڻ لڳي. ٻانهن تي سڪل رت ۾ مٽيءَ جا ڇاپڙ آلا ٿيڻ لڳا. ڏسندي ڏسندي، ٻانهن مان ٿمندر رت ۾ ٻار جو آڱر جهليل هٿ آلو ٿي ويو. ٻار ڪپيل ٻانهن جي آڱر جهلي اڳتي وڌندو ويو.

# هڪ دور جو ماتم

هڪ نوجوان عورت ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ دريءَ وٽ اچي بيٺي ۽ هڪ مروڙيل پرس مان پئسا ڪڍڻ لڳي. سندس اٽيا وار چڳون تي اجرڪ ڪان ٻاهر لٽڪي رهيا هئا. اکيون اُداس ۽ اُجهاميل هئس. ياني ته، دل جو ڪنول ڪومائجي ويو هوس. منهن مان بي انتها مايوسي بڪي رهي هئس. ڪيس ٻانهن ۾ پنجن—ڇهن مهينن جو ٻار هو. ڏهين ڏهين رپئي جا ٻه نوٽ ڪائونٽر تي رکندي چيائين، ”روهڙي.“

مون ڪيس روهڙيءَ لاءِ ٿرڊ ڪلاس جي ٽڪيٽ، بچيل ريزگاري ۽ ڪجهه نوٽ موٽائي ڏنا. هن ڳڻڻ بنا پئسا ڪائونٽر تان کڻي ورتا.

چيم، ”پيسا ڳڻي ڇڏ.“

”ٺيڪ هوندا،“ هن وراڻيو.

”تڏهن به،“ مون ڳالهائڻ چاهيو، پر پوءِ منهنجي نگاهه جڏهن سندس اُباٽڪي چهري تي پيئي، ته اتيئي رهجي ويئي. دل سيني جي قيدخاني ۾ ڦٿڪي پيئي. منهنجو شعور ۽ لاشعور ڏونڌاڙجي هڪ ٻئي سان ملي وري ڏار ٿي ويا. وقت وڏي ويندو آهي، پر پٺيان يادگيرين جا ڪيرٽر جبل ڇڏي ويندو آهي. ڪيس ڏٺم ته ڪيرٽر، برندر جبل وانگر ڦاٽي پيو.

هوءَ جيڪڏهن منهنجي مقدر جي ڪاتب نه هجي ها، منهنجي حياتيءَ تي حاوي نه هجي ها، منهنجين يادگيرين جي مالڪ نهجي ها، تڏهن ڪيس هرگز سڃاڻي نه سگهان ها. اهڙي هيڻي حال ۾ هوءَ ڪنهن اوپري عورت وانگر ٽڪيٽ وٺي هلي وڃي ها ۽ مان اوپري ڪلارڪ وانگر نصيب جو فريب کائي ويهان ها. ڪيس نظرانداز ڪري ڇڏيان ها.

”هوءَ ڪائونٽر تان ڪنيل پئسا ۽ ٽڪيٽ پرس ۾ رکي پليٽ فارم ڏانهن هلي ويئي.

روح اتفاق جي ٻڙڇيءَ سان گهائل ٿي پيو. مون پنهنجي ساٿي ڪلارڪ کي چيو، ”مان ٿوري دير لاءِ ٻاهر ٿو وڃان.“

ڪلندي پڇيائين، ”وري ڪنهن پاڇولي پٺيان پيو وڃين ڇا؟“

مون ڪيس جواب نہ ڏنو. پليٽ فارم ڏانھن ھليو ويس.

ھوءَ ٽي اسٽال تي بيٺي ھئي. چانھ جو ڪوپ ھٿ ۾ ھوس. مان پريان بيھي ڪيس ڏسڻ لڳس.

ٽن سالن ڪانپوءِ ڪيس ڏٺو ھوم.

ٽن سالن ۾ ھوءَ خزان جي علامت ٿي ويئي ھئي. ھوءَ ڪنھن دردناڪ گيت جي آلاپ وانگر اُداس ۽ سُر سامونڊيءَ جي وائيءَ وانگر وياڪل ھئي. گھڙيءَ ڪن سوچيم تہ ھوءَ شميم نہ ھئي، ٻي ڪا عورت ھئي، پر اکين جي اُلڪي سوچ ڪي تياڳ ڏنو. مون دل جي خالي ۽ ويران عبادتگاھ ۾ سندس ڇڏيل يادگيرين جي دونھي ڏانھن ڏٺو. عبادتگاھ جي گنبذ مان مونکي منھنجي ئي ھڪ گيت جي صدا ٻڌڻ ۾ آئي- ”دل اُجڙي، دنيا اُجڙي ، اُجڙيو ھي سنسار.“ اجڙيو مان ھوس. محبت جي چوٽ مون ڪاڏي ھئي. شميم جي تصور سان دل جي دنيا مون آباد ڪئي ھئي. مان ئي ھوس، جنھن پيار جي بازي ھارائي، گيتن ۽ ڪويتائن سان اندر جي اوساٽ اجھائڻ جي آس لڳائي ھئي. پر ناڪام، ناڪام ۽ ھر دفعي منھنجا گيت منھنجي اندر ۾ آڳ لڳائيندا ھئا. مون باھ برھ جي ٻاري آ، مون دل جي وستي ساڙي آ.“ مان ڏکن جي ڏيھ جو واسي آھيان. اُداسيون منھنجو مقدر آھن.

پر شميم ڪي اُداس ڏسي اکين تي اعتبار نہ آيو. ھوءَ ٽي سال اڳ جڏھن يونيورسٽيءَ ۾ سوشيالاجي ۾ ايم اي ڪري رھي ھئي، تڏھن وقت ۽ حالتن تي حاوي ھئي. ھوءَ آدرشي (Idealist) ھوندي ھئي. سموري سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪنھن ڇوڪري يا ليڪچرار يا پروفيسر تي اک نہ ٻڌندي ھئس. ھوءَ ڳالھائيندي سيني سان ھئي، پر تمام رسمي ۽ رواجي نموني.

ھوءَ مون سان منھنجن گيتن ۽ ڪويتائين تي ڳالھائيندي ھئي. ڪڏھن يونيورسٽيءَ جي ڪاريڊارن ۾ بيھي ۽ ڪڏھن ڪليل ميدانن ۾ وک وک ڪٽيندي. مونکان اڪثر ھڪ سوال پڇندي ھئي، ”تون رومانٽڪ شاعري ڇو ڪندو آھين؟“ مان سندس انھيءَ عجيب سوال کي ھميشھ نظرانداز ڪري ڇڏيندو ھوس. تخليقي عمل جي باري ۾ ڳالھائڻ کي مان خام خيال سمجھندو

آهيان. تخليقي عمل ۾ حالتن سان گڏوگڏ طبيعت جي لاڙي ڪي وڏو دخل هوندو آهي پر هڪ دفعي مون شميم جي ان سوال تي، ته مان رومانوي شاعري جو ڪندو آهيان، وراڻيو هوم، ”شميم، مون هڪ ڇوڪريءَ سان محبت ڪئي آهي. منهنجي محبت جي انتها اها آهي، جو مونکان اڳ تاريخ جي جنهن به دور ۾ ڪنهن مرد ڪنهن عورت سان بي انتها محبت ڪئي آهي، ته اُهو مرد مان هوس. مان محبت جي عظيم روايت کي برقرار رکڻ لاءِ هر دؤر ۾ ايندو رهيو آهيان ۽ هر دفعي هڪ بيوفا عورت جي انڪار جي بڙڇي کائي مرندو رهيو آهيان.“

منهنجي ان مبهم جواب تي هوءَ منجهي پيئي هئي. مونکان ورجائي ورجائي ان ڇوڪريءَ جي باري ۾ پڇڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين، پر مون ڪيس اهو چئي چپ ڪرائي ڇڏي هئي ته ”جيڪڏهن اها ڇوڪري منهنجي محبت جي شدت، منهنجي پيار جي سچائي ۽ چاهت جي چريائي محسوس ڪري نٿي سگهي ته پوءِ يا هوءَ پٿر جي نهيل آهي يا منهنجين آهن ۾ اثر ناهي. مان اسڪولي ڇوڪرن وانگر پنهنجي هڪ طرفيءَ محبت جو اظهار نه ڪندس.“

ان ڪانپوءِ، هڪڙي ڏينهن جڏهن شميم مونسان آخري دفعو ملي هئي، تڏهن چيو هئائين، ”آدرشي اڪثر بد نصيب هوندا آهن، جوڪين پنهنجي پسند جو ساٿي نه ملندو آهي. مان خوشنصيب آهيان. مونکي منهنجو آدرشي ساٿي مليو آهي. هو به مون وانگر انقلاب ۽ طبقاتي ڪشمڪش کان آجي معاشري جو حامي آهي. اسين ايندڙ آچر تي شادي ڪنداسين.“

هوءَ جڏهن مونکي ڇڏي هلي ويئي هئي، تڏهن مون پنهنجي ڊائري ۾ لکيو هو، ”منهنجو معبود، منهنجي اندر جو عبادتگاهه ويران ڪري، مونکان هميشه لاءِ ڌار ٿي ويو آهي. اڄ ڪانپوءِ ميران ٻائيءَ جا ڀڄن منهنجي دل جي ڀڄڻ جي شاهدي ڏيندا. اڄ ڪانپوءِ جيڪو به دردمند دل وارو انسان ڪاشيءَ کان ڪالڪان تائين ميران ٻائيءَ جا ڀڄن ٻڌندو، مونکي ياد ڪندو.“

منهنجو معبود منهنجي سامهون بيٺو هو.

شميم جي هٿ ۾ چانهه جو ڪوپ هو ۽ هوءَ ڪوپ مان سپ سپ پيري رهي هئي.

مان سندس آڏو وڃي بيٺس. هن مونڏانهن نہ ڏٺو. سوچ جي صحرا ۾ ڀٽڪي رهي هئي.
مون آهستي سندس نالو ڪنيو، ”شميم.“
هن ڪجهہ اچرج مان ڪنڌ مٿي ڪٽي مونڏانهن ڏٺو. چهرو اهڙو اُداس هوس، جو سندس منهن مان ڪنهن بہ تاثر جو اندازو لڳائي نہ سگهيم . هوءَ اک چنڀڻ بنا مون ڏانهن ڏسندي رهي. مون سندس هٿ مان چانهہ جو ڪوپ وٺي ڪائونٽر تي رکيو.
چيائين، ”توکي پهرين نظر ۾ سڃاڻڻ مشڪل هو.“
وراڻيم، ”۽مون ڪانسواءِ توکي بہ ڪو سڃاڻي نہ سگهندو.“
آهستي چيائين ، ”وقت گهاٽو آهي.“
چيم، ”فقط ڪجهہ انسانن لاءِ — مون جهڙن لاءِ.“
”نہ.“ وراڻيائين، ”دير يا سوير، هرڪو ان گهاٽي ۾ پيڙجي ويندو آهي.“
”مان توسان بحث نہ ڪندس.“ چيم ، ”جيڪي سوير ان گهاٽي ۾ پيڙجي وڃن ٿا، سي مون وانگر مايوسيءَ جي علامت ٿي جيئن ٿا.“
شميم غور سان مون ڏانهن ڏٺو. چيائين، ”ٿن سالن ۾ تون ڪيترو نہ بدلجي ويو آهين!“
سندس هنج ۾ جهليل ٻار کي مون پيار وچان ڳل تي ٺڦڪي ڏني. ٻار کلي پيو.
پڇيو مانس، ”پٽ آهي، يا ڌيءَ؟“
ٻار کي پيار ڪندي چيائين، ”پٽ.“
پڇيومانس، ”نالو ڇا رکيو اٿيس؟“
ٻار کي مٿي ڏيندي وراڻيائين، ”نالو اٿس- هيموڪالاڻي.“
هڪ مسلمان ڇوڪري پنهنجي ٻار جو نالو هيموڪالاڻي رکي! ايڏي همت ٻئي ڪنهن مرد يا عورت ۾ نہ ڏٺي هيم.
چيم، ”تون عظيم آهين، شميم.“
وراڻيائين، ”مان سنڌو درياهہ جو وهڪرو آهيان. وهان پيئي. هڪ ڏينهن غمن جي سمنڊ ۾ گم ٿي وينديس.“

پڇيومانس، ”روهڙيءَ ڪنهن ڏانهن پيئي وڃين؟“
ورائي پڇيائين ، ”توکي ڪيئن خبر پئي ته روهڙي پيئي وڃان؟“
وراڻيم ”مان حيدرآباد اسٽيشن تي بڪنگ ڪلارڪ آهيان. تو مونکان روهڙيءَ جي ٽڪيٽ ورتي هئي.“
”ته تون تون.“ هوءَ ڪجهه چوندي چوندي هٻڪي پيئي. چيم، ”مان تنهنجي اڳڪٿيءَ جي بلڪل برخلاف سي. ايس پي آفيسر تي نه سگهيو آهيان.“
”مون اهو ڪٿي چيو هو. مون ته چيو هو، چيو هو، ته......“ هوءَ لفظن جي ڄار ۾ ڦاسي پيئي. ڪو جملو ٺاهي نه سگهي.
مون ڪجهه اچرج مان ڏانهس ڏٺو.
ٽي سال اڳ هوءَ جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي هئي، تڏهن بيحد هوشيار ۽ چالاڪ هئي. ڳالهائڻ جي بلا هوندي هئي. جملا ٺاهي ماڻهن کي منجهائي، وجهندي هئي. هڪ ته سانوري سلوٽي، مٿان جو اترادي لهجي ۾ ڳالهائيندي هئي، پاڻ ته دل تي راتاهو ڏيئي ڇڏيندي. ڪيس ڏسڻ ڪانپوءِ مان ائين پائيندو هوس، ته جنهن مومل کي اکين ۾ الماس ۽ مجاز جا انبور هئا ۽ جيڪا دل وارن کي ٻڌا پاڻ هٽندي هئي، سا مومل شميم کان وڌيڪ حسين ۽ گهورن سان ڳهائيندڙ نه هوندي.
هڪ دفعي يونيورسٽي لائبريريءَ ۾ ڪانئس پڇيو هوم، ”لطيف سائينءَ جو سُر مومل راڻو پڙهيو اٿئي؟“
وراڻيو هئائين، ”ها پڙهيو اٿم. ڇو؟“
”ان سُر ۾ هڪ جوڳيءَ جو ذڪر آهي.“
”آهي. پوءِ؟“
”تو اهو جوڳي ڏٺو آهي؟“
”ان سُر ۾ مومل جو ذڪر به آهي،“ شميم پڇيو هو، ”تو اها مومل ڏٺي آهي؟“
وراڻيو هوم، ”ها شميم، مون اُها مومل ڏٺي آهي. ان مومل جو مجاز ڏٺو اٿم، جمال ڏٺو اٿم. مون ڪاڪ ڪنڌيءَ تي ديرو ڪيو آهي. فرق فقط ايترو آهي، جو

هيءَ ويهين صدي آهي ۽ مان اُهو جوڳي ناهيان جنهن تي نينهن جو جَڙاءُ ٿيو هو.“

ان ڳالهہ کي ٽي سال گذري ويا آهن. ان ڏينهن جڏهن ڪيس ڏٺم، تڏهن ائين محسوس ڪيم، ڄڻ مومل پنهنجي ماڙيءَ کي ڏاهي، منجهس ماتمڪدو اڏيو هو. ڄڻ تہ تاريخ جو عڪس ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو هو.

چيم، ”تو منهنجي باري ۾ هڪ دفعي هڪ رايو ڏنو هو.“

چيائين، ”مون توکي هميشہ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو آهي.“

چيم، ”تنهنجو رايو منهنجي ۽ منهنجي شاعريءَ جي باري ۾ هو.“

وراڻيائين، ”مونکي ياد ناهي.“

چيم، ”تو چيو هو، مان فرار وادي، يعني Escapism ۾ اختيار رکندڙ هڪ روماني شاعر آهيان. تنهنجي فيصلي تي مون اڄ تائين راءِ زني نہ ڪئي آهي.“

هن جواب نہ ڏنو. مونکان نظرون بچائڻ لڳي. ڳالهہ ٽارڻ لاءِ پڇيائين، ”ڪراچي ايڪسپريس جو ارائيول ٽائيم ڇا هي؟“

”ڪراچي ايڪسپريس اڄ اڌ ڪلاڪ ليٽ آهي.“ چيم، ”گاڏي اچڻ ۾ چاليهہ منٽ پيا آهن.“

”چاليهہ منٽ!“ هن بيچين ٿي پڇيو.

چيم، ”منهنجي موجودگي جيڪڏهن توکي بيزار ڪندي هجي، تہ پوءِ مان وڃان ٿو.“

مان وڃڻ لاءِ اُٿان هٽي ويس.

شميم سڏ ڪيو، ”ترس.“

مان بيهي رهيس.

چيائين، ”پاڻ مُنجهين، ٻئي کي مُنجهائن، تون ائين ڇو ڪندو آهين!“

وراڻيم، مان ڪاڪ محل جي طلسم ۾ ڦاسي پيو آهيان.“

پڇيائين، ”شاعري ڪندو آهين؟“

”نہ.“

”ڇو؟“

”مونکي حصي ۾ محبت جي ناڪامي ملي آهي. مان پنهنجي مايوسي ٻين جي جهول ۾ وجهڻ نٿو گهران.“

هوءَ خاموش ٿي ويئي.

ڪجھ دير ڪانپوءِ چيائين، ”پاڻ چاليھ منٽ هتي بيٺا هونداسين؟“

مون وقت ڏٺو. چيم، ”هن وقت ٽڪيٽ ڪليڪٽرن جو ڪمرو خالي هوندو. هوءَ پرئين بينچ بہ خالي آهي. جتي مناسب سمجهين اُتي ويهون.“

گهڙي کن سوچڻ ڪانپوءِ چيائين، ”سامهونءَ واري بينچ تي ٿا ويهون.“

مون ٻار سندس هنج مان ونڻ چاهيو. چيائين ، ”پيشاپ ڪري اجايو ڪپڙا خراب ڪري ڇڏيندوءِ. تون هيءَ اٽيچي ڪڻ. “

اسين پليٽ فارم جي آخري حصي ۾ بينچ تي وڃي ويٺاسين. ٻار هن هنج مان لاهي سيمنٽ جي بينچ تي ليٽائي ڇڏيو.

ڪجھ دير خاموس ويهڻ ڪانپوءِ پڇيائين، ”شادي ڪيئہ؟“

”نہ.“

”ڇو؟“

”ڇو جو مان فرار وادي شاعر آهيان.“

چيائين، ”اهو جملو مون بہ- ٽي سال اڳ چيو هو. مون وساري ڇڏيو. توکي ياد آهي. مان پنهنجو جملو موٽائي ونان ٿي.“

وراڻيم، ”تنهنجو جملو مون وٽ منهنجي سڀ کان عزيز ميراث آهي.“

اها ميراث مون بہ — ٽي سال اڳ يونيورسٽي جي فنڪشن مان ميڙي هئي. فنڪشن ۾ ساليانی مئگزين ورهائي ويئي هئي. ان ۾ منهنجا ڪجھ شعر شايع ٿيا هئا. شميم منهنجا شعر پڙهڻ ڪانپوءِ مونکي هٿ جي اشاري سان پاڻ ڏانهن سڏ ڪيو هو. پينڊال جي هڪ نويڪلي ڪُنڊ ۾ شميم چيو هو، ”تنهنجي شاعري سٺي آهي.“

”مهرباني.“

”پر تنهنجي شاعري مقصد کان خالي آهي!“

”ڪيئن؟“

”تنهنجي شاعري انقلابي ناهي.“
”مونکي اهو ٻڌاءِ تہ منهنجي شاعري روايتي آهي، يا جدت واري؟“
”مان فقط ايترو ڄاڻان ٿي تہ تنهنجي شاعري انقلابي ناهي.“
پڇيو هومانس، ”ادب ۾ انقلاب جي معنيٰ ڄاڻين ٿي؟“
وراڻيو هئائين، ”مان ان موضوع تي ٿي ڪلاڪ لاڳيتو ليڪچر ڏيئي سگهان ٿي؟“
پڇيو هيم، ”تہ پوءِ منهنجي شاعري کي فقط روماني ڇو ٿي سمجهين؟“
”ڇو جو ان مان محبت جي اپٽار ٿي ٿئي.“
”جڏهن ڪنهن کي دل ڏبي آهي، تڏهن ائين ئي ٿيندو آهي،“ چيو هوم.
”تو ڪنهنکي دل ڏني آهي؟“
”آهي هڪ اپسرا.“
”اپسرا سان پيار نہ ڪبو آهي.“
”اپسرا سان پيار ٿي وجي تہ پوءِ؟“
کلي پيئي هئي. چيو هئائين، ”تون فرار وادي شاعر آهين.“ شميم جي ان جملي کي مون هيئين سان هنڊايو هو. ان جملي کي پنهنجي ذهن جي ميراث سمجهي ياد جي تهخانن ۾ لڪائي ڇڏيو هوم. شميم کي سالن کانپوءِ ڏٺم تہ اهو جملو ذهن تي تري آيو.
شميم کان پڇيم، ”مان تنهنجي چوڻ موجب فرار وادي شاعر آهيان. مونکي ان جو اعتراف آهي. مونکي ان جو بہ اعتراف آهي، تہ مون زندگيءَ کان شڪست کاڌي آهي. تون تہ آدرشي اصولن جي هئينءَ. پوءِ تو ڇو زندگيءَ کان شڪست کاڌي آهي.“
هڪدم ڇرڪ ڀري پڇيائين، ”توکي ڪيئن خبر پيئي تہ مون شڪست کاڌي آهي؟“
چيم، ”مان تنهنجين اکين ۾ ماتمڪدو ڏسي سگهان ٿو.“
هن جواب نہ ڏنو.

شميم گهڻو اڳ پنهنجي آدرشي (Ideal) ساٿيءَ جي باري ۾ ٻڌائيندي چيو هو، ”مان اهڙي شخص جي منتظر آهيان، جيڪو انقلاب ۽ طبقاتي ڪشمڪش کان آجي سوسائٽيءَ جو حامي هجي.“ ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ شميم ۽ هڪ سياسي ليڊر جي باري ۾ چوٻول هليو هو. هو سياسي جلسن ۽ شاگردن جي ميڙ ۾ تقريرون ڪندو هو. هن وٽ لفظن ۽ جملن جو جادو هو. اسان جڏهن به ڪيس ڳالهائيندي ٻڌو هو، تڏهن متاثر ٿيڻ ڪانسواءِ نه رهي سگهيا هئاسين. هو انقلاب ۽ طبقاتي ڪشمڪش کان آجي سوسائٽي جو قائل هو. هن ۾ هر اها خوبي هئي، جيڪا شميم پنهنجي آدرشي ساٿيءَ لاءِ سوچي هئي.

مون شميم کي چيو، ”غم ۽ خوشي لڪائڻ ناممڪن آهي.“

”شايد.“

”تون اُها ناهين جنهن کان مان ٽي سال اڳ يونيورسٽيءَ مان جدا ٿيو هوس.“

”مان اُها ئي آهيان.“

”زندگيءَ ۾ عظيم خواهش جي تڪميل ڪانپوءِ، تو وانگر ڪو به اُداس ۽ ويڳاڻو نظر نه ايندو آهي.“

هوءَ مونکان نظرون بچائڻ لڳي. پري، پولار ۾ نهارڻ لڳي. صبر جو سمنڊ جو ازلي عذاب جي ايذاءَ کان ڦٽڪڻ لڳو. مون کان رهيو نه ٿيو. اهو ڄاڻندي به ته عورت جو پيار هڪ دفعو حاصل نه ڪرڻ ڪانپوءِ، سموري زندگي ان عورت جو پيار ملي نه سگهندو آهي، مون چيو، ”مون توسان محبت ڪري عيوض ۾ زندگيءَ جي هيڪلائي قبول ڪري ورتي آهي.“

شميم کان ذري گهٽ چرڪ نڪري ويو، اچرج وچان مون ڏانهن ڏٺائين. پڇيائين، ”تون مون سان محبت ڪندو آهين؟“

”ها.“ وراڻيم، ”هڪ محبت اهڙي به هوندي آهي، جنهن جو اظهار نه ڪبو آهي. اُها محبت عذاب وانگر اڪيلي سر ڀوڳڻي پوندي آهي.“

”پر...... پر......“

”ڄاڻان ٿو تون شادي شده عورت آهين. مونکي تو سان اهڙيون اڻنگيون ڳالهيون ڪرڻ نه گهرجن.“

”پر تو تہ...... ڪڏهن بہ!“
”يونيورسٽيءَ ۾ تو ڪڏهن بہ مون سان.....“
”محبت جو اظهار نہ ڪيو هو؟“
”ها. تو ڪڏهن بہ پنهنجي محبت جو اظهار نہ ڪيو هو.“
”منهنجي شاعريءَ جو مرڪز تون هئينءَ.“ وراڻيم، ”مان تنهنجي آرزو، تنهنجي تمنا، تنهنجي حسن ۽ تنهنجي الفت جي شاعري ڪندو هوس. اهوئي منهنجي اظهار جو نمونو هو. موٽ ۾ مونکي بي انتها محرومي ملي آحي. اج شاعريءَ بدران وچوڙو منهنجي وجود جو حصو آهي.“
شميم حيرت ۽ پشيمانيءَ وچان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. چيائين، ”تون هڪ دفعو تہ پنهنجي اندر جو حال اورين ها. فقط هڪ دفعو!“
”تو ڪي آدرشي ساٿيءَ جي ڳولا هئي ۽ مان، بقول تنهنجي، فرار وادي شاعر هوس.“ آهستي، پر چٽي آواز ۾ چيم، ”پر اصل ۾ آدرشي مان آهيان. تون منهنجو آدرش هئينءَ. توکي حاصل ڪري نہ سگهيم، تہ پنهنجي زندگيءَ اڪيلاين کي نذرانو ڏيئي ڇڏيم. هيئر ٻڌاءِ تہ آدرشي ڪير آهي، تون، تنهنجو مڙس، يا مان؟“
هن جواب نہ ڏنو. اڪين مان اٽتڻ ظاهر ٿيڻ لڳس.
”مان طبقاتي ڪشمڪش ۾ تمام هينين طبقي جي نمائندگي ڪندڙ آهيان ۽ پيڙجي رهيو آهيان.“ پڇيومانس، ”تون ۽ تنهنجو مڙس ڪڏهن تا معاشري کي طبقاتي ڪشمڪش مان آزاد ڪرايو؟“
ڏک وچان پڇيائين، ”مون تي ٺٺولي ٿو ڪرين؟“
چيم، ”مان آپگهات ڪري سگهان ٿو، پر توتي ٺٺولي تہ پري رهي، تنهنجي باري ۾ هڪ لفظ غلط اُچاري نٿو سگهان.“
ڪجهہ سوچي، پوءِ ڳالهايائين، ”طبقاتي ڪشمڪش کان نجات جي باري ۾ پئي پڇيئہ نہ!“
ڪيس جواب نہ ڏنم. فقط ڏانهس ڏٺم.

شميم چيو، ”اسانجي معاشري ۾ طبقاتي ڪشمڪش ٻئي نمبر جو مسئلو آهي. پهريون مسئلو انفرادي پَرمار آهي، جنهن ۾ هڪ وڏيڪ ذهين انسان، ٻين گهٽ ذهين انسانن کي پنهنجي ذاتي مقصد ۽ ذاتي غرض لاءِ بي واجبي نموني استعمال ڪندو آهي.“

شڪ ٻيهر جي ڪنڊي وانگر منهنجي دل ۾ چڀي ويو. پڇيومانس، ”پنهنجي گهريلو زندگيءَ مان خوش آهين نه؟“

هيٺيون چپ ڪنبڻ لڳس. ڪاڏيءَ ۾ کُپ پئجي ويس. پڇيائين، ”تون ڪڏهن ٿو شادي ڪرين؟“

”مان ڪنهن به ٻئي عورت سان شادي ڪري، ساڻس ۽ پنهنجي پيار سان بيوفائي ڪرڻ نٿو گهران.“ چيم، ”مان سڄي عمر شادي نه ڪندس.“

شميم بيچين ٿي پيئي. ٻار کي ڪٽي هنج ۾ ليٽايائين.

پڇيائين، ”گاڏي اچڻ ۾ ڪيتري دير آهي؟“

”پنج منٽ.“

”فقط پنج منٽ!“

”ها.“

”تو پنهنجي باري ۾ ڇا سوچيو آهي؟“

”مون ڪڏهن به پنهنجي باري ۾ نه سوچيو آهي؟“

”منهنجو مطلب آهي......“ هوءَ جملو پورو ڪري نه سگهي.

ورائي ڪانئس پڇيم، ”تنهنجو گهر وارو ڪيئن آهي؟“

جواب ٿارڻ لاءِ چيائين، ”اُتي نه وڃ پليٽ فارم وٽ ٿا هلي بيهون.“

چيم. ”تو منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو، شميم.“

هن منهن ورائي منهنجين اکين ۾ نهاريو. چيائين، ”اڳاٽو توکي ٻڌايو هوم نه، ته انفرادي پرمار اسانجي سوسائٽيءَ جو پهريون مسئلو آهي، جنهن ۾ هڪ وڏيڪ ذهين انسان، ٻين گهٽ ذهين انسانن کي پنهنجي ذاتي مقصد ۽ غرض لاءِ بي واجبي نموني استعمال ڪندو آهي.“

”مان سمجهان ٿو، تون ......“ جملو پورو ڪري نہ سگهيم. بيحد ڏک وچان چيائين، ”منهنجي گهر واري هڪ ٻئي ڇوڪريءَ کي پاسو ڏيئي گهر آڻي ويهاريو آهي.“
حيرت وچان پڇيم، ”ٻي ڇوڪري!“
”ها.“ شميم وراڻيو، ”وٽس وڃڻ کانپوءِ خبر پيم تہ مان بہ پهرين ڇوڪري نہ هئس. هو بيحد ذهين آهي. هن هميشہ پنهنجي ذهانت جو ڀرپور فائدو کنيو آهي.“
لائوڊ اسپيڪر تي پنجابي گاڏڙ اڙدوءَ “ ريل جي اچڻ جو اعلان ٿيو، اسين پليٽ فارم ڏانهن هليا آياسين.
گاڏيءَ جي دريءَ تي منهن رکندي پڇيائين، ”مونکي اجا چاهين ٿو؟“
وراڻيم، ”مان تنهنجي حڪم تي ريل آڏو ليٽي سگهان ٿو.“
پوءِ هوءَ ٽڪ ٻڌي مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. اکين تي پاٽيءَ جو تهہ چڙهي آيس. اُداس منهن مان ٻي انتها مايوسي ٻکڻ لڳس. پوءِ ٿڌل ڦتل لهجي ۾ چيائين، ”منهنجي آدرشي گهر واري مونکي طلاق ڏني آهي.“
”شميم!“ مونکان آهہ نڪري ويئي.
وسل ٿي. گاڏي چُرڻ لڳي. مان گاڏيءَ سان گڏ هلڻ لڳس.
التجا ڪندي چيم، ”شميم مان تنهنجي زندگيءَ جي خال کي پنهنجي حياتيءَ سان ڀريندس.“
گاڏيءَ جي رفتار وڌڻ لڳي. مان تيز هلڻ لڳس. چيم، ”لهي آءُ شميم.“
شميم جي اکين مان لڙڪ لڙي پيا.
ريل سان گڏ پليٽ فارم تي ڊوڙندي چيم، ”زنجير ڇڪي گاڏي بيهار.“
گاڏيءَ جي رفتار وڌي ويئي. مان پوئتي رهجندو ويس. شميم دريءَ مان پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍيو. مون هٿ وڌائي سندس هٿ کي جهلڻ چاهيو، پر آڱريون پاڻ ۾ ڇهي ڌار ٿي پون.
شميم روئيندي چيو، ”مان توکي وساري نہ سگهنديس.“

گاڏي مونکي پليٽ فارم تي ڇڏي اڳتي هلي ويئي. جيستائين دز جو ڪوهيڙو اکين آڏو نہ آيو، مان شميم ڏانهن ڏسندو رهيس. هوءَ دريءَ مان منهن ڪڍي مون ڏانهن ڏسي رهي هئي.

# سنڌي گدڙ اِن (IN) اسلام آباد

مان دامن ڪوهه جي سپ ڪان مٿاهين چوٽيءَ تي ويٺو هوس ۽ ڪڏهن ڪاموڙڪي شهر اسلام آباد ڏانهن ۽ ڪڏهن اڻ- ڪوتيل قديم آثارن ڏانهن ڏسي رهيو هوس. دامن ڪوهه مارگلہ ٽڪرين جي هنج ۾ ناهيل تفريح گاهه آهي. گهاٽن وڻن ۽ ٻوٽن جي اوٽ ۾ اڪ ٻوٽ لاءِ نهايت مناسب مقام آهي ۽ ان مقصد لاءِ نهايت پابنديءَ سان استعمال ٿي رهيو آهي. بس، ڪڏهن ڪڏهن ڪو تقدير جو ماريل جوڙو پوليس وارن جي ور چڙهي ويندو آهي ۽ رنگ ۾ ڀنگ ڪرائي موٽندو آهي.

مار گلہ ٽڪرين جي اوپر ۾ اسلام آباد آهي ۽ اولهه ۾ اڻ- ڪوتيل قديم آثارن جو سلسلو، جيڪو جهرن جهنگن مان لنگهندو، ٽيڪسيلا ۾ ٻڌمت جي قديم آثارن سان وڃي ملندو آهي. مان اڪثر، شام ويلي، مار گلہ ٽڪرين جي سپ ڪان اُتاهين چوٽيءَ تي وڃي ويهندو آهيان. پهرن جا پهر، ويندي سج لٿي ڪان رات جي پوئين پهر تائين، ڪڏهن جُڙتو شهر اسلام آباد ڏانهن ۽ ڪڏهن ٻڌمت جي قديم آثارن ڏانهن ڏسندو رهندو آهيان. قادر جي ڪرشمن، خاص ڪري پنهنجي بدني بناوت ڏسي ڪڏهن حيران ۽ ڪڏهن پريشان ٿيندو آهيان.

اُن ڏينهن پڻ مان مار گلہ ٽڪرين جي مٿاهين چوٽيءَ تي ويٺو هوس. ڪڏهن اسلام آباد ڏانهن ۽ ڪڏهن ٻڌمت جي قديم، آثارن ڏانهن ڏسي حيران گهٽ ۽ پريشان وڌيڪ ٿي رهيو هوس. مان زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ هڪئي وقت تي حيران ۽ پريشان نہ ٿيندو آهيان. جڏهن حيران ٿيندو آهيان، تڏهن پريشان نہ ٿيندو آهيان ۽ جڏهن پريشان ٿيندو آهيان، تڏهن حيران نہ ٿيندو آهيان. اصل ۾، ان وقت مان پنهنجي بدني بناوت بابت سوچي رهيو هوس ۽ رکي رکي آسمان ڏانهن ڏسي رهيو هوس.

مان هوندءَ تہ ماڻهو آهيان پر، ڪنهن وقت گدڙ ٿي پوندو آهيان. مون کي خبر آهي تہ ماڻهو زندگيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن دور ۾، ڪو نہ ڪو جانور ٿي پوندو آهي- جهڙوڪ، لومڙ، دوکو ڏيڻ لاءِ بگهڙ، چيري ڦاڙي چٽ ڪرڻ لاءِ گڏهہ، صبر جو اعليٰ مثال پيش ڪرڻ لاءِ! تنهن ڪري ماڻهو مان جانور ٿي پوڻ تي مون کي

خاص اعتراض نہ آهي. بس، مونکي اعتراض آهي گدڙ تي پوڻ تي گدڙ بہ ڀلاڪو جانور آهي! گدڙ ڪان بهتر آهي تہ ماڻهو ٻڪر تي پوي!
اُن ڏينهن آسمان ڏانهن ڏسندي مون سوچيو، تہ مان جيڪڏهن ماڻهوءَ مان گدڙ بدران ٻيو ڪو جانور، جهرڪ گهوڙو، گينڊو، ڏيڏر، مانگر مڇ وغيره ڪيو وڃان ها، تہ دنيا جي وهنوار ۾ ڪهڙو فرق پوي ها! سچ اولهہ ڪان نہ اُڀري ها! پر، ماڻهوءَ مان ڪو جانور تي پوڻ تي انسان جي مرضيءَ ڪي دخل نہ هوندو آهي. انسان پنهنجي پسند ۽ خواهش مطابق جانور تي نہ سگهندو آهي. انسان پنهنجي وجود جي ڪنهن ڪرشمي مطابق ڪونہ ڪو جانور تي پوندو آهي. پنهنجي وجود جي ڪرشمن تي مون ڪي سخت ڪاوڙ آهي. مان اڪثر پنهنجي وجود جي ڪرشمن خلاف بغاوت ڪرڻ جي امڪان تي سوچيندو آهيان . منهنجي وجود جا ڪرشما نهايت نامعقول آهن. پنهنجي باس جو دڙڪو ٻڌي ۽ ڪرڙي اک ڏسي منهنجو ساهہ سڪي ويندو آهي .ٽنگن مان سَتُ نڪري ويندو آهي. جسم ڪي ڪنبڻي وٺي ويندي آهي ۽ پوءِ مان ڏسنديئي ڏسندي ماڻهو مان بدلجي گدڙ تي پوندو آهيان
باس جي معنيٰ تہ اوهين سمجهو ٿا نہ! باس، بس (Boss) باس هوندو آهي. ڀوائتو، خوفناڪ، ڊيڄاريندڙ! جتان باس لنگهندو، اُتان جهنگ جا باقي جانور پاسو ڪري ڇُرن ٻرن ۾ وڃي پناهہ وٺندا. متان سمجهو تہ باس جهنگ جي بادشاهہ وانگر شينهن جهڙو هوندو آهي! نہ، نہ. باس ڪنهن بہ صورت ۾ شينهن نہ هوندو آهي. بس، اسين گدڙ تي پوندا آهيون. باس جي ٽُڪ ٻُجي ۾ خوش! جهنگ ۾ جڏهن شينهن نہ هوندو آهي، تڏهن ائين ئي ٿيندو آهي. پولا باس تي پوندا آهن.
مان اسلام آباد جي مرڪزي گيراج ۾ ڪم ڪندو آهيان. گيراج جو هيڊ مستري منهنجو ۽ مون جهڙن انيڪ گدڙن جو باس آهي. اسين سچ پچ جا گدڙ نہ آهيون. اسين بہ اوهان جهڙا ماڻهو آهيون. بس، باس جڏهن اسان جي ٽوپي لاهيندو آهي، بيعزتو ڪندو آهي، خوار خراب ڪندو آهي، تڏهن اسين هڪدم ماڻهو منجهان گدڙ تي پوندا آهيون. ٻين گدڙن جي باري ۾ مون ڪي ڪا خبر ڪونهي. مان

جڏهن ماڻهوءَ مان گدڙ ٿي پوندو آهيان، تڏهن ذلت جي احساس کي گهٽ ڪرڻ لاءِ مار گلہ ٽڪرين جي سپ کان مٿاهين چوٽيءَ تي وڃي بيهندو آهيان.

مون آسمان ڏانهن ڏسندي وڏي واڪ چيو، آخر ڪهڙي ڏوهہ ۾ مون کي ماڻهوءَ مان ڦيرائي گدڙ ڪيو ويو آهي! گدڙ بدران مونکي شينهن ڇو نہ ڪيو ويو آهي! مونکي گدڙ جي سئو سالن واري زندگيءَ کان شينهن جي هڪ ڏينهن واري مختصر زندگي قبول آهي. مونکي نفرت ٿي ويئي آهي ذلت واري زندگيءَ کان- مان مرڻ چاهيان ٿو- مان مرڻ چاهيان ٿو!

اوچتو جهنگ مان آواز آيو، ”ادا ڦتَن.“

مان گدڙ، ڏچي ويس! ڏيپ وچان هيڏانهن هوڏانهن ڏٺم. پري پري تائين مون کي ڪو بني بشر نظر نہ آيو.

وري آواز آيو، ”او ادا ڦتن.“

ڏيپ سان گڏ مون کي ڪجهہ ڪجهہ تعجب ٿيو. تعجب اِن ڪري جو مان ڦتن نہ آهيان ۽ نہ ئي ڦتن جهڙو آهيان. ڦتن منهنجو سوٽ هو. ڪجهہ ڪجهہ ڏَڏِ نو، ڪجهہ ڪجهہ ٿُلهڙو، ڪجهہ ڪجهہ ڪنڊڙو، ڪجهہ ڪجهہ گنجڙو ۽ ڪجهہ ڪجهہ بندرو! عجب مخلوق هو، پر، تڏهن بہ ماڻهو هو. ڏيپ وچان مون وانگر گدڙ نہ ٿي پوندو هو. سئو سالن واري زندگيءَ بدران هو خودڪشيءَ جي باري ۾ سوچيندو هو ۽ هڪڙي ڏينهن پنهنجي خونخوار زال کان گهبرائجي روهڙيءَ وٽان درياهہ ۾ وڃي ٽپو ڏنو هئائين. يار دوست درياهہ ۾ لهي پيا: ٽوٻا آيا. مهاڻا ڄار ڪٽي آيا، پر ڦتن جو لاش هٿ نہ آيو. اِها خبر جڏهن ڦتن جي زال کي پيئي، تڏهن هوءَ لامارا ڏيندي، ڏند ڪڙڪائيندي، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ وچان درياه جي ڪپ تي وڃي بيٺي ڏيپ وچان درياءَ بہ اڌ ٿي پيو. درياءَ جي ڦاٽل پيٽ ۾ ماڻهن کي ڦتن جو لاش نظر آيو. هو لاش درياهہ جي پيٽ مان ڪڍي آيا ۽ پوءِ جيئن ئي هو ڦتن جي زال جي ويجهو پهتا تہ اوچتو ڦتن جو لاش ڏيپ وچان رڙ ڪري وٺي درياهہ ڏانهن ڀڳو- ٻيهر خودڪشي ڪرڻ لاءِ! زالهنس ڪٽي ڪنڌ ۾ هٿ وڌس. ڇڪي گهر وٺي آيس، جتي مُلن جي حوالي ڪري ڇڏيائنس، جن ڪيس وينجهاري سينجهاري، ڪفن ۾ ويڙهي دفن ڪري ڇڏيو. دفن ٿيڻ مهل ڦتن مون کي چيو

هو تہ منهنجي زال کي منهنجي قبر جي ويجهو اچڻ نہ ڏجانءِ، هوءَ جيڪڏهن منهنجي قبر جي ويجهو آئي، تہ پوءِ مان قبر مان نڪري وري ٻيو دفعو خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ٿي پوندس!

ڦتن جي خودڪشيءَ جو مون کي ڏک آهي. پر، ڦتن جي خودڪشيءَ واري جذبي تي مون کي ريس ايندي آهي. هن مري ڏيکاريو، مون ۾ مرڻ جي همٿ نہ آهي. مون ذلت کي قبول ڪيو آهي.

”ادا ڦتن، ڇا پيو سوچين؟“ ڄڻ غيب مان آواز آيو.

مون کي ڪنبٽي وٺي ويئي. سوچيم، پڪ منهنجو باس آهي ۽ غيبات جو روپ ڌاري مون کي ڊيڄارڻ آيو آهي. هبڪندي هبڪندي چيم، ”باس، اوهين غيبات ٿيڻ جي تڪليف نہ وٺو. اوهين فقط پنهنجو غضبناڪ چهرو مبارڪ ڏيکاريو. مان انشا الله تعاليٰ قيامت تائين اوهانکان ڊڄندو رهندس.“

اوچتو، وڻن ٽڻن ۾ چرپر ٿي. هڪ بزرگ سائي جامي ۽ پاجامي ۾ منهنجي سامهون اچي بيٺو. سندس پيرون، مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جا وار برف جهڙا اڇا هئا. ڏاڍو نوراني چهرو هوس. اهڙي روپ ۾ هڪ انسان کي جهنگ مان نڪري، ظاهر ٿيندي ۽ پاڻ ڏانهن وڌندو ڏسي سوچيم، ضرور منهنجو باس آهي ۽ منهنجو امتحان وٺڻ لاءِ غيبي بزرگ جو روپ ڌاري آيو آهي. مونکي ڏڪٽي وٺي ويئي. گيسي ڪندي چيم، ”باس، خدا جي واسطي اوهين روپ مٽائي مون مسڪين گدڙ جو ساهہ نہ سُڪايو. اوهين عقل ڪُل آهيو. ڌرتيءَ ۽ آسمان جي رازن جا ڄاڻو آهيو. عالم الغيب آهيو. مان مسڪين گدڙ زندگيءَ ۾ بار بار ذليل ۽ خوار ٿيڻ لاءِ اوهان آڏو موجود آهيان.“

بزرگ چيو، ”مان تنهنجو باس نہ آهيان، ڦتن.“

”باس.“ مان سجدي ۾ ڪري پيس. ليلائيندي چيم، ”باس، خدا جي واسطي منهنجو امتحان نہ وٺو، مان فيل ٿي پوندس. اوهين منهنجا عظيم باس آهيو ۽ مونکي ذليل ۽ خوار ڪرڻ لاءِ روپ مٽائي آيا آهيون.“

”تو کي ڇا ٿي ويو آهي، ڦتن!“ بزرگ تعجب جو اظهار ڪندي چيو، ”تون ماڻهوءَ مان گدڙ ڪيئن ٿي پيو آهين!“

مون غور سان بزرگ ڏانهن ڏٺو. سندس لهجو نرم ۽ سڀاجهو هو، تنهن ڪري هو مونکي پنهنجو باس محسوس نہ ٿيو. مون سُک جو ساهہ کڻندي پراسرار بزرگ کي چيو، ”مان ڦتن نہ آهيان. تنهڪري ماڻهوءَ مان گدڙ ٿي پيو آهيان. ڦتن هجان ها تہ جيڪو گدڙ بدران شينهن ٿي پوان ها ۽ گدڙ واري سئو سالن جي زندگيءَ تي شينهن واري هڪ ڏينهن جي زندگيءَ کي ترجيح ڏيان ها ۽ گهڻو اڳ خودڪشي ڪري ڇڏيان ها.“

پوڙهي بزرگ چيو، ”پر مون کي لڳي ٿو تہ تون ڦتن آهين.“

”منهنجيون حالتون سوٽ ڦتن سان ملندڙ جلندڙ ضرور آهن، پر مان ڦتن نہ آهيان.“ ادب سان چيم، ” ڦتن پنهنجي مرڪزي زال هٿان خوار خراب ٿيندو هو ۽ مان پنهنجي مرڪزي باس هٿان خوار خراب ٿيندو آهيان. ها، هڪڙي ڳالهہ اوهان کي ٻڌائي ڇڏيان، تہ، مرڪزي زال ۽ مرڪزي باس ۾ تمام معمولي فرق هوندو آهي.“

سبز پوش بزرگ سوچ ۾ پئجي ويو. مون ڏانهن غور سان ڏسندي پڇيائين، ”مار گلہ ٽڪرين جي سڀ کان مٿاهين چوٽيءَ تي ڪهڙي خيال کان اچي بيٺو آهين؟ خودڪشيءَ جي خيال کان؟“

مون کان ڇرڪ نڪري ويو. چيم، ”مون کي پنهنجي گدڙ واري زندگيءَ کان نفرت آهي پر مون اڃا تائين خودڪشيءَ جي باري ۾ سنجيدگيءَ سان نہ سوچيو آهي.“

بزرگ پڇيو، ”تہ پوءِ ڪهڙي خيال کان مار گلہ ٽڪرين جي سڀ کان مٿاهين چوٽيءَ تي اچي بيٺو آهين؟“

مان منجهي پيس. مار گلہ ٽڪرين جي سڀ کان مٿاهين چوٽيءَ تي اچي بيٺو آهيان! آسمان سان هم ڪلام ٿيڻ لاءِ! باس کان فرار حاصل ڪرڻ لاءِ! پر، زندگيءَ ۾ باس کان فرار ٿيڻ ممڪن نہ آهي. باس هر هنڌ، هر روپ ۾ موجود هوندو آهي. گهر ۾ ڪڏهن مڙس، تہ ڪڏهن زال جي روپ ۾! اسڪول ۾ ماستر جي صورت ۾! قاصائي، ٽيڪسيءَ وارا، هوٽلن جا بيرا، ريلوي جا بڪنگ ڪلارڪ، پوليس وارا، خاص ڪري ايس ايچ او، ڊاڪٽر وغيره سڀ اسان جا باس

هوندا آهن- هميشه ڪاوڙيل، مڇريل ۽ غضبناڪ! جن يا راڪاس ڏيڇاري يا نه ڏيڇاري، پر باس ضرور ڏيڇاري!

”مونکي پڪ آهي ته تون ڦتن آهين.“ بزرگ چيو، ”۽ خودڪشيءَ جي خيال کان مار گهه جي سپ کان مٿاهين چوٽيءَ تي اچي بيٺو آهين.“

مون کي بزرگ درويش جو ضد نه وڻيو. مون وڏي واڪ چيو، ”مان ڦتن نه آهيان-مان ڦتن نه آهيان.“

”اڙي ڪنهن سان پيو ڳالهائين؟“ پوئين پاسي کان ڪنهن تمام کُهري آواز ۾ پڇيو.

منهن ورائي ڏٺم. پوليس وارن جو ٽولو هو. سيئي ڄڻا خدا جي فضل سان ڏاڍا صحتمند هئا. منهنجي آڏو اچي بيٺا. پڇيائون، ”ڪنهن سان پيو ڳالهائين؟“

”هن سان پئي ڳالهايم.“ منهن ورائي سبز پوش پراسرار بزرگ ڏانهن ڏٺم. حيرت وچان پنڊپهڻ ٿي ويس. بزرگ موجود نه هو. الوپ ٿي ويو هو.

پوليس وارن چيو. ”چوڪري شايد جهنگ ۾ وڃي لڪي پيئي آهي.“

وائڙو ٿيندي چيم، ”ڪهڙي چوڪري!“

”سياڻو نه ٿيءُ، ٻچا!“ هڪ ٿلهي پوليس واري چيو، ”جنهن چوڪريءَ سان ڳالهائيندي اوچتو وڏي واڪ سمجهه ۾ نه ايندڙ لفظ ڳالهايا هيئه سا چوڪري،

پوليس وارن جي نيت سمجهي ويس. هو جهنگل ۾ منگل ڪرڻ وارن جوڙن جي ڪڍ هئا ۽ سندس رنگ ۾ ڀنگ جو پڪو ارادو ڪري آيا هئا.

پڇيائون، ”چوڪري ڪٿي آهي؟“

ڪلڻ جي ڪوشش ڪندي چيم، ”توهان کي غلط فهمي ٿي آهي. مون ڪنهن ۾ چوڪريءَ سان نه پئي ڳالهايو.“

ڪرڙي اک ڪندي پڇيائون، ”ته پوءِ ڪنهن سان پئي ڳالهايوءِ؟“

چيم، ”توهان کي يقين نه ايندو.“

وراڻيائون، ”سياڻو نه ٿيءُ. اجايو موچڙا کائيندين.“

مون هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. پُر اسرار سبزپوش بزرگ جهڙي نموني ظاهر ٿيو هو، تهڙي نموني الوپ ٿي ويو هو.

پوليس وارن جي ٽولي مان ڪجهه ڄڻا جهنگ ۾ ڪاهي پيا. ڏهه- پندرنهن منٽ وڻن ٽڻن ۽ ٻوٽن ۾ لنيون ۽ ٽڏا هڻي موٽي آيا. پنهنجي برجستي سردار کي چيائون، ”جهنگ ۾ ڇوڪري موجود نه آهي.“

سردار ٽنڊ تي ٽوپي رکندي چيو، ”جهنگ ۾ ضرور ڪو خفيه رستو، يا ڪو پيچرو آهي، جتان ڇوڪري ڀڄي ويئي آهي.“

”سردار صاحب.“ چيم، ”اوهان يقين ڪريو، مون ڪنهن به ڇوڪريءَ سان نه پئي ڳالهايو. اصل ۾ مون هڪ سبزپوش بزرگ سان پئي ڳالهايو.“

”وڏو چالاڪ آهين!“ سردار وک ڪن اڳتي وڌي آيو.

چيائين، ”اجايو پنهنجي ڪل نه لاهراءِ.“

”مان اوهان کي ڪيئن يقين ڏياريان ته، هتي، اصل هن جاءِ تي، جتي اوهين بيٺا آهيو، هڪ بزرگ اچي بيٺو هو.“ مون کي پڻ پنهنجي ڳالهه تي يقين نه پئي آيو. چيم، ”هو اوچتوئي اوچتو، جهنگ مان نڪري آيو هو.“

هو منهنجي چريائپ تان کلڻ لڳا. سندن بيهودي نموني کلڻ مون کي نه وڻيو.

ڪجهه ڪجهه خفي ٿيندي چيم، ”پراسرار سبزپوش بزرگ، اُنهن سبزپوش بزرگن جهڙو هو جيڪي اٺويهه سئو پنجهٺ واري جنگ دوران مغربي پاڪستان ۾ ظاهر ٿيا هئا ۽ هندستاني هوائي جهازن مان اُڇلايل بم گولا جهپي، وات ۾ وجهي اُڳري ويا هئا.“

هڪڙو پوليس وارو فلسفين جهڙو هو- مٺو موڪرو، نڪ ڦٽل، چپ ٿلها، ڪاڏي نِنڊيڙي! غور سان ڏسوس ته جهڙو ڏيڏر! هن پنهنجي برجستي سردار ڏانهن ڏسندي چيو، ”اِن قسم جا ڪجهه سبزپوش بزرگ اٺويهه سئو اڪهتر واري جنگ دوران جيڪڏهن مشرقي پاڪستان ۾ پيدا ٿي پون ها، ته پوءِ جيڪر مشرقي پاڪستان هميشه لاءِ مشرقي پاڪستان رهي ها، بنگله ديش ٿي نه سگهي ها.“

”نهيو، مجيوسين ته تو ڪنهن پراسرار بزرگ سان پئي ڳالهايو.“ سردار، پنهنجي فلسفي پوليس واري جي ڳالهه کي اهميت نه ڏيندي مون کان پڇيو ، ”پر آخر ۾ تو وڏي واڪ سمجهه ۾ نه ايندڙ ڪهڙو لفظ ڳالهايو هو؟“

وراڻيم، ”سبزپوش بزرگ مون کي ڦتن سمجهي ويٺو هو. مرن بيزار ٿيندي وڏي واڪ چيو هو، ته، مان ڦتن نہ آهيان.“

هو سڀيئي حيران ٿيا. پڇيائون، ”ڦتن ڪير آهي؟“

ڪين ٻڌايم، ”ڦتن منهنجو سوٽ هو، جنهن ذلت جي زندگيءَ تي موت کي ترجيح ڏني هئي- ۽ مون عزت جي موت تي ذلت جي زندگيءَ کي ترجيح ڏني آهي. مان گدڙ آهيان- گدڙ آف روهڙي سنڌ.“

”تہ تون سنڌي آهين؟“ سردار، مشڪوڪ نظرن سان مون ڏانهن ڏسندي پڇيو.

”ها، سائين.“ وراڻيم، ”مان سنڌي آهيان.“

پوليس وارن جي اٿالي پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪيو. پوءِ، سندن سردار چيو، ”اڄڪلهہ سنڌ ۾ ڌاڙيلن خلاف مهم وڏي پيماني تي شروع ڪئي ويئي آهي. اسان کي پڪ آهي تہ تون ڪو خطرناڪ سنڌي ڌاڙيل آهين ۽ روپوش ٿي اسلام آباد ڪان اچي نڪتو آهين.“

سندن انڪشاف تي مان حيران گهٽ ۽ پريشان وڌيڪ ٿيس. مان اوهان کي ٻڌائي چڪو آهيان تہ مان هڪئي وقت تي حيران ۽ پريشان نہ ٿيندو آهيان. جڏهن حيران ٿيندو آهيان، تڏهن پريشان نہ ٿيندو آهيان ۽ جڏهن پريشان ٿيندو آهيان، تڏهن حيران نہ ٿيندو آهيان. پوليس وارن جي ڳالهہ ٻڌي مان حيران نہ ٿيس. مان پريشان ٿيس.

چيم، ”مان اسلام آباد جي مرڪزي گيراج ۾ ڪڏهن ڪلينر ۽ ڪڏهن ڊينٽر تي ڪم ڪندو آهيان. پڱل، ٽٽل، ردي ۽ بيڪار گاڏين جا گهٻ ڪڍندو آهيان ۽ پراڻين گاڏين کي چمڪائيندو آهيان. ڪنهن ڪنهن وقت پنهنجي باس، يعني هيڊ مستريءَ جي هٿان خوار خراب ٿيڻ ڪانپوءِ مر گلہ جي سپ ڪان متاهين چوٽيءَ تي اچي ويهندو آهيان- ۽ پنهنجي گدڙ ٿي پوڻ واري حادثي تي سوچيندو آهيان.“

پوليس جي اٿالي، وارن ڪان پيرن تائين غور سان منهنجو جائزو ورتو. ڏندين آڱريون ڏيتي خاموشيءَ سان مون ڏانهن ڏسندا رهيا. سندن گهور ۾ مان سُسندو ويس- سُسندو ويس! رت بدران خوف منهنجين رڳن ۾ ڊوڙڻ لڳو. متي تي هٿ رکي. ان ڌرتيءَ تي ويهي رهيس.

مون فرار جي راهه لاءِ واجهايو. مار گله ٽڪرين جي سپ ڪان مٿاهين چوٽيءَ تان اولهه طرف ڏٺم. ٽيڪسيلا تائين پکڙيل جهرن جهنگن ۾ ٻُڌمت جي قديم آثارن جو سلسلو نظر آيو. اوڀر ڏانهن ڏٺم. اسلام آباد جو جُڙيل جديد شهر، زندگيءَ جي جزا ۽ سزا ڪانسواءِ ساهه کڻي رهيو هو. سندس رستا آڪسيجن گيس جي سلينڊرن مان نڪرندڙ نلڪين وانگر نظر آيا. آسمان ڏانهن ڏٺم. آسمان ڏاڍو بيرونق، اوپرو ۽ پرايو نظر آيو. ڌرتي اهڙي، جهڙو پرديس!

تڏهن اوچتو، پوليس وارا ٺهه ٺهه ڪري ڪلي پيا، هو ڏاڍو ڪليا. مضبوط مرڪز جا مضبوط پوليس وارا هئا. ڏاڍا صحتمند هئا. ڪِلي ڪِلي ڪيرا ٿي پيا.

فلسفي پوليس واري مون ڏانهن اشارو ڪندي چيو، ”هيءُ ته گدڙ آهي! اسين گدڙ سان ڳالهائي رهيا آهيون. وڏا ڪي چريا آهيون!

هو ڪلندا، ٺهڪ ڏيندا ۽ مون کي پٺتر هٽندا مار گله ٽڪرين جي هنج ۾ ناهيل تفرح گاهه ”دامنِ ڪوهه“ ڏانهن هليا ويا. اُن وقت مون کي موت ۾ وڏيڪ معنيٰ محسوس ٿيڻ لڳي ۽ پنهنجي گدڙ ٿي پوڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ اچڻ لڳي.

اوچتو، ڪنهن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو. مون منهن ورائي ڏٺو. سبز پوش پراسرار بزرگ بيٺو هو. ڪيس ڏسي مان نه حيران ٿيس ۽ نه پريشان ٿيس. ٽِڪ ٻڌي ڏانهس ڏسندو رهيس.

”قتن!“ بزرگ پڇيو، ”ذلت واري زندگيءَ تي، عزت جي موت کي ڪڏهن ترجيح ڏيندين! خودڪشي ڪڏهن ڪندين!“

مون رنجَ وچان سبزپوش بزرگ ڏانهن ڏٺو. سندس چپن تي پراسرار مرڪ هئي. ڪيس پڪ هئي، ته مان ئي قتن آهيان!

مون وڏي واڪ چيو، ”مان قتن نه آهيان نه آهيان تڏهن ته ذلت واري زندگيءَ کي عزت جي موت تي ترجيح ڏيئي رهيو آهيان.“

مون کي پنهنجو آواز مقبرن مان ايندڙ صدا وانگر محسوس ٿيو. مان اُتي بيهي رهيس. مٽيءَ جي مُٺ پري، منهن مٿو پيوت ڪري ڇڏيم. هيڏانهن هوڏانهن ڏٺم. اڪيلو هوس. وايو منڊل ۾ ڪو به موجود نه هو. لفظن ۽ جملن جي موت ايندي

رهي، ”عزت جي موت تي مون ذلت جي زندگيءَ کي ترجيح ڏني آهي- مان ڦتن نہ آهيان. مان ڦتن نہ آهيان.“

تڏهن، آسمان ڏانهن ڏسندي چيم، ”مونکي آپگهات جي توفيق ڏي- توفيق ڏي.“

عرش خاموش رهيو.

ٻڏمت جي قديم آثارن مان صدين جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ آيو، ”زندگي ڏک آهي- زندگي ڏک آهي.“

# رني ڪوٽ جو خزانو

ميهڙ ڪان سڏ پنڌ تي جڏهن گولي هلي هئي، تڏهن سوين ماڻهن منهنجي پتڪڙي پٽ عاقل کي ميدان ۾ بيٺل ڏٺو هو. پر پوءِ اهو اوچتو ئي اوچتو گم ٿي ويو هو. ڪجهه ماڻهن کيس گولي کائيندي ڏٺو هو.

هڪ پوڙهيءَ چيو، ”مون تنهنجي پٽ کي گولي کائي آسمان ڏانهن اُڏامي ويندي ڏٺو آهي.“

مونکي پوڙهيءَ جي ڳالهه تي اعتبار نه آيو.

پوڙهيءَ پنهنجيءَ ڳالهه تي زور ڏيندي چيو، ”پنهنجن اکين سان مون کيس اُڏامندي ڏٺو هو. گولي کائڻ کان پوءِ تنهنجي پتڪڙي پٽ پنهنجيون ٻئي ٻانهون اُپيون ڪيون هيون ۽ ان کانپوءِ هو رت وهائيندو آسمان ڏانهن اُڏامي ويو هو.“

پوڙهيءَ جي منهن تي گُهنجن جو ڄار وڇايل هو. پنيءَ جو ڪنڌو ڪمان ٿي ويون هوس. ڪنڌ لاڳيتو هاڪار ۾ لڏي رهيو هوس. هوءَ الاءِ ڇو مونکي ڏاڍي پُر اسرار محسوس ٿي. مونکي کانئس ڪجهه ڪجهه وحشت ٿيڻ لڳي.

پوڙهيءَ چيو، ”منهنجيءَ ڳالهه تي يقين نه اچيئي ته ميدان ۾ وڃي ڏس. اجا تائين مٽي تنهنجي پٽ جي رت سان آلي هئي.“

مونکي افسوس ٿيڻ لڳو ته مون پنهنجي ٽن سالن جي پٽ کي ميهڙ ڇو آندو هو. مان پنهنجي مامي علڻ سان ملڻ ۽ کانئس رني ڪوٽ جي خزاني جو راز پڇڻ آيو هوس. علڻ منهنجو مامو هو. منهنجي پٽ عاقل جو مامو نه هو. سڀ کان وڏي ڳالهه ته منهنجو پٽ عاقل اڃا مس ٽن سالن جو هو. رني ڪوٽ جو گم ٿيل خزانو هن لاءِ اهم نه هو. رني ڪوٽ جو خزانو منهنجي لاءِ اهم هو. امان مونکي يقين سان ٻڌايو ته رني ڪوٽ ۾ املهه خزانو دفن آهي، جنهن تي انئي پهر ڪاريهرَ پهرو ڏيندا آهن.چاليهه ميلن جي پکيڙ ۾ خزانو ڪنهن مخفي هنڌتي دفن ٿيل آهي. انيڪ انسان خزاني جي تلاس ۾ موت جو ٻَڪُ ٿي ويا آهن. پر خزاني جو اَنت ۽ پتو لهي نه سگهيا آهن. امان چيو هو ته سندس ڀاءُ علڻ، يعني منهنجو مامو خزاني جي راز کان واقف آهي. کيس خبر آهي ته رني ڪوٽ جو خزانو ڪهڙي هنڌ پوريل آهين

مون پڪو فيصلو ڪيو تہ مان پنهنجي مامي علڻ سان ضرور ملندس. هو ميهڙ ۾ ٽيلر ماسٽر آهي، پر ڪوشش جي باوجود اڄ تائين شيرواڻي سبي نہ سگهيو آهي. تنهنڪري هو علاقائي يا صوبائي ٽيلر ماسٽر آهي. منهنجو مامو قومي ٽيلر ماسٽر ٿي نہ سگهيو آهي. هو پهراڻ ۽ وڏي گهير واريون شلواروں سبندو آهي ۽ ڪنهن کي بہ رني ڪوٽ جي خزاني جو راز نہ ڏيندو آهي.

مون ڪراچيءَ کان ميهڙ وڃڻ جو جڏهن پڪوپهہ ڪيو، تڏهن منهنجي زال سُڪان چيو، "عاقل کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃجاءِ."

ڪانئس سبب پڇيم تہ چيائين، "رني ڪوٽ جو خزانو ڪوٽيندي تون پڪ پوڙهو ٿي ويندين. تو ڪانپوءِ تنهنجو پٽ رني ڪوٽ جو خزانو ڏرتيءَ جي تهن مان ڪوٽي ڪڍندو."

مون سُڪان کي چيو، "تون آهين تہ منهنجي چاچي ميرل جي ڌيءَ، پر ڳالهيون افلاطون جي ڌيءَ جهڙيون ڪندي آهين. مان پنهنجي پٽڪڙي پٽ عاقل کي ميهڙ وٺي ويندس. مان ناڪام ٿيس، تہ مون ڪانپوءِ منهنجو پٽ رني ڪوٽ جي خزاني جو وراث ٿيندو."

بنا اطلاع ڏيڻ جي مان پنهنجي پٽڪڙي پٽ عاقل کي ساڻ ڪري سڌو وڃي ميهڙ کان نڪتس. گهر وڃڻ بدران ماما جي دڪان تي وڃي نڪاؤ ڪيم. ان وقت ماما شيرواڻي ڻاهن جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ پنهنجي ڪوشس ۾ ناڪام ٿي رهيو هو. هن اول مونکي نہ سڃاتو. هن آخري دفعي مونکي تڏهن ڏٺو هو، جڏهن هو ڪَنَ جي آپريشن ڪرائڻ لاءِ ڪراچيءَ آيو هو ۽ اسان جي گهر اچي ٽِڪيو هو. تڏهن مان اين- جي- وي هائي اسڪول ۾ پڙهندو هوس ۽ ٽڪليون گڏ ڪندو هوس. ميهڙ مان آيل مامي جا ڪن مونکي سيهڙ جي ڪنن جهڙا محسوس ٿيا هئا، ميهڙ ۾ مونکي ڏسي هن نہ سڃاتو. هڪ نگاهہ مون تي ۽ ٻئي عاقل تي وجهي هو شيرواڻي ڻاهڻ جي جدوجهد ۾ جُنبي ويو. مون ڪيس سڏ ڪيو، "ماما علڻ."

ماما ڪان ذري گهٽ چرڪ نڪري ويو. هو قينچي رکي اٿي بيٺو. ڪافي ٿلهو ۽ بيحد ڪونئرو هو. ڪيس ڀاڪر پائي مِليم تہ ڪتڪائيءَ سبب ڪلي پيم. ماما

هڪدم مونکي سڃاتو. پوءِ عاقل کي پيار ڪندي عاقل جي باري ۾ پڇيائين. چيم، ”منهنجو پٽ آهي. آهي تہ ٽن سالن جو، پر الاءِ ڇو ڏاڍو پتڪڙو آهي.“

”تون ڇا ٿو سمجهين!“ ماما چيو، ”ٽن سالن جو ٻار تو يا مون جيڏا ٿيندا آهن!“

عليڪ سليڪ ڪرڻ کانپوءِ ماما مون کان ميهڙ اچڻ جو سبب پڇيو. سبب ٻڌائڻ کان اڳ کيس ڳُڙ جا پوڙيندا ڏيندي چيم، ”هي پوڙيندا اوهان جي پيڻ الله وسائي، يعني منهنجي ماءُ اوهان لاءِ موڪليا آهن.“

ماما ڏاڍو خوش ٿيو. اٿنديئي اڌ ڊزن پوڙيندا بيني پير کائي ويو. مون دل ۾ سندس ڏندن ۽ صحت جي تعريف ڪئي. ماما چيو، ”شام ڌاري دڪان بند ڪري گهر هلنداسين. تنهنجي مامي توکي ۽ تنهنجي پٽ کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿيندي.“

مان ۽ عاقل نويڪلا ٿي ماما جي دڪان ۾ ويهي رهياسين. ڪپڙن سبڻ جي مشين هلائيندي ماما پڇيو، ”ماٺهين تہ خوش هئي نہ؟“

”ها، ماما.“ کيس ٻڌايم، ”جڏهن کان عاقل ڄائو آهي، تڏهن کان امان ڏاڍي خوش آهي.“

ماما چيو، ”مان بہ تنهنجي پتڪڙي پٽ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. هن جي مٿي ۾ مونکي مٽيان ٿي نظر اچي.“

مونکي تعجب ٿيو. مون چيو، ”امان بہ هوبهو ساڳيا لفظ اُچاريا هئا. عاقل ڏانهن غور ڏسندي سان چيو هئائين، هن جي مٿي ۾ مٽيا آهي.“

ماما ڪجهہ ڪجهہ فخر سان چيو، ”ڇا ٿو سمجهين! هوءَ منهنجي ڀيڻ آهي.“

مون مٿو ڪنهندي ماما کان پڇيو، ”منهنجي مٿي ۾ مٽيان نہ آهي ڇا؟“

ماما غور سان مون ڏانهن ڏٺو. ٿڏو ساهہ کڻندي چيائين، ”جن کي مٿي ۾ مٽيان هوندي آهي، سي مٿي ۾ مٽيان وارا ٻار پيدا نہ ڪندا آهن ۽ جن کي مٿي ۾ مٽيان نہ هوندي آهي، سي مٿي ۾ مٽيان وارا ٻار پيدا ڪندا آهن. تنهنجي مٿي ۾ مٽيان نہ آهي.“

مونکي ماما ڪجهہ ڪجهہ توائي محسوس ٿيو. هڪ عدد شيرواڻي سبي پاڻ کي قومي درزين جي قطار ۾ بيهارڻ جي آرزوءَ ۾ هو پنهنجي مَتِ وڃائي وينو هو.

ماما کي شايد خبر نہ هئي تہ مٽيان، منهنجي مٽي ۾ نہ، مٽيان منهنجي ڪيسي ۾ هئي. مان نيڪ ناڪ قسم جو ڪامورو آهيان. چگُن چوڪن کي اک چنڀ ۾ ڪاٽ ۾ هٽائي سگهندو آهيان. جهنگل ۾ منگل ڪري سگهندو آهيان. آمدني ايتري اٿم جو سٺڻ جي اُبداڻن ۾ ڪيسا هٽائي ڇڏيا اٿم. ماتحت خوش، تہ اعليٰ آفيسر بہ خوش! لهر نہ ڪو لوڏو. دل ۾ آيو تہ ماما کي چوان تہ مٽيان منهنجي ڪيسي ۾ آهي- مٽيان منهنجي مٽي ۾ نہ آهي تہ ڇا ٿيو! پر مون ماما کي ناراض يا خفي ڪرڻ مناسب نہ پئي سمجهيو. مونکي ڪانئس رني ڪوٽ جي خزاني جو ڏس پڇڻو هو. ڪجهہ محققن جو خيال آهي تہ رني ڪوٽ ۾ سڪندر اعظم جي دور جو خزانو دفن آهي! پر، چاليهہ ميلن جي پکيڙ ۾ خزانو ڪهڙي هنڌ دفن آهي، ان راز جي خبر منهنجي مامي ڪانسواءِ ڪنهن کي بہ نہ آهي.

مان اڪثر سوچيندو آهيان تہ ايڏي وڏي راز کي سيني ۾ سانڍي ماما اجا تائين جيئرو ڪئين آهي! هن کي تہ گهڻو اڳ مري وڃڻ گهربو هو! مونکي رکي رکي اهو خيال بہ ايندو رهيو آهي، تہ ماما پاڻ رني ڪوٽ جي خزاني کي کوٽي هٿ ڇو نہ ڪيو آهي! هو ڇا جي انتظار ۾ آهي! هو ڪنهن جي انتظار ۾ آهي! هو ڪهڙي معرڪي جي انتظار ۾ آهي!

خزاني جي باري ۾ ڳالهہ چوريندي چيم، "ماما، مون ٻڌو آهي تہ رني ڪوٽ ۾ هڪ خزانو دفن آهي!"

ماما ذري گهٽ چرڪي مون ڏانهن ڏٺو. ڪپڙن سبڻ واري مشين هلائڻ بند ڪري ڇڏيائين. چيائين، "ماڻهن هينئر ان افواهہ تي اعتبار ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي."

"اهو فقط افواهہ آهي!"

"ماڻهن ائين ئي هُلايو آهي."

"اِن ۾ هونءَ ڪا بہ صداقت نہ آهي."

"ڪافي لوڀين ۽ نوڳين خزاني جي تلاش ۾ جان جوکن ۾ وڌي آهي، پر ڪين ڪجهہ بہ هٿ حاصل نہ ٿيو آهي."

"اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟"

"منهنجو؟"

”ها، اوهان جو.“

ماما غور سان مون ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ ٽپيءَ ۾ پئجي ويو. هو سوچيندو رهيو. مان سندس جواب جو انتظار ڪندو رهيس. ڪجهه دير ڪانپوءِ ماما چيو، ”رني ڪوٽ ۾ اَمُلهه خزانو دفن آهي. اِن جي مونکي پڪ آهي.“

منهنجيون واڇون ٽڙي ويون. ڪجهه ڪجهه هبڪندي چيم، ”مان خزاني جي تلاش ۾ آيو آهيان.“

ماما چيو، ”توکي ڏسڻ شرط مان سمجهي ويو هوس ته تون خزاني جي تلاش ۾ آيو آهين.“

اميد ڀرين اکين سان ماما ڏانهن ڏسندي پڇيم، ”پوءِ ماما!“ ماما انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيو، ”تون خزانو هٿ ڪري نه سگهندين.“

”چو ماما؟“ تعجب وچان پڇيم.

ماما چيو، ”رني ڪوٽ جوخزانو مون اکين سان ڏٺو آهي. پر، مان خزانو هٿ ڪري نه سگهيس.“

اکر نه اُڪليو. مون ماما ڏانهن ڏٺو. ماما چيو، ”منهنجي مٿي ۾ مٽيان نه هئي. تنهنجي مٿي ۾ به مٽيان نه آهي. رني ڪوٽ جو خزانو اسان جهڙن جي نصيب ۾ نه آهي.“

ڪن پل لاءِ دل ڌڙڪڻ بند ڪري ڇڏيو.

آخري ڪوشش ڪندي چيم، ”پر، اوهان کي گهٽ ۾ گهٽ اِها خبر ته آهي نه، ته خزانو ڪٿي پوريل آهي!“

ماما هلڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

چيم، ”مان ڪوشش ڪري ڏسندس.“

ماما چيو، ”بيسود آهي.“

ماما جي پرسان وڃي وينس. چيم، ”توهان مونکي ڏس ته ڏيو!“ ماما انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيو، ”تنهنجي مٿي ۾ مٽيان ڪونهي.“

”منهنجي مٽي ۾ مٽيان ڪونهي تہ ڇا ٿيو!“ چيم، ”مان پنهنجي پتڪڙي پٽ عاقل کي ساڻ ڪري خزاني جي تلاش ۾ نڪرندس. هن جي مٽي ۾ تہ مٽيان آهي نہ!“
ماما غور سان عاقل ڏانهن ڏسندي چيو، ”ها. هن جي مٽي ۾ مٽيان آهي. دڪان ۾ داخل ٿيڻ شرط مون سندس مٽي ۾ مٽيان ڏسي ورتي هئي.“
”تہ پوءِ الله جو نالو کڻي رني ڪوٽ جي خزاني جو ڏس ڏيو.“ چيم، ”مان ۽ عاقل رني ڪوٽ جو خزانو هٿ ڪنداسين.“
ماما اک ڇنڀڻ بنا عاقل ڏانهن ڏسندو رهيو. سوچيندو رهيو. پوءِ هو ڪاغذ ۽ پينسل کڻي ويهي رهيو. ڏسنديئي ڏسندي رني ڪوٽ جي قلعي جو نقشو ٺاهي ورتائين. پوءِ، نقشي تي منڌيئڙي جا نشان ٺاهيندي ماما چيو، ”قلعي جي ٻاهران اولهہ طرف جبل جي ترائين ۾ هڪ تلاءُ آهي. لهندڙ سج جا ترورا اهڙي نموني تلاءَ تي پوندا آهن جو سمورو تلاءُ سون وانگر جرڪڻ لڳندو آهي- اصل رجيل سون جهڙو لڳندو آهي. اهڙي مهل جڏهن بہ ڪو مٽياندار ماڻهو تلاءَ مان پاڻي پريندو، سو پاڻي اصل ۾ رجيل سون هوندو.“
مان وائڙو ٿي ويس. جهٽ ڏيئي عاقل کي ڪڇ ۾ کڻي ورتم. ان وقت اوچتو ٻاهران گولين هلڻ جو آواز آيو. آواز وڌندو ويو. ائين پئي لڳو، ڄڻ گولين جو مينهن پئي وسو. عاقل هڪدم ٽِپُ ڏيئي منهنجي ڪڇ مان لهي ويو. مون ٻانهن ڊگهيري عاقل کي ٻيهر هنج ۾ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽن سالن جي عاقل هڪدم ست ڏيئي پنهنجي ٻانهن ڇڏائيندي، تمام ڇٽي آواز ۽ لهجي ۾ چيو، ”رني ڪوٽ جي خزاني تي حملو ٿيو آهي، بابا.“
مان وائڙو ٿي ويس. ٽن سالن جي ٻار کي اهڙي ڇٽي نموني ڳالهائيندي ڏسي مون ڪان ڇرڪ نڪري ويو.
عاقل ڊوڙ پائي دڪان مان نڪري ويو. مان ڪنن ۾ آڱريون ڏيئي، دڪان جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيس. ٻئي ڪنڊ ۾ ماما ويهي رهيو. گولين جو مينهن وسندو رهيو. نڪائن جو آواز ماحول ۾ ڏار وجهندو رهيو. شام ٿائين گهڙيءَ

گهڙيءَ کي گهاؤ لڳندو رهيو ۽پوءِ، وقت عارضي طرح مري ويو. گولين جو آواز گم ٿي ويو. سيڪجهه ماٺ ۾ غرق ٿي ويو.

مون ماما ڏانهن ڏٺو ۽ ڏک وچان فقط هڪ لفظ چيو، ”عاقل.“ ماما چيو، ”هو رني ڪوٽ جي خزاني جو محافظ هو. هليو ويو.“

دڪان مان ٻاهر نڪري مون ميدان ڏانهن رخ رکيو جتي گولي هلي هئي.

هڪ ڪان وڏيڪ ماڻهن منهنجي پٽ کي گولي کائي آسمان ڏانهن اُڏامي ويندي ڏٺو هو.

چاهڻ جي باوجود مون ماڻهن جي ڳالهه تي اعتبار نہ ڪيو. سندن ڳالهہ ۽ مشاهدو امڪان جي حدن کان ٻاهر هو. ٻڍن،جوانن، ڳڀرن ۽ ٻارن جي لاشن ۾ مون پنهنجي عاقل کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر عاقل مونکي نظر نہ آيو. مائرون ۽ پيئر پنهنجن پٽن جا، پينرون پنهنجي پائرن جا ۽ سهاڳڻيون پنهنجي وَرَن جا لاش ڪڻي موٽنديون رهيون. پر، مان عاقل کي ڳولي نہ سگهيس.

هڪ پوڙهيءَ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو، ”مون تنهنجي پٽ کي نہ فقط اُڏامندي ڏٺو آهي، مون تنهنجي پٽ کي سج ۾ داخل ٿيندي ڏٺو آهي. ڏس پوڙهيءَ سج ڏانهن آڱر اپي ڪندي چيو ”ڏس سمورو سج رت هاڻو ٿي ويو آهي.“

سانجهيءَ ويلي سمورو آسمان رت لڳل ڪينواس جهڙو ٿي ويو. ازغيبي آرٽسٽ مونکي نظر نہ آيو.

اُها سموري رات مون عاقل لاءِ روئيندي ۽ پاسا ورائيندي گذاري ڇڏي.

ٻئي ڏينهن صبح جو بنا موڪلائڻ جي مان ميهڙ مان رني ڪوٽ ڏانهن روانو ٿي ويس. سوچيم، پُٽ وڃايو اٿم، خزانو ضرور هٿ ڪندس.

ماما جي نقشي مطابق رني ڪوٽ جي قلعي ۾ پٽڪندي، ٿاٻا ڪائيندي، ڪِرندي، ٿيڙ ڪائيندي شام ڌاري مان قلعي جي ٻاهران اولهہ طرف ٽڪر جي ترائين ۾ پهتس. نقشي ۾ ڏنل ڏس مطابق ترائين وٽ پريان ڪان پاڻيءَ جو تلاءُ نظر آيو. ڏاڍو ٿڪل ۽ ٿڪل هوس. اُڃ سبب نڙي ۽ چپ سڪي نوٽ ٿي ويا هئا. مون تلاءَ طرف وڌڻ شروع ڪيو.

ان مهل سج اولهہ طرف لهڻ لڳو- مون سج ڏانهن ڏٺو. سج مونکي رت هاڻو نظر آيو. ان وقت مونکي عاقل ڏاڏو ياد آيو.
عين اُن مهل جڏهن سج اولهہ ۾ غرق ٿي رهيو هو ۽ سندس آخري تِروِرا تلاءَ تي پئجي رهيا هئا، مان تلاءَ جي پِڪ تي پهتس. عجب وچان پنڌ پهڻ ٿي ويس. تلاءَ جو پاڻي رجيل سونَ وانگر نظر نہ پئي آيو. سمورو تلاءُ، رَتُ جو تلاءُ هو.

**(پورو ٿيو)**

پيشڪش : آن لائين ڪتاب گهر

ترتيب : قاسم سنڌي

نوٽ: (هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان ڪٽي پي ڊي ايف جي صورت ۾ آڻي پڙهندڙن جي سهولت لاءِ رکيو ويو)

02/11/2013